سانير جي درسنيءَ تان

چيتن ماڙيوالا

سانيڙِ جي درِسنيءَ ٿان

ليکڪ

چيتنرام ليکراج هاڙيوالا،

اِتهاس اَڌيا پڪ،

جئه هند ڪاليج، بمبئي - ١

ٻه رپيا

ڊسمبر ١٩٦٠] ليکڪ جا حق واسطا محفوظ [ملھ ~~ٽيڻو روپيو~~

آر ایم

آمینؔ

کی

پيش اکر

کيترا دفعا ڪن سڄڻن کي چوندو ٻڌو اٿم ته "لٺ تي هلندين!" سندن شيءِ پاونائون ثابت پون ٿيون يا نه، سو ڏسي وڃبو؛ پر انهيءَ حساب موجب آءٌ حياتي ته واهه جي گذاري چڪي آهي. انهيءَ عرصي ۾ محسوس ڪيو اٿم ته جيون هڪ روچڪ ڪهاڻي آهي. "دنيا آهي هڪ محفل-خانو، موج مناءِ، رنگ رچاءِ." زندگي هڪ رنگين ناٽڪ بڻجي ٿي، بشرطيڪ انسان اُن ۾ دل و جان سان ڀرو وٺي. جيڪي ڀوڳبو، سو لڀبو؛ رنگ رچائبو، ته موج به مڃائبي. هيل توڻي ته حياتي مزي ۾ نبري آهي، ۽ آشا اٿم ته اڳتي پڻ وقت وڻندڙ نموني ۾ نڀندو. حياتيءَ ۾ گهڻو لطف آهي، سو وقت بوقت جدا جدا مخزن ۾ ليکن دوارن پئي نقش ڪيو اٿم. انهن ليکن ۾ مونکي جيون ۾ گهڻو لطف نصيب ٿيو آهي، تنهنجوئي ورنن ڪيو اٿم. اهي ليک ڳچ ماڻهن، ٻين توڙي ٻارن، نينگرن توڙي نينگرين کي وڻيا آهن؛ اها مونکي شخصي ريت ڄاڻ آهي. اهي ڇپيل ليک گڏ ڪري ۽ ساڻن ٻيا ڪجهه نوان شامل ڪري، هيءُ ڪتاب تيار ڪيو اٿم. هن ۾ منهنجي جيون جو ذڪر ٿيو اچي، پر اهو ورنن هر ڪنهن کي پنهنجي جيون ياد ڏياريندو. جيتري قدر سڌ اٿم، تيتري قدر هيءَ

ضروري سوچنا

مهرباني فرمائي هيٺ ڄاڻايل هنڌن تي درستيون ڪندا:

صحيح	غلط	سٽ	صفحو
چوندس	چوندوس	٢	٣
مزاج	مجاز	٦	٦
ڏنائينم	ڏنائيم	٧	١٢
اوري	اوڙي	١٢	١٣
چڏيائين	چڏيائينس	١٩	١٨
نہ حق حقائي ۽	حق حقائي ۽	١١	٣٧
انگلستان	انگستان	٦	٤٩
تماشا گاه	تماشگاه	٢٢	٤٩
ائين. حسابن	ائين حسابن	٢١	٨٠
آهي	هو	٧	٨٣
چيدي ڪتب آڻيندو	چيدي ڳالهائيندو	١٩	٨٧
علم	غلم	١٩	٩٠

ڪجھ لکيو ويو آهي، سو سڀ شڀ ڀاونا سان. ڪنهن کي به جيڪڏهن وقتي ڪجھ ڪڙو لڳي ته اُنکي شڀ ڀاونا جو شربت ڪري مڃجي. اُميد ته سنڌي ڀائرن کي هيءَ ننڍين ڪوشش پسند پوندي. جئه هند.

چيتن ماڙيوالا

سيان، بمبئي-٢٢،
سومر، ٢٦ ڊسمبر ١٩٦٠ع

"آتم ڪهاڻي" سنڌي ساهتيه ۾ پنهنجي نموني جي پهرين رچنا آهي. آس اٿم ته اها ٻين کي پڻ پنهنجي ڪهاڻي بهتر نموني ۾ پيش ڪرڻ ۾ آڀاريندي.

سنڌ ۾ ١٩٤٦ع کان ڪجهه سال اڳ، سنڌ جي اتهاس جي ڪجهه قوله ڪري، تواريخي مضمون لکيا هئم، جنهن سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ قدر سڃاڻي، سرڪار جي اچيل انعام جو حقدار بڻايم. ان تي اهي مضمون گڏ ڪري، هڙان ڳچ پئسا وجهي، "تواريخي مضمون" نالي ڪتاب ڪڍيم، جو سنڌي ساهتيه جي شائقن کي چڱو وڻيو ۽ وڏانئن چڱو داد مليم. ڪن ڄاڻن کي انهن مضمونن مان ايترو ته لطف پهتو، جو هنن مونکي سنڌي ساهتيه جي مضمونن جي هڪ خاص شاخ جو باني ڪري ظاهر ڪيو. منهنجو هيءُ ڪتاب پڻ سنڌيءَ ۾ هڪ نئين رنگ جو ڪتاب آهي. مونکي جي هيل به داد حاصل ٿيو ته پاڻکي خوش-نصيب سمجهندس.

آخر ۾ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جا ٿورا بڄاءِ آڻڻ ضروري ٿو سمجهان. ڇپائڻ کان اڳ ڪتاب جو دستخط ڪيس ڏيکاريو هوم، هن سهڻيون صلاحون ڏنيون، جنهن ڪارڻ ڪتاب موجوده صورت ۾ پيش ٿي سگهيو آهي. آخر ۾ هڪ عرض: هن ڪتاب ۾ ڳچ ماڻهن جو ذڪر ٿيو آهي، جي اڃا حياتيءَ جو لطف پيا ماڻين- شال هميشه ماڻيندا رهن! انهن مڙني نسبت جيڪي

١- ننڍي هوندي

حياتيءَ جي هڪ خاص خوبي اِها آهي جو اُن ۾ رنگيني آهي. اُن ۾ ايترو نه خوش رنگ ڀريل آهي، جو جڏهن وقت نبرندو وڃي، تڏهن جيون ۾ تيئن رنگيني ايندي ٿي رهي، پوءِ ڀلي انسان ڇو نه جهور پيرسن ٿي وڃي. انهيءَ سبب ئي ٻڍيءَ ۾ ٻالڪ جيان ٻيهر رونق وٺڻ جي اَڀلاکا رهي ٿي. پر جيون جي هر پهلوءَ جي رنگ-روپ الڳ ۽ عليحدي، ۽ اُنجي رونق پنهنجي. ٻالڪ، جوان ۽ پيرسن، هرڪو پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ وسي ٿو، ۽ هرڪنهن کي اُن مان پنهنجي پنهنجي قسم جو لطف پراپت ٿئي ٿو. پر ٻالڪ-جيون ۾ اُها ڦولن ۽ سڳنڌ آهي جو پيرسن به اُنکي ڀلجي نٿو-اهي ڏينهن ياد ڪندي هُو ڄڻ نوانيءَ ۾ اچيو وڃي! ٻالڪ- دنيا ننڍڙي ۽ اَڌوري آهي؛ ٻالڪ کي گهر، پاڙي ۽ وڌ ۾ وڌ شهر کان ٻاهر جي ڪا به سڌ سمجهه ڪانهي. پر سندس لاءِ اها محدود دنيا ڪيڏي نه ڪشادي ۽ ڪيتري نه ڀرپور آهي، جنهن ۾ هو اهڙو نه رڌل ۽ رتل رهي ٿو، جو کيس ٻيءَ وسيع دنيا جي ڪا به پرواهه نٿي رهي!! اها روچڪ جيون هو ڀلائي ڀلائي به ڪين ڀلبو.

منهنجي ٻالڪ- جيون ڪراچي شهر جي گاڏي کاتي ۾ گذري. اهو ڪوهنور سنيما وارو اسپتال وارو رستو، منهنجي ٻالڪ جيون جو ٻنيو هو. انهيءَ دنيا جو آندرين

وشيہ سوچي

Printed by Karamchand N. Dewani at the Chandan Printing Press, Hasali Tank Road. Dadar and published by C. L. Mariwalla, Vishranti, Behind Market Sion, Bombay-22.

نه نارو جڻ ڄڻهي ورتو هوو- اوهانجو زر-خريد ٻانهو، ٻيو
مر ڪندو، ۽ جيڪي چوندوس سو هڪدم آڻي حاضر
ڪندو!! حشوءَ جي هٿ اڳيان هڪ ننڍي ڪڏ ڪنيل
هوندي هئي- ڇالاءِ؟ لانوءَ راند ۾ هارائڻ ڪري
لانوءَ کي گهوڙا هڻڻ لاءِ. گوبند گهوڙن هڻڻ ۾ تريناڪ
هوندو هو. غريب لانون ڪڏ ۾ بيهاري، پنهنجي لانوءَ
جي ڇهنبدار نوڪ مڄاز سان، لاڏ ڪوڏ مان جهلي، غريب
لانون تي اهڙي فلڪ سان ڦهڪائيندو هو جڻ شيواجي
مهراج افضل خان تي وار ڪيو- ڏڪ اهو غضب جو
هڻندو هو، جو جيتوڻيڪ اهو لڳندو ڪاٺ جي بيجان
لانوءَ کي هو، پر سياٽ اسانکي پوندو هو، ڏهاڙ اسان
کي ٿيندو هو!! گوبند جو گهوڙو جيڪڏهن آنڊا پڪيون
ڪڍي آڻي ٻاهر نه ڪندو هو، ته ڪرنگهي جو ته
انهيءَ ساعت انت آڻيندو هو- ڪانئس وڌيڪ قهار جلاد
مونکي ڪونه سجهي! ڪوهنور سنيما به واهه جو هو.
انهيءَ وقت ٻولتيون فلمون ڪونه هيون، پر ته به ناٽڪ
۾ اها موج ۽ مزو، جو ڪٿان ٿي دل رهي! ماسٽر وٺل ۽
ماسٽر ٻچوءَ جي فلم جو اعلان نڪري مس- بس اسانجي
صرفي ڪرڻ جي سر ٽوڙ ڪوشش چالو. مري، جهڙي،
آجهڙي، ناٽڪ جي ٽڪيٽ جا پئسا گڏ ڪيا هئا!! پر
اسين ويندا هئاسين آرتوار ڏينهن ڪيل ڏسڻ، سو به صبح
جو؛ ڇو ته ان ڪري کيل جو کيل به ڏسبو هو ۽ سوڙ پئي
اِنعام جو به آسرو رکبو هو!! ماسٽر وٺل جي جانباز

گهيڙ و هو هارون جي جاين جو ڏيلو، ۽ ٻاهريون سطح
هو اسپتال وارو رستو، جنهنجي هڪ ڪنڊ تي هو جين
ٻ گمٻرن جو مندر ۽ ٻيءَ ڪنڊ تي هو ڪوهنور سنيما.
اهو اندريون ڏيلو، اهو جين مندر، اهو ناڻڪ گهر ۽ اهو
ڪشادو رستو، جنهن تي حشوءَ جو هٽ بيٺل هو، سي
ٻنهي وسرڻ جا ڪينهن. حشوءَ جو هٽ ته ياد اچي ته جڻ
اهو ناٽڪ نئين نرت سان نظر ٿو اچي - اهي ڪلفيون،
ملايون ۽ آئسڪريم جا ڊٻا اچيو اکين اڳيان بيهن ۽ اهي
آواز پيا ڪن ۾ پون ته "حشوُ، ڀريُن مونکي ڏج، مان
تنهنجو پڪل گراهڪ ڪين آهيان!" جيستين مال ملئي
ملي، تيستين وات پاٽي ٿيو اٿ جيترو مزو ته مفت ونايو
چڏي!! دڪان ۾ سندس پاءُ نارو ويٺو آهي. ڪپڙا
گدلا، ڏاڙهي هفتي ڪن ڪان اَڻ ڪوُڙيل، مٿي تي واٽين
واري اَڇي سونهري زيڪ سان پريل ٽوپي! ڪانئس چا
نٿو گهرجي! اَما جا مصالحا، اسانجا گبمت، قودني ٽڪيون،
ڪنمنٽرا، سوجي ٻسڪوٽ - سپ وٽس موجود آهن. ٽدهن
ڪانسواءِ وٽس لاٽون ٻه آهن، رنگ ٻرنگي، ٽڪا ۽ لماءِ
ڏور ٻه اٿس؛ ٻلوري گوليون، لغڙ ۽ لغڙيون، ڏاڪي جا
وينا ۽ پٽيون، اٽي ڏڪر، هوليءَ جا رنگ - چا نه اٿس!
بس، فقط گهرڻ جي دير آهي! پر جي ڪٺي ناروءَ کي
چوُ ته "فلاڻا، اڄ خرچي خلاص ٿي ويئي آهي، ٽڪي جو
مال اُڌارو ڏي، سڀان تـي ڏيندوسانءِ"، ته واٽيو ٻنهي
سراپڇي ويندو! پر جي ٽڪو ڀرين اُچلائي، شيءِ گهربس

۽ آرتوار ٽاٽي آرٽلري ميدان تي شهر جي مشهور معروف
لغڙ- بازن سان کلهي گس جي نوبت ۽ اچي سهڙندي
هئي. ٻاڙي جا سڀ ڇوڪر لغڙ اڏائڻ ۾ فخر وٺندا هئا،
۽ آرتوار جي ڇٽاٻيٺيءَ کي سويارو ڪرڻ لاءِ اها مشاڪت
ڪندا هئا، جنهنجو خيال ڪندي اڄ اچرج پيو لڳي!
اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهندو هو؟ مانجهن جي مار هوندي
هئي. ٻاهر نڪرڻو هو ته ڪن سرلا ڪري هلبو هو.
خاص ڪري آرتوار ڏينهن ميدان تي جڏهن لغڙ لڙندا
هئا، ته هوا جي جهوٽن مان آواز جهٽبا هئا ته ”دشمن“
پنهنجي ڌاڳي ۽ مانجهي بنسبت کهڙيون لباڙون ٿو هڻي؟
جيئن مبادا جيڪڏهن اسانجو لغڙ ڪاٽا ٿي وڃي ته ٻئي
دفعي دشمن جو مٿو ۽ سندس لٽ ۽ سنديس. بس،
”ڪوئي لڏي هيٺ ڳري، ڇي آءٌ ۽ پساري“ واري ڪار
هوندي هئي. ڪٿان ڪو نسخو جهٽيوسين مس، ته اُنجي
پيروي ڪرڻ پنهنجو پهريون ڌرمي فرض ڪري ڄاڻبو هو!
ڪٿان ڪو ڏس مليو مس، ته مانجهي کي وڌيڪ تيز ڪرڻ
ڪاڻ نسخي ۾ هڪدم ڦير ڦار اچي ويندي هئي. بس پوءِ
ڏيلي جو دروازو ٿيندو هو بند، ۽ ٻاڙي جا ڇوڪر رنڌيي
ويندا هئا نئين مصالحي ملائڻ ۾. مصالحو تيار، پوءِ جنجي
وڃبو هو ڌاڳي کي مانجهي لڳائڻ ۾. پر ٻڌي اهڙي جو
ٻوٽ بند، ڪنهن کي ۽ لڪ ڪان ڏبي هئي ته اڄ
کهڙو بارود تيار ڪري آيا آهيون ۽ اهو کهڙو ظلم
مچائيندو!! مانجهي جو راز ڪنهن سان ڪين سلبو هو؛

جانفشاني ۾ ڏسبي هئي ۽ رڳين جي تمنا ۾ رکبي هئي؛
مٿان ڪٿي قسمت کلي پوي!!! ڪوهنور سنيما جي ٻاهران
پان واري جو دڪان هو- ڀائيچند جو دڪان. اهو ته
ڪٿان ٿو وسري. اُنجي ڪشادي آرسي- جنهن ۾ پاڻ
پنڊ لاٽ صاحبن کي چٽي طرح ڏسي سگهبو هو، جنهن
مان ٿي ته نيڪ روشن ٿيندو هو ته سائينجن کي سائينءَ کهڙو
ملوڪ منهن ۽ قد بخشيو آهي!- وسري ناممڪن آهي.
تنهن کانسواءِ ڀائيچند وٽ ڳاڙهي ۽ پيلي هاٿيءَ، گولڊ
فليڪ ۽ سلور مون ۽ ٻيا انيڪ پرڪارن جا جي سگريٽ
پاڪيٽ هوندا هئا، تن ۾ اسانجي هروقت اک رهندي
هئي. پاڪيٽن سان اکر پوريءَ راند کبي هئي! چا،
شوي کان وسري ويو هوندو ته ڪٿن نه اٽڪل ڪري
هو پيلي هاٿي پاڪيٽن جي ڍڳ ۾ ٻيا اوچا پاڪيٽ
لڪائي، مون سان اکر پوريءَ جا داءَ لڳائيندو هو،
۽ آءٌ ۾ چستي ڪري اهو "اکر" اُٿلائيندو هو سانس،
جو سندس ڇيل "پوري" بولائيون کائيندي ڪافور ٿي
ويندي هئي ۽ اها لکن جي ملڪيت ڏک سان منهنجي
پلاند ۾ سمائجي ويندي هئي!! هو هاڻ پل ڪولابا ۾
شيوڪ اسٽور دوارن لکن جو واپار ڪري، پر نندپڻ
جا ڪٽيل هاراپل "لک" هو ناحق ٿو پلجي!!!

اسانجون مشغوليون ۾ منڍائيون هيون. رت بسنت
۾ لغڙ چاڙهيا هئا. پهرين ته ڪشادي اسپتال واري رستي
تي آرنب ٿيندو هو، پر جٽن دل ٻڌي ويندي هئي،

وڃڻ ايڏو مان هو، جيڏو فوجي پلٽڻ کي جهلڻ لاءِ رهي
ٿو. تنهن کانسواءِ ڏور ۾ جيتري گهٽ دشمن کي ملي
اوتري بهتر؛ ڇو ته اُن مان دشمن کي ڪم آيل باروت
جي جزن جي ڪل پئجي ويندي. اهو ٺيڪ نه هو؛
دشمن جيترو اسانجي ڳجهن کان محروم رهي اوترو بهتر.
سڀ لٽيو، ڇنا پيٽي ختم؛ ڇوڪرن جا گلر گلر پنهنجي وٺڻ
ورن، ۽ وري اينڊز آرٽوار جا پهه پڇائڻ ۾ محو ٿي وڃن.
انهن ڇنا پيٽين ۾ ڪهڙو نه لطف هو!! ائين پيو پاسجي
چڻ هاڻ جيوت مان مزو نڪري ويو آهي!!!

انهيءَ زماني ۾ بي ماجرا هوندي هئي پاڪيٽن راند
ڪرڻ جي. اڪر پوُريءَ داوَ لاءِ جيتوٽيڪ پئسا، پايون،
ڏوڏا، وغيره ڪم اچي ٿي سگهيا، پر هر ڪنهن کي
خرچي ملندي هئي ٿوري، سو سيڪو پئسي جي راند
کان البت ڪؤ ڪائيندو هو. باقي سگريٽن جا پاڪيٽ
هوندا هئا مفت جا، لڀبا هئا الله جي پٽ مان، سو انهن
سان راند ڪرڻ لاءِ هر ڪو خواهان هو. پر ٻه پاڪيٽ
هر هنڌ ۽ هر وقت ته حاضر ڪين هوندا هئا، جو ڪٺي
وٺجن! سگريٽن جو واهپو ٻان وارن وٽ ڳچ ٿئي ٿو.
تنهنڪري پائيچند سان دوستي ڳنڍڻ ضروري هئي.
اَڪثر ڪري پاڪيٽن جي لالچ تي پان جي هير ٿي
ويئي. تنهن کانسواءِ، پاڪيٽ سنيمائن ۾ ۽ انهن جي
نزديڪ ايراضين ۾ جام هوندا هئا. پر اهي تڏهن حاصل
ڪري سگهبا هئا، جڏهن سوير اُسر جو، رستن جي

اُنجي مخفي رهڻ جي اهڙي ڪوشش ونجي ٿئي، جيتري اڄ روس ڏي وٽي اُٽم بم جي ناهڻ ۾! جنگ جي ميدان تي هرڪو پنهنجي جاءِ وٺي ويندو هو- ڪو ڏاڍي جي ويڙهي جي چارج ۾، ڪو ٻل ڏيڻ لاءِ، ڪي آپارڻ لاءِ، ته ڪي وري ڪاٽا ٽيل لغڙن جهٽڻ لاءِ؛ باقي پاڙي جو لغڙ- باز، همت ۾ لغڙ جي تند جهليو، مجاز ۽ فلڪ سان دشمن کي نهوڙڻ لاءِ هميشه تيار هوندو هو. بس لغڙ ڏرتي چڙهي ته هرڪنهن جو ڌيان آسمان ۾ وڃي کپندو هو. لغڙ- باز آسماني بازن جيان پيا نظر ڦيرائيندا هئا ته اڄ ڪنهن کي لقمو بڻائجي. لغڙ- باز، گراهڪ ڌيان ۾ آڻي، هڪ ٻئي سان ياراني ڳنڍڻ لاءِ پنهنجا لغڙ هڪ ٻئي جي ويجهو آڻيندا هئا، ۽ موقعي ملندي، پيچ وجهندا هئا. پيچ پيو، پوءِ ڏسو جوانن جي لڙائي! هيٺيون ٻر تي، مٿيون ڪپڻ تي. پلا هرڪنهن کي پنهنجي مانجهي تي فخر، سو وجهه ملندي ئي هڪ وار سان دشمن کي ليٽائڻ جي ڪوشش ڪبي هئي. اڳلو اٿين ئي مانو دسڻ کان پڇڻ جي ڪوشش ڪندو هو؛ پر جنهن مهل اٽم بم تو اچي ڪڙڪي، تنهن ويل پڇڻ جي وات بند ٿيو وڃي! هڪ ڇڪءَ سان لغڙ ڪاٽـا!! بس، پوءِ پڇ پڇان شروع- هرڪو ڪاٽا ٽيل لغڙ ۽ ڏور جهٽڻ جي ڏاجهه ۾. لغڙ اُڏائيندڙ ۽ سندن ساٿي هميشه اها ڪوشش ڪندا هئا ته جيڪڏهن سندن لغڙ ڪاٽا ٻه ڪري ٿئي، ته اهو دشمن جي ور نه چڙهي. لغڙ جو

سندس راضپي سان ٿيندي هئي ۽ عاقبت ۾ سندس اعلان سان ٿيندي هئي. ٻر ٻاڙي ۾ ٻڌي واهه جي هوندي هئي. برسات جي مند ۾ ٻادامن ۽ زيتونن همت ڪرڻ، ۽ گرميءَ ۾ ڏداڙي ۽ انبڙين جهٽڻ، توڙي هوليءَ ۽ ٻين شغلن ۾ ٻيا جوکائتين جان-فشانين ۾ اسان ۾ اهو ايڪو هو، جو جيڪر اسان ۾ هينئر موجود هجي ته هوند هينئن ڇڙ ڇڙ ڳاڙا ٿي ڪين پيا پڙکون ها.

اها آزاد-جيون جا ڳذري چڪي، تنهن لاءِ دل هر وقت تڙقي ٿي. جيتوڻيڪ هاڻ اسانجي دنيا وڌيڪ ڪشادي ٿي آهي ۽ اسانجي ڄاڻ پڻ وڌي آهي، ته ٻه هن دنيا ۾ اها خوشي ڪانهي، اها موج مستي ڪانهي— دنيا جي زنجيرن ۾ جڪڙ غلام ٿيڻجي چڪا آهيون ۽ پيري جي پکي موافق چاهيون ٿا ته انهيءَ آزاد ٻالپڻ جي باغ جو هڪ دفعو، خيال ۾ ئي، ڪري سير ڪريون، ته من دل ڪجهه ٻهلي.

صفائيءَ کان اڳ، اُتي حاضر ٿي وڃبي. انهيءَ ڪري ٻاڙي جا سڀ ڇوڪر سويل صبح جو نڪرندا هئاسين پاڪيٽ ميڙڻ. پوءِ ڪٿان جا ڪٿي نڪري ويندا هئاسين، ۽ ڍير ڍون خالي پاڪيٽن جون ڊوئي ايندا هئاسين — ڪي پيلا، ڪي ڳاڙها، ڪي نيراءِ مٿن ڀانت ڀانت جا چٽر ۽ تصويرون چٽيل هونديون هيون. ڪي پاڪيٽ عام جام قسم جا هوندا هئا ۽ ڪي وري خاص نموني جا ۽ ڇڊا. ڪو ڇوڪر ڪو نئون نمونو لهي ايندو هو ته ٻاڙي جي ڇنڊڇاڻ مڙندي هئي، ۽ صراف ڪٿ ڪندا هئا ته هن نئين لعل جو ڪيترو ملهه رکجي. گهڻو ڪري راند ٻنڇهرن ڪانپوءِ ڪبي هئي. لڪ هارائبا هئا، لڪ کٽبا هئا؛ ۽ ڪوٽ پوڻ کان اڳ ٻيا لڪ آٽي ليڙائبا هئا. انهن پاڪيٽن گڏ ڪرڻ ۾ جيڪا اورچائي ۽ جفاڪشي ڪبي هئي، سا هاڻي پنهنجي ڪرت ۾ هوند ڪجي ته ڪنهن جي ڪاڻ سهڻ جي ضرورت ئي نه پوي!! پاڪيٽن ڪانسواءِ ماچيسن جا نمونا ميڙڻ جو به اُنهن ڏينهين خاص شوق هوندو هو. گولين راند ۽ ٽمٽ بال به چڱي واهپي ۾ هئا.

پر ننڍي هوندي جي دنيا ۾ بنهه صلح سانت هوندو هو، ائين سمجهڻ ڀل غلطي ٿيندي. جهيڙي بنا جڳ دنيا جو جيئڻ ناممڪن آهي. جهيڙي لاءِ نه فقط داداگيرن جي گهرج رهي ٿي، پر جٻرن معصومن جي پڻ. اسانجي ٻاڙي جو داداگير هو ٻوڄو - قد ٻٺ جو جانٺو ۽ مضبوط ڪانئس هرڪو ڀيو ٿيندو هو. جهيڙي جي شروعات به

ڪري اُن جو فڪر نه هو. منهنجا مائٽ رڳو نه سڪول
ڇڏرائڻ ڪري ويا. گهر جي ڳالهه ڪن ها، ته منهنجي
ڪچڙي دماغ ۾ اهڙا ڳالهه ڪي قدر ضرور ويهي ها ته
آخر ڪنهن گهر ۾ ئي ويهي رهيو هوس، پوءِ پرائي ڪي
پنهنجو ڪرڻ نه هو منهنجي وس؛ ۽ آءٌ اوڏانهن وڃڻ
ڪان اصل ڪين ڪيٻايان ها. پر هن سڪول جي
تات پچر منهنجو هنياءُ ڪاٽي ڇڏيو. اَلائي مائٽن ڪهڙي
اوڙاهه ۾ ٿي اڇليم! سو جڏهن سڪول وڃڻ جو مهورت
مُقرر ٿيو ته مون پڻ اندر ۾ هڪ ئي فيصلو ڪري ڇڏيو.
مائٽ ڀل ماري وجهن، پر آءٌ سڪول پٽيءَ نه ويندس.
مائٽن کي سڃاڻندو هوس، ٿن جي مار ۾ راضي هوس؛
پر هوءَ ماستر، جنهن جو مونسان ڪو به واسطو ڪين هو،
سو سڪول ۾ ڪهڙو ويل وهائيندو يا قهر ڪندو، تنهن
جي ڌپ مونکي بند ئي حال ڪري وڌو!! انهيءَ ڏينهن
آءٌ اَڌول رهيس. سپ اچرج ۾ پئجي ويا. آءٌ سنو پار،
سندن نظر ۾ ڪري پيس. ڏاڍو ريهائون ريبائون؛ پر
آءٌ ٿول مال وٺي به نابري واري ويٺس. نيٺ بابا اچي
تنو؛ خفي ٿي، گهلي آڻي ٻهاريائيم گهر جي ٻاهرئين در
وٽ، ۽ آخر طور چيائين: ”سڪول هلين ٿو، يا ڏيانءِ
ڌڪو، ته ڌاڪڻ تان گهمائيون ڪائيندو وڃي هيٺ ڪرين.“
مونکي به ڪنيو ڪٽيءَ، جو بنا جواب بيٺو رهيس.
بس، هاڻ حد ٿي چڪي. ٿوري تيلهي اچڻ تي گول
ڦيرا پائيندو، اچي هيٺ پيس. ايذاءُ چڱو آيو، پر هڏ گڏ

٢- آءٌ وڃان سڪول

هونءَ تہ دنيا هڪ ڪشادو وديا-گھر آهي، جنھن مان جيڪي ڪير چاهي سو بنا ڪنھن فيءَ ڏيڻ جي پرائي سگھي ٿو، پوءِ هو ٻڍو هجي چاهي ٻار. جھان ۾ ايترو تہ ڪجھہ سکڻ لائق آهي، جو اُنجي پيٽي ئي ڪانهي؛ سمجھندي پل تہ چوڻ ساري جمار گذري وڃي. انهيءَ ڪارڻ ئي تہ چوڻي آهي: "جان جيئين تان سکہ." پر انهيءَ دنيا جي منجھيل سٽ کي سلجھائڻ خاطر شروعاتي مڪتبي تعليم يا وديا حاصل ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ سبب ئي جيئن ٻار وهياتڙو ٿئي ٿو تہ مائٽ کيس سڪول موڪلڻ جي آتروِيلا ۾ رهن ٿا. ننڍين ٻار کي سڪول ۾ وهارڻ جي نوبت اچڻ تي، اڪثر ريت، مونکي سڪول وڃڻ وقت پنھنجا ڪيئنا اَڇيو ياد پون.

لاڏلو ٿي نپنس، جو ڏاڏي پوٽو پھريون مان هوس. جڏهن سڪُول وڃڻ جو ذڪر نڪرندو هو تہ آءٌ وڃي اَمر جي گود ۾ لڪندو هوس. پلا سڪول کھڙي بلا هو، تنهن کان کو واقف ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪين پيو ڪري؛ فقط روز بروز سر گرم زور هو مونکي سڪول موڪلڻ تي! گھر کان سواءِ ٻي جاءِ کان مان بلڪل اَڻ واقف هوس — پوءِ اهو منھنجو گھر هجي يا منھنجي مائٽ جو گھر، پاسي وارو ناڻڪ-گھر هجي يا رستي جي ڪنب وارو يتيم-گھر، پر گھر تہ هو نہ، تنهن

سندن قد ٻٽ هو، ڇا سندن حشمت!! برابر پاڙهڻ جو
اصول ”ماستر جي مار، ٻار جي سنوار“ هو، جنهن
ڪري ڇمائون ۾ ڇها وقتي سهڻا پيا؛ پر اِها ديوناگري
هندي، جا فقط ٽئين درجي ۾ پيٽ پيئي، سا اَڃا سوڌو
ڪين وسري آهي. هيءَ جو هاڻي هل هنگامو مچي ويو
آهي ته هندي راشٽر ڀاشا دواران ڀرت هر طبقي ۾
پڙهائيءَ جو ڪم چالو ٿيندو، تنهن مون ۾ ته ڪا به ڦٽڙي
نه وڌي آهي، ڇو ته اَڳيان سبق اَڃا ياد اَٿم. پر ٻيلي
جي ماستر مار ڏيندا هئا ته پائيندا به اينرو ٿي هئا.
”ڏيڍي ڏاڙهي وانگر، پاڻهجي هوتن جيان،“ وارو قصو
لڳو پيو هوندو هو. هوءَ نئنمل ۽ مولچند، اَجگر جيڏا
هيڊ ماستر، فقط اوڙي اَچڻ جو ٻهه ڪندا هئا ته ساهه
مٺ ۾ اَچي ويندو هو؛ پر وري جنهن ويل ٻرسن تي
ڳراهڻڙي پائيندا ۽ شاباس ڏيندا هئا، ته ٻود ۾ پرجي
ويندو هو. پر هوءَ جو سپروائيزر صاحب هوندو هو-
سرڳواسي ڀهلاجراءِ واسواڻي- سو ته حيلي ڀائي پيو ياد
ايندو آهي. سنهڙو سنتوشي، سادگيءَ جو پتلو، سندس
ڏڪندڙي منهن ۽ سڌي جسم مان سچائي ۽ پيار هميشه
پيو چلڪندو هو. سندس چنچر وارا ٻاشڻ هاڻ به دل
تي ڪڏهن ڪڏهن تري ايندا آهن. مهاتما گانڌيءَ جي
جنم-ڏينهن تي ڪين اسانکي هوءَ ٽول جا پڙا ڏيندو هو،
جن تي اَهڙو ته هري ويا سين، جو اَنگريزي سڪول مان
انهيءَ ڏينهن ڦٽي به، سال به ٻيو به وارو ڪيوسين؛ پر

پڇڻ، ۽ اَميءَ جي وچ ۾ پورڻ ڪري، بابي کي ڪجهه
ترس پيو. انهيءَ ڏينهن نه بلا ٽري ويئي. پر پوءِ سوچڻ
سان انهيءَ فيصلي تي پهتس ته جي وڌيڪ گس گسان
ڪبي، ته خير نه رهندو. انهيءَ ڪري ٻئي ڏينهن لپ
۾ ٻڌل، پيءُ سان گڏجي سڪول ويس، اُن ڪان پوءِ
جيڪي ٿي گذريو آهي تنهن لاءِ ڏٽيءَ جا شڪرانا ٿو
مڃان، جو اها سمت ڏنائيم جو سڪول وڃڻ ٻاسيم، نه
ته نه ڪاٻاڙيل نينگرن جيان اڄ به پيو ٻي فائدو شهر جون
گهٽيون ڪڇان ها، ۽ هرڪنهن جي ڦٽ لعنت جهليان
ها، هوند مانيءَ ٻيو به نصيب نه ٿئيم ها. نه رڳو ايترو،
پر سڪول ۾ جيڪا موج لڳي پيئي هئي، سا اڄ به
پيئي چڪي نه وري مني ڪان پڙهڻ شروع ڪري، ته دوباره
چش اچيئي.

مان پڙهندو هوس پرنس روڊ ڪراچيءَ جي ٽيرٿداس
چانڊومل سڪول ۾. ڪلاس ڪشادا، ۽ ايوان ايڏا جو
ڏني دل پيئي خوش ٿئي. سڪول جي حاطي ۾ گهڙڻ
سان ٻنهي پاسي خوشبودار گلن جا ٻارا، سهڻن وڻن جي
چوڪنڊن ۾ بيٺل، ڪلي ڪيڪاريندا هئا. اسين ٻارڙا
رنگ برنگي گلن ۽ ميون تي ٻنهه موهت ٿي ويندا
هئاسين، ۽ وِجهه ملندي گل ۽ ميوا پٽي، اندر جي ترتي
پوري ڪندا هئاسين. سڪول جا ماستر وري ڪهڙا!
ٽئنمل، چندنمل ۽ سانورو نينگڙو مورندمل، بلند، ۽ ۽
مولچند هيترن سالن گذرڻ به ڪين ٿا وسرن! ڇا

ويا آهن - پنن جا گل ڦل ڇاهڻ ۾ ئي مغز ٿو وڃي؛ باقي فرصت رهي ئي ڪهڙي ٿي، جنهن ۾ جسم جو اونو رکجي!! اسانجي ڏينهن ۾ خرچي به ٿوري هوندي هئي. هينئر ٻار کي آنو ڏي، ته هڪدم موٽي ڏيئي، منهن ڪٽي ورائيندو؛ پر اسانکي ٽڪو ملندو هو، ته گد گد ٿيندا هئاسين، ۽ جي آنو نصيب ٿيندو هو، ته ڪُڏيون هڻندا هئاسين - ڄڻ قارون جو خزانو هٿ چڙهيو هوسين!! ان ڏينهن ۾ سستايون به هيون، ۽ دل به هر ڪنهن شيءِ تي ڪين سرڪندي هئي. پئسي، چوُريءَ جو لڏون، ۽ پئسي جي دال يا گپت وٺي، ڀؤ تي مزو ماڻيو هو. هينئر ته اَگهن جو رڻ ٻري ويو آهي؛ ٻيو ٻارن جو ٻـ من وڌي ويو آهي. پڙهندا سنڌي سڪول ۾، سڏون ڪندا مئٽرڪ وارن شاگردن جي شوقن وٺڻ جون!! ڦري ڪيٽاني اهڙا، جو جيسين گهرئل شيءِ نه ڏين، تيسين منهن منهن تي چڙهيو پيو هوندو؛ بنهه سرچندا ئي ڪين. اسين به وقت تي رسندا هئاسين، پر سمجهائڻ يا چٽ ڪرڻ تي، مڙي ويندا هئاسين. اسانجي وقت ۾ رواج هو ماسترن کي ڪئلينڊر ڏيئي، راضي ڪرڻ جو. ناتال واري وقت ۾ گهر ۾ ڪئلينڊرن لاءِ نس پس ٻاڪر ڪٽو مچي ويندو هو. ويچارا مائٽ هٿان هٿي ڪئلينڊر هٿ ڪري ايندا هئا- پوءِ لڳندي هئي ٻارن ۾ چڪري ته "سڀني ۾ سٺو ڪئلينڊر مان ماستر کي ڏيان!" ماستر به ملهيل ڪئلينڊر موجب شاگردن کي گهرندا هئا!! خبر

پهلا [illegible]راءِ ۾ ٻيا سائين اهڙا ته ٻاجهارا هوندا هئا، جو خبر
به هوندي هئين ته اسين سڪول جا امتحان پاس ڪري
ويا هئاسين، ته به اسانکي نراس نه ڪندا هئا. پوءِ ته ايڏا
وڏا ٿي وياسين، جو اِئين ٿول وٽڻ تي لڄ اچڻ لڳي،
جنهن ڪري وڃڻ ڇڏي ڏنوسين.

سنڌي سڪول ۾ هڪڙو پاڙهڻ تي زور، ٻيو راندين
تي زور هوندو هو. ٻر ٻيلي پڙهڻ ۾ واهه جو مزو ايندو
هو! سبق ڪهڙا نه سکيادائڪ ۽ سولا، جو اسانجو ڪچڙو
دماغ به پرکي ويندو هو ته جيڪي منجهن جاٽايل هو،
سو سراسري سچ هو. هينئر وانگر نه، سبق ڏکيا ۽ فقط
خابرو، وٽن حقيقتون نوَسيندا!! ود يارٿين جو وڌ گهڻو
جو اهڙا سبق سمجهي سگهن!!! هڪڙا اکر ڦوڙات، ٻيون
ڳالهيون ڳائي پکيون؛ ويچارا ٻار طوطي وانگر سڀ ٻر زبان
ڪيو امتحان پيا پاس ڪن، باقي سندن دماغ پورا ئي پورا.
سڪول جو حاطو هوندو هو ڪشادو، سو مقرر وقت،
پيا موڪل ملندي، لڳي ويندا هئاسين راندين ۾.
ونجهه-وٽيءَ، منڊڪ منڊ، لڪ چپ، توڙي ٻئٽ ٻال
ته هميشه ئي پيا کيندا هئا. ٻڪ ڊوڙ ۽ هر قسم جي
ورزش تي اختياريءَ وارن جو خاص ڌيان هوندو هو.
ماستر صاحبن جو پڻ انهيءَ ئي اصول ۾ اعتقاد ٿي ڏٺو
ته ”سالم جسم ۾ ئي سالم دماغ گهر ڪري سگهندو.“ پر
هاڻي ته قصو ئي اور ٿي ويو آهي. بدن جي پالڻ پوشڻ
تي اڄڪاله ڌيان ڏئي ڪير ٿو!! ٻيائي ڪم وڏي

ڏندن سان چٻرجن!! واه جو سائين هو. هينئر ته انهن
ڳالهين تي خير ٿو ڏيان ڏيڻ ۾ اچي!!!

انگريزي ٽئين درجي ۾ مان اچي سرڪاري سڪول
۾ داخل ٿيس. اين-جي-هاء سڪول ۾ پڙهڻ کان پوءِ
زور هو صحت ۽ صفائيءَ تي. پر انهن مڙني ڳالهين کان
وڌيڪ ڌيان ڏنو ويندو هو انتظام تي. سڪول شروع
ٿيڻ تي ڪلاس جا سڀ شاگرد قطار ۾ ٿي بيهندا هئا.
قطار اهڙي سڌي، جو فوجي سپاهي اسانجو سلام ورائيندو
ڏسي هوند رشڪ کائين! ڪنهن جي ڇا مجال جو قطار
۾ نه اچي بيهي، يا قطار جي سڌائيءَ ۾ ونگهه وجهي؛
سڌو چاليهه منٽ دير سان ڇوٽيءَ جي سزا جو حڪم
نڪري ويندو هو. ريلوائي ماجسٽر کي به ڏوهيءَ کي
ڪنهن خصيص معمولي غلطيءَ يا خطا خاطر سزا ڏيڻ ۾
ڪجهه ويرم لڳي ٿي؛ هت ته ملٽري حڪم لڳا پيا
هئا. نه رڳو قطار ۾ سڌو بيهڻو هو، پر ڪلاس ۾ پهچڻ
تائين انتظام قائم رکڻو هو. ڪهڙو به ٽسينگ قاعدي
جي ڀڃڪڙي ڪري نٿي سگهيو. ڪاليج جي پرنسيپال
جي پٽ موليءَ فقط سائنس هال ۾ ويندي قطار ۾ ڳالهايو
هو ته ماسٽر روچيرام هڪدم سندس ٽڪ مان ور لاهڻ
۾ ويرم ڪانه وڌي. ساڳيءَ ريت مئٽرڪ جي هڪ
ڪلاس جي مانيٽر وڏ ماٺهپائيءَ وچان ٽوري ٽي ٽڻ مڻ
ڪئي ته سڌو هيڊ ماسٽر وٽ اماڻيو ويو. پهرين ته
ڳرائي رکي هليو، پر جنهن ويل صاحب جي دروازي

ناهي ته هو هيڏا ڪئلينڊر ڪيڏانهن ڪندا هئا، پر هر سال اهو لقاءُ ڏسي دل ۾ پيو چئبو هو ته وڏي هوندي هوند ماستر ٿجي! پيو نه ته ڪئلينڊر نه سال بسال پيا ملندا نه!!

سنڌي چوٿون پاس ڪري آياسين هاءِ اسڪول ۾. سرڪاري اسڪول ۾ ته جاءِ ڪانه ملي، جو داخلا لاءِ درخواست دير سان ڪئيسين. تنهن ڪري ماڊل هاءِ اسڪول ۾ وڃي ويٺس. اُتي هيڊ ماستر هوندو هو ماستر گلابراءِ. ڏاڍو ڪرڙو ۽ سخت هوندو هو. هو قاعدي جو ڪوڙيو هو ۽ شاگردن جي لکڻ تي خاص ڌيان ڏيندو هو. وديارٿين ۾ صحت ۽ صفائيءَ لاءِ چاهه پيدا ڪرڻ خاطر هن خاص انعام آڇيا. هر مهني هر ڪلاس جي پهرين نمبر اچي اجري، هميشه حاضر ۽ وقت تي ايندڙ شاگرد کي هو خرچي ڏيندو هو. گلابراءِ ماستر خاص ڌيان ڏيندو هو تنهن جي صفائيءَ تي. انهيءَ لاءِ هو پاڻ خود شاگردن جا ننهن جاچيندو هو ته وڏا ته ڪين ٿي ويا اٿن، منجهن مٽي ته ڪين ڀرجي ويئي آهي؛ شاگرد ڪوئن وانگيان ننهن کي ڏندن سان ڪترين ته ڪين ٿا!! هن جي ”اندر ٻڙ ٻڙ ڪي، ٻاهر چڪي مکي“ سان ٻڌيءَ ڪين پوندي هئي. چوندو هو ته سلڪ جي قميص ۽ سرهاڻ واري تيل جو سُود ڇا، جي وار پيا ڇيڳڙا رلن ۽ ننهن ۾ مٽيءَ جا مڻ سٿيا پيا هجن، جي پيا

اسانجي ڏينهن ۾ اسڪول ۾ ڪيل تماشو چڱو ٿيندو هو. هر پنجين سال هڪ ڀيرو اهڙو شغل ڏسبو هو. انهين ناهي ته انهيءَ وقت ماڻهن کي اهڙين ڳالهين جو شوق ڪونه هو، يا شاگردن ۾ سوجهرو نه هو، يا سيکاريندڙن جي ڪا ڪمي هئي، پر انهيءَ ڪارڻ ته هر ڳالهه ويل ۽ وقت انوسار ٿيڻ گهرجي. اسڪول ۾ پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ وڌيڪ ڌيان لهڻو؛ ناچ ۽ نڌري جي خاص لڪڙي ضرورت ڪانه هئي. هينئر ته قصو ٻيو بدلجي ويو آهي- جو اسڪول ڪيل تماشي تي خاص ڌيان نٿو ڏني سو ٻسو ۽ ڪهنو (جهونو) ڪري ليکيو ٿو وڃي؛ ۽ جيڪڏهن اسڪول ڏيکاءَ ۽ شغل ٻنيان ٿا ڊوڙن، ته وديارٿين جو ڌيان پڙهڻ تان اٿليو وڃي؛ نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري سو ته ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. منهنجي ڏينهن ۾ هڪ دفعو جلسو ٿيو، جڏهن مان پنجين درجي ۾ هوس. اسڪول جي ڪشادي ڪمپائونڊ (حاطي) ۾ مانڊو اڏيو ويو. ڪراچيءَ جا مڙيئي معزز ماڻهو، ۽ شاگردن جا مائٽ خاص طور نينڊيا ويا هئا. چڱي خلق اچي مڙي. ڪراچيءَ جو وڏو جج وقت جو سڀاپتي هو. سارو جشن اهڙي شانتي- ڀريل وايومنڊل ۾ ٿي گذريو جو دل پئي ٻهار ٿئي. پروگرام چڱو وڏو هو- انگريزي ناٽڪ، سنڌي، گجراتي ۽ مرهٽي ڇهچتا، ۽ ٻيو به گهڻو ڪجهه ڪيو ويو، پر ڪنهن به هڙٻڙ ڪين مچايو، نڪي ڪي ڪنهن قسم جو وگهن وڌو.

وٽ ڀِڄو، نہ مڙس ٽڏو ٿي ويو. پگهر نِينڊيون ڪري وهڻ لڳس ۽ لاچار معافي وٺي جند ڇڏايائين! اَسان جو هيڊ ماستر هوندو هو سيٺ ليلارام ڀوڄواڻي. قد جو سو ڇوٽو هو، پر جنهن ويل نيٺ جو سنهو اکڻ ڪڍي ورانڊن مان لنگهندو هو، تہ ڏرن ڏڪي ويندي هئي. ڇل نہ ڪو ڪاغذ يا ٻي ڪا شيءِ پٽ تي پيل اک تي چڙهيس، پوءِ خير نہ هو. سڪول انهيءَ ڪارڻ صفائيءَ سبب پيو ڀڪندو هو، جنهن ڪري پڙهڻ تي پنهنجو پاڻ دل پيئي اُجهندي هئي. سرڪاري سڪول ۾ راندين جو شوق ڏاڍو هوندو هو. ڪرڪيٽ، فوٽ بال ۽ هاڪي هميشہ پيئي کٽبي هئي. راندين ۾ اُتساھ وڌائڻ خاطر ڇٽا پيٽيون ڪيون وينديون هيون ۽ خود ماستر پڻ ان ۾ چڱو خاصو ڀرو وٺندا هئا. ماستر چنديرام ٻڌراڻي، ڏرمداس واڌواڻي، روچيرام سڌاڻي ۽ بروچا تہ راندين جا خاص ڪوڏيا هئا؛ تن ۾ بروچا ماستر تہ راندين تي ٻنہ فدا هو- ڇوڪرن کي سنيءَ راند لاءِ اينترا تہ اِنعام ڏيندو هو، جو سندس پگهار جو چڱو حصو تہ اِئين گهلجي ويندو هو!!

اِنهيءَ ڪانسواءِ وقت بوقت شاگردن جي صحت جي چڪاس ڪئي ويندي هئي ۽ مائٽن کي حالتن کان واقف ڪيو ويندو هو. "جيءُ خوش، جهان خوش"، اِئين چون ٿا" جي اصول ۾ اَختياريءَ وارن جو ويساھ هوندو هو، جنهن ڪري هُو ويديارٿين جي صحت جي اينري اون رکندا هئا.

٣- مان ٿيس مانيٽر

سڪول واريءَ ننڍيءَ ۾ سڀاويڪ طرح دل ٿيندي آهي ته مان جيڪر ماستر، يا پيو نه، ته مانيٽر ته ضرور ٿيان. ۾ پڙهندي ته ڪوبه پاڙهيندڙ ٿي نٿو سگهي، تنهنڪري دل جي اُڌام مانيٽر جي عهدي تائين محدود ٿي رهي. مان جڏهن سڪول وڃڻ سکيس تڏهن الائجي ڇو مونکي مانيٽر ٿيڻ جي هرکه هلاڪ ٿي ڪين ڪيو. مان هوندو هوس مانيٽو نينگر؛ قد جو ڇوٽو، سريـر جو سنهو، طبيعت جو البت ٻُجهڙو؛ ڪلاس ۾ به هڪ گونگي ڪنڊ وٺي ويهي وهندو هوس. ڳالهائڻ ۽ دوستيءَ جو رستو به خاص ڪنهن سان ڪين هوندو هوم، نه ڪنهن جي هنئين ۾ نـه ڪنهن جي ڪنئين ۾. اِنهيءَ ڪري ئي مانيٽر ٿيڻ جي چاهنا مون ۾ اصل اُٿڻ ڪانه ٿي. دماغ جو چست بيشڪ هوس، جو ڪهڙو به اڙکو حساب ملندو هوم ته جهٽ ڪري ويندو هوس؛ ڪابه ڳالهه ٿيندي هئي ته جهٽ تاڙي ويندو هوس ته اَڳلو ڪٿان ٿو اچي؛ پر چالاڪي خير ڪا هيم، جو دماغي چستيءَ جو پورو فائدو وٺي سگهان! پين جو ايڏو ڊپ ۽ ڏر ٿيندو هوم جو ڪلاس ۾ ڪو ڏاڍيو ماٺو اَچي ڪو سوال پڇندو هو ته مٿيون منجهي ويندڙيون هيم!! ماستر اِنهيءَ تي حيران ٿيندا هئا تـه آخر مونسان هيءَ ڪهڙي ويڌن هئي!!! هونءَ هر ڳالهه ۾ پهريون نمبر اُتر ڏيندڙ، پاهر ٿين جي

هاڻ تہ حالتون اُوَر ٿِي ويُون آهن. گوڙ گهمسان کانسواءِ تماشي جو مزو کهڙو!!

اَڄ ڪالهہ فهميدگي ۽ فضيلت کي ڪير ٿو پڇي!!! اَسانجي پڙهائيءَ ۽ چالو زماني جي سکيا ۾ زمين آسمان جو فيرو اَچِي چڪو آهي. اَڳِي اِنعام آڇيا ويندا پڙهڻ، راند روند، ساڃهہ ۽ سلڇڻائيءَ لاءِ؛ هاڻ اِنعام آڇجن ٿا نٽ ۽ ناٽڪي هوشياريءَ خاطر! اَڳِي زور هو اِخلاق تي، هاڻ زور آهي ٻاهرئين نٽ ۽ ٺاهہ تي!!

هر زماني کي پنهنجي رونق آهي. اَسان جيڪي ماڻهو سو اَسانجي وڏن جي وقت کان علحدو هئو، ۽ هاڻوڪي طرز کان چڱو نيارو — پر سڪولي جيون جو مزو ٻئي هنڌ ملڻ مشڪل آهي.

بي حيائي اسانجي دماغ جي دائري کان ٻاهر هئي، لنهنڪري اوڏي مهل نه ماٺ ڪري ويٺي رهيس، پر جيئن ئي ڪلاس پورو ٿيو ته وڃي ماستر صاحب کي حقيقتن کان ڀيرائتي ريت واقف ڪيم ۽ سوڀي سان ٿيندڙ نسوري ناحق خلاف دليلبازي ڪيم. پهرين ته ماستر مڃي ئي نه پيو، پوءِ آخر انهيءَ ڳاله تي آياسين ته جيڪي ڪم هن ڏنيون ماستر ٿي سيکاريا، سي پاڙهڻ لاءِ مقرر وقتن تي آءٌ مانيٽر، باقي ٻين وقتن تي سوڀو مانيٽر. ماستر صاحب کي به ناراض نٿي ڪرڻ چاهيم، آيو رزق موٽائڻ تي به دل ڪانه ٿي ٿيم، نڪي ڪي سوڀي سان انرت ڪري سنگت ڦٽائڻ جي مرضي هيم؛ لنهنڪري مانيٽريءَ بنسبت ماستر صاحب جو ڳاله سويڪار ڪيم. هاڻي مان ٿيس مانيٽر.

بس هڪ دفعو مانيٽر ٿيس ته پوءِ اهو عهدو منهنجي هٿن کان ڇڏائجي ڇو ٿو سگهي! ڇوٿين درجي ۾ اٺ مانيٽر هوس، پنجين ۾ اچڻ سان حاڪم حقدار ٿيس، پوءِ ڇا ڪنهنجي مجال جو موڏي اک کڻي نهاري سگهي!! مون جيڪا بادشاهي ماڻي سا ڪنهن ڇڏي کي نصيب ٿيندي. ڇا منهنجي فلڪ ۽ شان هو! ڇا مان، ڇا طومان!! ڪلاس ۾، ماستر جي غيرحاضريءَ ۾، منهنجي اِيامڪاريءَ ۾ ٻڪو ڪيڻ جي ڪنهن کي به جرئت نه ٿيندي هئي. شاگردن تي ايڏو ته منهنجو رعب هو! ڪنهن ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي سهين، پوءِ اهڙي گستاخي

منهن تي چئو لاجواب ٿي ويو! پر ڪنهن به منهنجي اِنهيءَ نقص سڌارڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي، جنهنڪري آءٌ اهڙي جو اهڙو رهجي ويس، تان جو اچي ڪراچيءَ جي سرڪاري اين-جي- هاءِ سڪول ۾ چوٿين درجي ۾ ڦاٿس.

اِتي پاڻ پڙهايو. منهنجو ڪلاس ماستر چندي رام پڙ راڻي، جو ڪجهه وقت بمبئيءَ جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ٿي رهيو ۽ تازو بمبئي ماسترن جي ڪاليج جي پرنسيپال جي عهدي تان پينشن تي ويو، سو ولائت وڃي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ اُسهيو ۽ سندس جاءِ تي هڪ مسلمان ماستر، مسٽر سيراءِ مقرر ٿي آيو. انهن ڏينهن ۾ اسانجي ڪلاس جو مانيٽر هو سوڀو. قد جو قداور، بدن جو پڙيل، سوڀو چڱيءَ هستيءَ وارو نينگر هو. الائجي ڇو نئين ماستر جي گهٽ ۾ اچي ويئو ته مان ڪلاس جو مانيٽر ٿيان. هڪ ڏينهن اوچتو مون ڏانهن آڱر جو اشارو ڪيائين ۽ آءٌ هڪدم اُٿي بيٺس. چيائين، "اج کانوني ڪلاس جو تون مانيٽر آهين." مان ته ٻنهه واتڙو ٿي ويس. سوڀو منهنجو دوست هو؛ هوُ پهرئين درجي کان وٺي مانيٽر ٿي رهيو هو. منجهس مڙئي خوبيون هيون، ڪا به خامي نظر ڪانه ٿي آئي؛ هنڪي هيٺ لاهي ڦڏائي مان مانيٽر ٿيان، اهڙي آچه قبولڻ لاءِ آءٌ هرگز تيار نه هوس. پر "سائينءَ" کي منهن تي جواب ڏئي ڪير، ماستر سان منهن سامهون پوڻ جو اسانجي ڏينهن ۾ رواج اصل ڪين هو. اهڙي

هُو ٻڌي ڇرڪيو! ڪلاس ۾ قاعدگي نه ڪنهن به حالت
۾ قائم رکي آهي؛ تنهن ڪري لاچار قدم کڻڻو پوندو
هو. موتيءَ ڳالهايو ناهي ۽ منهنجو ڪيس اُٿي ٻيهڻ جو
نادري حڪم نڪتو ناهي. پر موتيءَ کي عام رعيت
اُٿاري ٻيهارڻ مان به خاص ڪڙ تيل ڪين نڪرندو هو.
هُو لڄ ۽ شرم جو ليڪو جڻ لتاڙي چڪو هو. اِنهيءَ
ڪري هن کي لاچار ٻينچ تي ڊگهو ٿي ٻيهڻ جي
سيکت ڏني هئي. پر اَسان جي ڏينهن جا ماستر گستاخي
ڪٿي ٿي برداشت ڪري سگهيا. هنن کي کهڙي پرواه
هئي ته ڪير کهڙي ڊگمبر جو پٽ آهي؛ هُو ڪنهن
جي نَڪ مان وَر لاهيندي ويرم نه وجهندا هئا. موتيءَ
سان به اِئين ٿيو. هڪ ڏينهن مان ڇوڪرن کي قطار ۾
ڪلاس مان سائنس هال ڏي وٺي پئي ويس. موتي
قطار ۾ ڳالهائي به پيو ۽ قطار جي سڌائي به پيو ڀڃي.
سائنس هال ۾ پهچڻ سان مون موتيءَ کي اُٿي ٻيهڻ لاءِ
چيو. جڏهن ماستر روچيرام موتيءَ کي ڪلاس ۾ اُٿي
بيٺل ڏٺو ته مون کان پڇيائين، ۽ مون ڪيس حقيقت ٻڌائي.
مڙس گرم ٿي ويو. موتيءَ کي پاڻ وٽ سڏي به ٿڦڙون
ته اَلل حساب ٺهڪائي ڇڏيائينس، ۽ مٿان اُها ڌمڪي
رکيائينس، جو ڪوئي وانگر پڇ ٽنگن ۾ لڪائي مات
ڪري وڃي پنهنجي جاءِ تي ويٺو ۽ وري قاعدي جي
ڀڃڪڙي ۽ اِنحرافي ڪرڻ کان ”هان“ ڪري ڇڏيائين.
ٻين کي ڌمالون ڪيائڻ سولي ڳالهه آهي؛ پر مانيٽري

ٺهي ڇو ٿي! هڪدم بينچ تي ڊگهو ٿي بيهڻ جو اعلان جاري ٿي ويندو هو. بينچ تي اڀرو ٿي بيهڻ نظر اچڻ انهيءَ زماني ۾ موت جي سزا مثل هو! صبح جو پرارٿنا ويل يا هڪ ڪلاس مان ٻئي ڪلاس ۾ وڃڻ وقت به نظارو ڏسڻ وٽان هوندو هو. ڪلاس جي قطار اهڙي سڌي سوڌي نظر ايندي هئي جهڙي لوهه جي لٺ، ڇا ڪنهن جي مجال جو قطار ۾ ور وجهي يا شانتي ميءَ وايو منڊل ۾ وگهن!! منهنجي جمت ۽ ضابطي تي ٻيا ماڻيٽر رشڪ کائيندا هئا ۽ هرويل پيا ڪوشش ڪندا هئا ته هوءَ به مون وانگيان نامور ٿين. پر انهيءَ لاءِ هنن اهڙا رستا اختيار ڪيا، جو پاڻ کي ٻين ۾ پيارو ڪرڻ بدران پاڻ کي ڪوڙو ڪري ڇڏيائون. هيڏي هڻ پڇاڙ کان پوءِ به جڏهن سوڀارا نه ٿيا، ته ساڙي ٻڪي ۾ پيا ٻڇرندا هئا، حسد ۾ پيا ڪامندا هئا. يوسف ۽ مينو ته خاص ڪري متا هٺي بيٺا، پر سندن طرز ۽ تميز شاگردن کي اهڙو تنگ ڪري ماريو، جو لاچار هنن ماسترن وٽ سندن خلاف وڃي دانهون ڪيون. حسد ۽ جوش ئي ڪين نيچو نوايو.

موتيءَ سان ته منهنجو ڪو ڇوت جو چندرما ٿي ڏنو. هو به منهنجو ڳوٺائي ۽ ڪي قدر مائٽ پڻ هو، پر منهنجي هن سان اُصل ڪين پوندي هئي. موتيءَ کي ڳالهائڻ جي ڏاڍي عادت هوندي هئي. ڪيترا دفعا اِشارا ڏنا هوندامانس، چٽ ڪٽي هوندي مانس، پر

توکي ڪير مڃيندو ڇو؟" تنهنڪري ماستر صاحب کي
ڇيم ته سزا ڏيڻ جو ڪم اوهان جو آهي ۽ نه منهنجو؛
هر ويرو منهنجي چوڻ موجب هلڻ لاء اوهين ٻڌرو ٿي
بدل آهيو. ماستر صاحب پنهنجي سر ٻچوان کي معاف
ڪري ٿي سگهيو، ڇاڪاڻ ته ٻچوان تمام فضيلت ڀريو
شاگرد هو ۽ هيءُ ڀهريون ٿي ڀيرو هو جو ڪيس اُٿاري
بيهاريو ويو هو. اُٿاري بيهارڻ جي سيکت ٿي سندس
لاء ڪافي هئي. پر ماستر صاحب کي انهيءَ ڳالهه اچي
منجهايو ته جي ٻچوان کي ائين ئي ڇڏي ڏيو ته مانيٽر کي
دل ۾ ٿيندو ته "مون ٻي رهائي ڪري دوست خلاف ٻه
دانهن ڏني، پر ماستر هنکي ڇڏي ڏنو، ته پوء منهنجو
ملڪ کهڙو ٿيو." تنهن ڪري هنجي مرضي هئي ته مان
چوان ته "ڇڏي ڏيوس"، ته پوء قصو سولو ٿي پوندو.
تنهن ڪري چيائين ته "جئن تون چوندين تئن ڪندس."
انهيءَ تي مون ٿيه پهه جواب ڏنو ته "مان چوان ته ڦاهيءَ
تي چاڙهيوس ته اوهين ائين ڪندا؟" منهنجو چوڻ ۽
ٻچوان جو اوچنگارون ڏيئي روئڻ؛ ڇوڪر جهل ٿي نه ڏئي.
هوُ ته اڳه ٻرئي لڄ ۾ ٻڏئي ٻڏو؛ مٿان جو اسان جي ڪليءَ
پٺنچاٽ ۾ اچي سزا جي سوال تي ود بدل ٿي، سا هن
جي سهڻ کان ٻاهر هئي. خير ماستر ته قصو انيئي ختم
ڪري ڪم چالو ڪيو، پر مون لاء ته ماجرا اچي ڪڙڪي.
دل ۾ ڏايو ڏک ٿيم، پر ڪري ڪجهه به نه پيو سگهان.
ڪليو ڪلايو ٻچوان کي پرچائي به نه پيو سگهان. ڇوڪرا

۾ مٺو وڻندو آهي جڏهن پنهنجا دوست، دوستيءَ
جو فائدو وٺي، مستي ڪرڻ شروع ڪندا آهن. مانيٽري
سٺي تڏهن ڪمائي سگهبي جڏهن ٻي رياءَ سان هلبو،
جڏهن "دوستيءَ" ۽ "نه دوستيءَ" ۾ فرق نه رکبو.
انهيءَ ۾ ماستر جو وساه به قائم رهندو ۽ شاگرد به مانيٽر
کي عزت جي نظر سان ڏسندا. البت دوستن سان ڪي
قدر ڦٽائڻي به پوندي. هڪ دفعي ڏاڍي تعدي ٿي.
ڀڳوان منهنجو گهرو دوست هوندو هو. هميشه مون سان
گڏ ساڳئي بينچ تي ويهندو هو. اسانجي ياراڻيءَ تي
ٻين کي رشڪ ٿيندو هو. هڪڙي ڏينهن ماستر جي
غير حاضريءَ ۾ مان شاگردن کي شانتي ڪرائڻ لاءِ بيٺو
هوس. اُلائي ڀڳوان جي کهڙي ڪل ٽڙي. پٺيان منهن
ورائي ڳالهائڻ لڳي ويو. ڇوڪرن ڏٺو، مون به قدم
کڻڻ ۾ ڪوتاهي ڪانه ڪئي. ماستر جو آيو ته ڀڳوان کي
بيٺل ڏٺائين. ڀڳوان، ماستر جو به لاڏلو هو. هن ڪيس
ڪا به سزا ڏيڻ نٿي چاهي. پنهنجو بوجو لاهي مون تي
ٿي وجهڻ چاهيائين. جڏهن مون ماستر صاحب کي
ڀڳوان کي اُٿاري بيهارڻ جو ڪارڻ ٻڌايو ته ماستر صاحب
چوي ته "تون ٻڌاءِ ته کهڙي سزا ڏيانس." منهنجي
من ۾ ماندائو مچي ويو. دل چوي "دوست ڪئن
مارائيندين، دوستي ڪئن ڦٽائيندين؟" دماغ چوي ته
"سزا نه ڏيڻ جي اُنرٿ ۾ تون ڪئن ڀاڱيوار ٿيندين؟
دوست کي ڇڏائيندين ته پوءِ ڪير تنهنجي ٻڌندو يا

سرمن، ويس وڳن، ۽ هار سينگار تي ضرور ڌيان ڏيندا
۽ ٻين جي اَٽپاٽ تي ٽيڪاٽپڻي ڪندا، پر ڪلاس جي
سڪل صورت تي نظر ڇو ٿي چڙهين! وديا جو، وايومنڊل
ٿي ٻه، گهڻو مدار آهي؛ پر اهو سمجهي ڪير!! پر جي
سرڪار ۽ سائينءَ پنهنجي "گهر" جي سينگار ۽ سنڀال
جي ڪا ٻه اون ڪاڻ ٿي ڪئي ته انهيءَ کي مان کهڙو
ڏي همٿ ڏيئي سگهيس! اهڙي دليلبازيءَ سان
منهنجي دل پرسن نه ٿي. دل ۾ آيم ته اهڙو ڪو تدارڪ
ڪجي جو ٻيو ڪلاس ٻهڪي اٿي. لاٿي خيال آيم ته
جيڪڏهن ميز، ڪرسي، بورڊ ۽ ٻاهرين دروازي کي
فقط تيل جو همٿ ئي ڏبو ته جوانيءَ جو جلوو نڪري
نروار ٿيندو. صلاح سٺي ۽ سولي هئي، ٺهڪري دن
کي ٺڪيو ۽ تسلي ٿي. پٽيوالي کي ٻه آنا ڏيئي،
ڪوپري جو تيل آڻايم، ۽ جڏهن سڪول ۾ هوءِ ٿيو ته
مان ٻه دروازا بند ڪري جنبي ويس مڪ ڏيڻ ڪي.
ڪم ختم ڪري، جنهن مهل ڪلاس ڏي نظر ڪيم ته
رونق ئي علحدي لڳي پيئي هئي!! صبح ساڻ سڪول
۾ هل هلاچو شروع ٿي ويو. جيڪو اسانجي ڪلاس وٽان
پيو لنگهي. سو ڪلاس جو نئون رنگ ڏسي هڪ پاسي
خوش ٻه پيو ٿئي ته ٻئي طرف ايرڪا ۾ پيو سڙهي. ماستر
صاحب ٻه هيءُ نئون رنگ ڏسي پرسن ٿيو. واري وٽيءَ
تي انسپيڪٽر صاحب اسانجي ڪلاس ۾ ٻه آيو. الائجي
ڇا اسانجي ڪلاس ۾ وڻي ويس جو ڪپ ڪوڙي ويهي

چا چوندا! ڀڳوان ٻه مونسان دل سان رسي پيو، ڇو، ڇو
ته ”سوٽو موٽو سڀرين، آيار پندو وت“ واري ڪار مونسان
ٿي. ڳالهه واشگاف ٿي ويئي. سڀڪو اسان ڏي نهاري
اکين ۾ پيو ڳالهائي. لڪي لڪي ڀڳوان کي پيو ڳالهه
سمجھائيندو هوس ۽ پرچائيندو هوس. نيٺ جوش ٻڌرو
ٿيس ۽ پاڻ ڪير ڪنب ٿي وياسين. ڇوڪرا وائڙا ٿي ويا.
ڪين ڀڪ هئي ته ڀڳوان اصل ڪين ڇهندو. پر هوُ ٻلبل
هئا. ڀڳوان دوست منهنجو ۽ سندس خبر ڪين وڌيڪ!!
مانيٽريءَ مان ڦريون سبق سکيس ٻي رياضيءَ جو، ۽
ٻي رياضيءَ ڪري ٻي ٻ پائيءَ جو.

سڪول سان ته اُهين ئي دل هئي، پر مانيٽري سبب
اُن سان هڪ نئون نينهن ٿيو وفاداريءَ جو. سڪول
جي گھنٽائي ته هونءَ ٻه ڪين ٿيڻ ڏيندا هئاسين، پر
هاڻ اُن جو تالو مٿي ڪرڻ ۾ وڌيڪ فخر ٿيڻ لڳو هو.
اَنگريزي پنجين درجي ۾ هوس ته هڪ ڏينهن ڪلاس
ماستر چيو ته ”سپاٽي اِنسپيڪشن آهي، انهيءَ ڪري
ڪلاس ۾ هميشه کان وڌيڪ صفائي هئڻ گهرجي.“
صفائي ته گھٽيائي چڱي، پر ڪلاس ۾ ڀيل سامان جو
سڪو نوٽ لڳو پيو هو، ته سگھڻي صفائيءَ مان ڪهڙو
ٻوُٿو ٻري ها! سرڪاري نپڙ اَڪثر طرح بيگانا هوندا
آهن. دروازن درين، ميزن ڪرسين، بينچن ۽ بورڊن
کي پل چونـ سال نبري بـ وڃن ته ڪين پالش جو
هٿ نصيب نه ٿيندو. ماستر ۽ عملدار پنهنجن سينڌ ين

ڪير؟ هاڻي پرنسپال دانهن جا ڪاغذ موٽائي ڏياري
موڪليا آهن، مان ڪهڙو جواب ڏيان؟“ ماستر ويڙهيمل
جهڙو هردل عزيز ماستر به اچي ڪتان!! مون چيومانس،
”سائين ڪو الڪو نه ڪريو، آءٌ پاڻهي تو سيٺي سان
پڄان.“ لنگهي ويس پرنسپال وٽ. ديوان ڏيارام به
دل گهريو سائين هو. چيومانس ته ”سائين، ماسترن کي
اجائي ڪونس اچي ڪنيو آهي جو بي بنياد فرياد ٿا داخل
ڪن. ڏوهي پاڻ، ڦاهي وجهن ٻين جي ڳچيءَ ۾.“
پرنسپال وائڙو ٿي ويو. چيائين: ”سو ڪيئن؟“ مون
چيومانس ”سائين هيئن: سڪول جي قاعدن موجب
ڇنڇر صبح جو سيٺي ماسترن کي گهنٽ لڳڻ سان راند
جي ميدان تي سڀني سڪول جي ٻارن جاچڻ لاءِ حاضر
ٿيڻو آهي. گذريل ڇنڇر تي اوهانجي گهران سڀ اخبارون
گهنٽ لڳڻ کان پنج منٽ پوءِ آيون، جي مان ٻه وقت
ماسترن جي ڪوٺيءَ ۾ لڳائي آيس. جيڪڏهن ماستر صاحب
چون ٿا ته اخبارون ماسترن جي ڪوٺيءَ ۾ ڪونه هيون،
تنهنجي معنيٰ ته هو ٻارن ميدان تي ويا ئي ڪونه هئا.
اِها هنن سڪول جي قاعدن جي اِنحرافي ڪئي آهي.
باقي جي ٻارن تان موٽڻ بعد به چون ٿا ته اخبارون
ڪونه هيون ته اهو قصور ڪوڙ ٿا ڳالهائين، ڇو ته مان
خود اخبارون ميز تي رکي آيو هوس. تنهن ڪانسواءِ سائين،
هُو جو پٽيوالو اوهانجي گهران اخبارون کڻي ايندو آهي،
تنهنکي ڪري تاڪيد ڪري ڇڏيو ته ڇرڪو نه اچي، جڏهن

رهيو. ماستر صاحب سان مرڪي ٻيو ڳالهائي. عام طرح انسپيڪشن جو حڪم نڪرندو آهي ته هرهنڌ هراس ڇانئجي ويندو آهي، ڄڻ ڪو راڪاس گهمي ويو آهي؛ ۽ انسپيڪٽر به پنهنجي هستي ڄمائڻ لاءِ منهن ۾ گهنڊ وجهيو پيا ماسترن کي تنگ ڪندا آهن. اسانجي ڪلاس ۾ به جڏهن انسپيڪٽر صاحب ٻهرئين گهڙيو ته منهن چڙهيو پيو هوس ۽ سنڌس اکين مان عملداري خنڪي ظاهر پئي ٻکي؛ پر ڪرسيءَ تي وهڻ سان ڦڙڪو ڦري ويو. عملدار خوش ته ماستر خوش، ماستر خوش ته شاگرد به خوش. پر جڏهن انسپيڪٽر صاحب آخر ماستر صاحب سان موڪلائي اُٿيو، ته ڪلاس جي ٻچان اسمن ٻاٽڪي ٻخوليءَ سنڌس سلڪ جي سوٽ تي ڇٽي، اُن کي پنهنجي علحدي فن سان رنگي ڇڏيو هو!!

مانيٽري ڪمائڻ سبب منهنجو حوصلو وڌيو. جيڪي خاصيتون مون ۾ مانيون ٿيون ميون ڀيون هيون، سي نڪري نروار ٿيون. منهنجو ٻاٽم ويساه وڌيو. هڪ دفعي ڏسان ته ماستر ويڙهومل منهن پيلو ڪيو پيو اچي. چيومانس ته "سائين، خير ته آهي." چيائين ته "ٻيو ڙيوئي سڪ، ٻن ماسترن پڪار ڪئي آهي ته ماسترن جي ڪوٺيءَ ۾ اخبارون وقت تي نٿيون پهچن. مثال ڏنو اٿن گذريل ڇنڇر صبح جو. مان به ڇا ڪريان. اخبارون وغيره ٻهرين وڃن ٿيون پرنسيپال جي گهر. اُتان ٿي جي وقت تي نه ايندين ته مان ڪهڙي وه وڃان، ۽ پرنسيپال کي ڇوي

۴- سرٽيفڪيٽ تي ڪدايم

مان ۽ نارائڻ ننڍي هوندي جا يار آهيون. ڪنهن ڏينهن منهنجي ڪڪي سندس ڪم ۾ ڪجهه ڳالهيون سمجهڻ لاءِ وٽس ويئي. اُن ڏينهن سندس ڪڪي جو جنم-ڏن هو، جنهنڪري سندس ڪنوار منهنجي ڪڪيءَ ۽ سندس ساهيڙيءَ اڳيان ٽول جي پليٽ آڻي رکي. سپاويڪ ڇوڪرين لڄ وچان پروفيسر جي ٽول کي هٿ به نه لاتو. اِنهيءَ تي نارائڻ چيس ته "نه توهان کي سڌ آهي ۽ نه سانير، ته چيٽن سان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي. اسين ننڍي هوندي کان گڏ پڙهيا آهيون. ڪاليج ۾ به گڏ هئاسين. پر انهيءَ کان وڌيڪ ته اسانجي ياراڻي گهري هئي. اسان مان اڪيلو ڪو به نظر ڪين ايندو هو. جي اهڙو اتفاق ٿيندو به هو ته هرڪو اُئين ئي پڇندو هو، "ڇا، پاڻ ۾ وڙهيا آهيو ڇا؟" هڪ دفعو وڙهيا به هئاسون، پر هميشه لاءِ ٺهڻ لاءِ. منهنجي شاديءَ ۾ منهنجي ڪنوار جا زيور به چيٽن ئي ٺهرايا هئا. سو جي اوهين ٽول نه کائيندئون ته وري به ڏوراپو مونکي ئي ملندو، ته شايد تنهنجي ڪارائڻ تي پوري دل ئي ڪانه هئي!!" ڇوڪريون واٽڙيون ٿي وييون ته هيءَ پروفيسر، جو ڪاليج ۾ هڙو ڳُورو ۽ گنڀير، جنهنجو ڏکو ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين ۾ دهڪو وجهي ڇڏيندو آهي، سو اڄ ايڏي پابوه مان ڪيئن ٿو ڳالهائي!! ڪڪيءَ جڏهن

ڪنهن تي به الزام نه مڙهجي ۽ هر ڪنهن جي به رهجي اچي." ديوان ڏيارام ته هڪدم ٽاڻي ويو ته مانيٽر ڪٿان ٿو اچي. تنهن چيو ته "پٽ، تون ڪو خيال نه ڪر، ڇنڇر واري حقيقت اهڙي ٻڌائي اٿيئي جو الزام مڙهيندڙ ماستر خود گناهه-گاريءَ لاءِ معافي وٺڻ لاءِ مجبور ٿيندا." ڪلاڪ به مس ٿيو ته ماستر ويڙهيمل گهرايو. پاڪر پيو پائيم ۽ مبارڪون پيو ڏيئيم، دانهين ماسترن ڪانئس اچي ڪميا گهري هئي.

اِهي هئا اسانجي مانيٽريءَ جا ڪيل! پر اڄ ته حالتون بدلجي چڪيون آهن. خود بادشاهن جوئي ساهه مٺ ۾ اچي ويو آهي، ته مانيٽر ڪهڙي بادشاهي ماڻيندا!

سبب ۽ دوستن جي همت ڏيارڻ تي، ساليانيءَ امتحان
کان اڳ ئي پهرين قطار ۾ اچي پهتو هوس. امتحان ۾ ته
اچرج ڪري ڏيکاريم. ماستر موهنداس ٻڌائي ڇڏيو هو
ته جيڪو حسابن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڇهون مارڪون ڪڍندو،
سوئي پهريون نمبر ماريندو. اُنهن ڏينهن ۾ چوٿين درجي
جي ساليانيءَ امتحان وٺڻ لاءِ انسپيڪٽر صاحب ايندو هو،
جنهن شاگرد بي ريائيءَ ۽ لياقت انوسار انگريزي درجي
۾ چاڙهيا وڃن. حسابن جو امتحان شروع ٿيو ته اسانجي
پاڻ ۾ سخت چٽاپيٽي چالو ٿي ويئي. انهيءَ چڪريءَ
۾ فيضوءَ جو هڪ حساب غلط نڪتو، تنهن ڪري هو
پهرين نمبر اچڻ کان ڪاٽا ٿي ويو. باقي رهياسين مان
۽ مهراج نٿو. نٿو مهراج مونکان برابر هوشيار هو، خود
حسابن ۾ پڻ؛ ۽ هن ئي ته مون کي اڳيان اچڻ ۾ واهر
ڪئي هئي. پر آخرين حساب ۾ مان ڪانئس گوءِ کڻي
ويس. حصي رسيءَ جو حساب هو. انسپيڪٽر صاحب
چيو ته "جيڪو شاگرد هيءُ حساب سولي رستي پهريون
نمبر صحيح ريت ڪري آڻي ڏيکاريندو، تنهن کي ڏهه
مارڪون وڌيڪ!!" حساب هو ته ڪا شيءِ پن رپين
ساڍن چوڏهن آنن، ته ٦٥ شيون ڪيتري؟ مان ڪراچيءَ
مان سکي آيو هوس ته جتي ڪنهن شيءِ جي قيمت
ٻارهن آنن کان مٿي هجي ته اُها سڄي رپئي جي حساب
سان آسان ريت ڪري، اُن مان گهٽ آنن جو حساب
سولائيءَ سان ڪئي ڇڏجي. سو مون اهو رستو اختيار

مونسان اها سربستي ڳالهه ۽ مناين ڪاٿي اچڻ جو ذڪر ڪيو ته مون نارائڻ جي هر ڳالهه جي تائيد ڪئي. هينئر بمبئيءَ ۾ برابر گڏجڻ گهٽ ٿو ٿئي، پر اها سالن جي ياراڻي پچاڙيءَ ويل به وسرڻ جي نه آهي.

اهو نارائڻ مونکي اڃا تائين چيڙائيندو آهي. مان چوٿين درجي سنڌيءَ ۾ هوس ته ڪراچيءَ مان ڇهن مهنن ڪاڻ ڳوٺ سيوهڻ وڃڻ پيو. نارائڻ به اتي هو. اسين ٻئي همڪلاسي هئاسين، ۽ جڏهن ته منهنجو گرو-پتا ۽ سندس پيءُ ٻئي ڪاليج جا پروفيسر هئا، تنهنڪري اسان جو سياوڪ ريت پاڻ ۾ سمبنڌ ٿي ويو. ٻنهي چوٿين درجي جو امتحان گڏ پاس ڪيو ۽ ٻئي پهرئين انگريزيءَ ۾ آياسين. ڪلاس ۾ پهريون نمبر مهراج نٿوُ، ٻيو نمبر فيضوُ، واچ ميڪر جو پٽ، ۽ ٽيون نمبر مان، باقي ٻيا سڀ پٺيان. اسان جو ڪلاس ماستر هو، ماستر گوردنداس ۽ هيڊ ماستر، ماستر نارائڻداس. ميءَ مهني جي آخر ۾ سڪول مان سرٽيفڪيٽ ڪيائي اچڻ لاءِ مونکي گهران چٺي ملي، ڇاڪاڻ ته جون مهني ۾ ڪراچيءَ واپس وڃڻو هوس. چٺي ڏيڻ تي ماستر صاحب سرٽيفڪيٽ ڪيڻ جي تياري ڪئي، ۽ ان سان گڏ سڀني شاگردن کي پڌايائين ته مان سڪول ڇڏي رهيو هوس. سڀني جي دل ننڍي ٿي. جيتوڻيڪ مان سڪول ۾ فقط ڇهه مهنا پڙهيو هوس ۽ اچڻ وقت همڪلاسين جي پوئين قطار ۾ وهاريو ويو هوس، ته به شهري فهم

"جڏهن صورت ۾ چوٿين ڪلاس ۾ ٽيون نمبر آهي، ته پوءِ ڪيئن سرٽيفڪيٽ ۾ موچارو (Very Fair) جو ڏيکاريو ويو آهي؟" انهيءَ تي ماستر صاحب کي سڏ ٿيو ۽ جڏهن ڪانئس انهيءَ بابت پڇا ٿي، ته چيائين ته "فيئر معنيٰ سٺو، ويري فيئر معنيٰ تمام سٺو؛ انهيءَ ڪان وڌيڪ ڇا لکان!!!" هيڊ ماستر جي هدايت تي مونکي ويري فيئر مان Good رمارڪ ڏنو ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ نارائڻ پڻ سرٽيفڪيٽ ورتو ته هنکي سڌو سنئون "گڊ" رمارڪ ڏنو ويو. انهيءَ تي ڪارڻ هو مونکي چيڙائيندو آهي ته "توکي گڊ رمارڪ زور لڳائڻ تي ڏنو ويو هو، ۽ حق حقائيءَ، جئن مونکي مليو!!!"

ڪيو، باقي شاگردن ٻهر ٻن ٻن رپين، ٻوءِ اُنن آنن، ٻوءِ وري ڇهن آنن، ٻن آنن ۽ آخر اَٺ آني جو حساب لڳائي، مس جوڙ ڪري، رقم ڪيئي. نتيجو جيتوڻيڪ قلم جو ٻه مونکان تڪڙو هو، ته به ٻن قدمن سان حساب جو جواب لهڻ مون لاءِ جهٽ ۽ آسان ٿيو، جيتوڻيڪ نتيجو مهراج کي به پنجن قدمن کڻڻ ۾ ڪا خاص ويرم ڪانه لڳي. پر ٻهريون صحيح حساب مون ڪري ڏيکاريو! تنهن هوندي به مان ٻيون نمبر بيٺس، ڇاڪاڻ ته ٻين ڪمن ۾ مهراج ۽ فيضو مونکان گوءِ کڻي ويا. تڏهن به ٻيون نمبر به ڪو لائو ڪين هو. تنهن کان سواءِ پنجين درجي ۾ ٻه جيڪي ڏينهن هوس، سي پنهنجي هوش سبب هم-ڪلاسين ۾ چڱو پيارو ٿيو هوس، جنهنڪري سڪول ڇڏڻ تي ماستر صاحب ۽ ڪن ڪلاسين مونکي پنهنجي شپ پاونا ڏيکارڻ ڪاڻ سهڻا ڪئلينڊر ۽ گل ڏنا. مان سڀ شيون ۽ سرٽيفڪيٽ کڻي گهر آيس. منهنجي گر-پتا جي سرٽيفڪيٽ تي نظر ٻوڙائڻ تي سندس منهن تي فڪر جو گهنج نظر آيو، ۽ مونکان پڇيائين: "ڇو، تون پڙهڻ جو ڪيئن آهين؟" مون ڪيس سر ٻستي حقيقت سڻائي ۽ ڪئلينڊرن ۽ گلن ڏيارن پنهنجي سچائيءَ جي ثابتي پيش ڪئي.

ٻئي ڏينهن مان ۽ منهنجو گر-پتا سرٽيفڪيٽ سوڌا هيڊ ماستر صاحب وٽ آياسين. منهنجي گر-پتا، هيڊ ماستر صاحب جو انهيءَ ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته

جن کان جاکوڙ ڪانہ پڄندي هئي، سي صاحبي ماڻهن خاطر اُچي ماستري ڪندا هئا. تنهن زماني ۾ پڻ هر ڪنهن ماستر جي مڃتا سندس ڏکي ۽ ڏاهپ تي مدار رکندي هئي. تازو هڪ جهوني ماستر صاحب سان سالن پڄاڻان ملاقات ٿي ويئي. اوڏي ويل خوش خيريافت ڪري، ٻہ ڳالهيون ٻڌي ٻڌائي، گهر موٽي آيس ۽ مگر واندڪائيءَ ويل جڏهن يادگيريءَ کي تازو ڪيم تڏهن ماستر دئوءَ جو ٽيہ سال اڳ وارو درشن اکين اڳيان ڇتو اچي بيٺو.

ڪن سببن ڪارڻ چوٿين درجي جو پويون اڌ سال مونکي ڳوٺ وڃي پڙهڻو پيو. جانس نپنس ڪراچيءَ ۾، سو ڳوٺ وڃڻ تي خاص خوشي ڪانہ ٿي- پر جتي ماني اُتي ماڳ. اُتي چوٿون پاس ڪري پنجين درجي ۾ آيس تہ جلد ڪراچيءَ واپس ورڻو پيو. منهنجا مڙيئي دوست ۽ پاڙي وارا وڃي سرڪاري سڪول ۾ داخل ٿيا هئا، پر مان جو ڇڙڪو آيو هوس، تنهن ڪري مون لاءِ انهيءَ سڪول ۾ داخلا اِن ويل تہ محال هئي. لاچار ماڊل هاءِ سڪول ۾ داخل ٿيس. خانگي سڪولن ۾ ماڊل هاءِ سڪول اول نمبر ليکيو ويندو هو. پهرئين ئي سال ماستر دئوءَ منهنجو ڌيان ڇڪايو. شڪل جو هوندو هو گورو، ۽ مڙس هوندو هو پنهنجي فلڪ وارو- ڌرتي ۾ سندس داب هيبت جهڪي، سندس سلام ورائيندي هئي. ورندي سال هوءُ اسانکي انگريزي سيکارڻ لاءِ

٥- ماسٽر ڏنُوُ

ماستري ٻه بادشاهي آهي. پر هيئنئر بادشاهي کنهن کي آئري ڪين ٿي، ۽ هرڪو لوڪشاهي راڄ ٿو پسند ڪري. تنهن ڪري ماستري بادشاهيءَ ۾ پڻ گهڻو فرق اچي ويو آهي. نه ته اينرو ضرور چئبو ته جن کي اڳا ته بادشاهي ڪمائڻ جي طرز ۽ ڄاڻ آهي، سي اڄ پڻ ماستريءَ ۾ پنهنجو راڄ ماڻين ٿا. اڳي ته ماستريءَ ۾ باقاعدي بادشاهي هئي، ۽ هرڪو گرو گنجو ماستر ڪنڌ ڪاپار مٿي ڪيو ٿي هليو، جڻ هر هنڌ سندس ٻوٽي ٿي هلي. ماسترن جو شاگردن تي اهڙو ته رعب هو، جو ڇوڪر ته ڏبيا رهندا هئا، پر سندن مائٽ پڻ هيسيل رهندا هئا. اڄ ڪالهه اهو قصو ڪٿي آهي! شل ته ماستر کنهن ڇوڪر جي ڇنڊ ڪڍي، پوءِ سندس خير ڪونهي. هونءَ ته مائٽن کي منت جي ته فرصت ڪانهي جو ٻارن ڪان ڪڍي پڇن تہ پڙهڻ ۾ ڪهڙو حال اٿن- ڏر مهني ماهوار رپورت تي پڻ نمبر پريل نيٽن سان صحيح پائي ويندا، پر جي ڪنهن ٻار ڪا ماستر خلاف ڏانهن ڪئي ته مائٽ مٿيو. آڪڙ رکي، ڪاهي ايندو سڪول ۾. اوڏي ويل آفيس جي ڏير وسري ويندس، فقط ماستر جي سنوارئي پيئي سندن مغز ۾ ڦرندي. اڳي ائين اصل ڪين هـو. ”ماستر جي مار، ٻار جي سنوار“ ڪري ليکبي هئي. انهيءَ ڪارڻ وڏن ڏهرن جا صاحبزادا،

مهني ۾ ماستر صاحب، ماسترن لاءِ خاص رمارڪ ڪالم
۾ ٻڻ ڪجهه لکي ڇڏيو هو. منهنجو اُن ڏانهن خاص
ڌيان ڪونه ڏورڙيو، ڇاڪاڻ ته رمارڪ لکيل هئا
هئا انگريزيءَ ۾ - مون لاءِ اهي سمجهڻ البت اهنجا هئا.
جڏهن رپورٽ ڪاپي اچي گهر پيش ڪيم ته بابوءَ، اِها
ڏسي مرڪيا، ۽ صحيح سان گڏ مائٽن جي رمارڪ ڪالم
۾ ٻڻ ڪجهه لکي ڏنائون. جڏهن رپورٽ ڪاپي واپس
سڪول کڻي ويس ته ماستر صاحب اها ڏسي اچي ٿهڪ
۾ پيو. مونکي البت عجب لڳو ته ماستر صاحب ڇا تي
کلي رهيو هو، مگر منهنجي ڇا مجال جو ڪانئس سندس
ٿهڪ جو سبب پڇان! جڏهن گهر آيس ته اُتي اچي پڇا
ڪيم ته آخر ڳالهه ڪهڙي هئي، تڏهن مس پتو پيم ته
ماستر صاحب هڙو سٺو رمارڪ ڏيندي به لکيو هو ته
"ڇوڪر کي اچا به ڪجهه پڙهائيءَ جي پٺتي گهرجي؛"
اِنهيءَ تي بابوءَ جواب ڏنو هوس ته "منهنجي مرضي
ناهي ته اسان جو ٻار ڪو اڪابر (*Excellent*) بڻجي،
سندس لاءِ "تمام سٺو" (*Very Good*) ثابت ٿيڻ ۽ اُن
تي قائم رهڻ ئي ڪافي آهي." ويچاري ماستر سياٽپ
ته سهڻي ڏوڙائي، مگر اُن جي موٽ ۾ جواب پڙهي
دنگ رهجي ويو، ۽ لاچار ٿهڪ ڏيئي ٽيوشن (*Tuition*)
ڏيڻ جو خيال ٽاري ڇڏيائين!!

مقرر ٿي آيو. ماستر ڏنُو وڏي آڪه جو يار هو. سندس وڏا چڱي عهدي وارا هُئا. آسودگي سندس چهري ۽ پوشاڪ مان پيئي بکندي هُئي. سندس هلت چلت مان سندس خنڪي ظاهر نظر ايندي هُئي ۽ سندس ڳالهائڻ مان سندس خودداري نمودار هُئي. پاڙهيندو اهڙي پڪ ۽ پختائيءَ سان هو، ۽ اهڙي ساداڻ نموني، جڻ جائو نپنو انگلنڊ ۾ ئي هو. پوءِ خبر ناهي ڪيئن اسان وٽ اچي سهڙيو هو. ٽڙني ماسترن مان ماستر ڏنُو مون کي وڌيڪ وڻندو هو. مان انگريزيءَ جي اڀياس ۾ انهيءَ ڪري خاص چاهه وٺڻ لڳس ڇو ته هُو فقط انگريزي ئي سيکاريندو ۽ پاڙهيندو هو. منهنجو لاڙو، پنهنجي ڪم ۾ ڏسي، هُو به مون ۾ چاهه وٺڻ لڳو. ساليانيءَ امتحان ۾ باقي ڪي ٿورا مهنا وڃي رهيا هُئا. اسين تڏهن ايڏا ته ننڍا هُئاسين، جو دنيا جي ول ڇل جي اسانکي لک به ڪانه هُئي. هاڻي ٿي پتو پيو آهي ته ماسترن کي خانگي طور پاڙهڻ جي ڪيڏي نه ڏاجهه رهي ٿي! نيم موافق مهني پوري ٿيڻ تي ماستر صاحب رپورٽ ڪاپي پري ڏني. هونءَ به پڙهڻ جو چڱو هوس، جنهنڪري هميشه سيني ۾ سٺي رمارڪ ملندي هُئي. پر هن مهني الائجي ڇو، ماستر ڏنوءَ سيني ڪمن ۾ "تمام سٺو" لکي ڏنو. مان ڏايو گدگد ٿيس. شايد ششماهي امتحان ۾ اڳي کان چڱو ڪرڻ ڪري ماستر صاحب پنهنجو رايو بدلائڻ لازم سمجهيو هو. اهو ته سڀ سٺو، پر هن

۾ ٻرڪ شمار ڪيو ويندو هو. اتي جا ماستر آزمودگار، اٽيجي پڙهائي عاليشان، ۽ اتي جو انتظام، فضيلت ۽ شان اعليٰ ۽ عمدو. ٻر چاڪاڻ تہ سرڪاري سڪول هو، ۽ تنهن زماني ۾ انگريز بهادر جو راڄ هو، تنهن ڪري اتي قومي ڀاؤ البت عدم پيدا هو. انهيءَ هوندي بہ الائجي ڪٿي مان جڏهن مئٽرڪ پڙهندو هوس تہ ڀرانا ڀاؤ جو ترورو نظر آيو. تنهن سمي سڪول جو هيڊ ماستر هو ديوان ڏيارام وسٽمل ميرچندائڻي. انهيءَ سال ٻهار ٻرڳٽي ۾ ڌرتي ڌٻي هئي، جنهن چڱا راڱا ڪري ڏيکاريا. اَڪيچار انسانن جي جان هلي ويئي؛ لکن جا جهڳا جهڻ ٿي ويا، جان ۽ مال جو ايڏو تہ نقصان ٿيو جو ساري ملڪ کي شوڪ وٺي ويو. ٻهار جي ڀونڪمپ جون خبرون اسان تائين پڻ پهچي ويون، جيتوٽيڪ انهيءَ زماني ۾ اسان جيڏا ٻار روزانين اخبارن نوسڻ ۾ ايڏو چاهہ ڪين وٺندا هئا، جيترو هينئر ٿو نظر اچي. منهنجي من ۾ ڀاؤ جاڳيو تہ اسانکي پنهنجن سقيم ديس-واسين جي هن دردشا ويل، پنهنجي وت آنوسار، ضرور ڪجهہ واهر ڪرڻ جڳائي. اسانجي هيڊ ماستر صاحب کي پڻ اهڙو ويچار آيو. مان چئي نٿو سگهان تہ اهو ويچار سندس اندر ۾ پنهنجو پاڻ اُپڄيو هو يا سرڪاري هدايتن اهو ڀڙڪايو هو. نوٽيس نڪتو تہ جن بہ ٻارن کي ٻهار جي ڀونڪمپ جي سٽايل جنتا لاءِ ڪجهہ ڏيڻو هجي سي ڀل آڻي ڪلاس ۾ ڪٺو ڪن. ڪن پئسا ڏنا، ڪن

٦- خوشي

سڪول واري وقت ۾ منهنجو هڪ گهرو دوست هو خوشي. خوشي شاهوڪاري ٻار هو. پڻس ڪراچيءَ ۾ ڪنهن وڏي عهدي تي هو. انهيءَ ڪري ماستر کيس خاص نظر سان ڏسندا هئا. انهيءَ ڪارڻ، يا ٻئي ڪنهن سبب، خوشي البت مغرور ٿي پيو هو. پر آلائجي ڇو مون سان ڏاڍي دل ٻجهي ويس. رهندو به اسان جي ويجهو ئي هو، ۽ ننڍي هوندي کان ساڳئي ئي سڪول ۾ پڙهيا هئاسين. خوشي مون سان ٻلڪل سٺو هلندو هو. وهندو ئي منهنجي لڳ هو، ۽ وچ ۾ ملندي پيا ڳالهيون ڪندا هئاسين. ڪلاس ۾ ته نه، پر ٻاهر پڻ ڳالهيون ڪندي ڪلاڪ نبري ويندا هئا ته به وقت جي ڪا سمڪ نه رهندي هئي. اهو البيلائيءَ جو عرصو هو. خوشيءَ مونکي پنهنجي سر هٺيلائيءَ جي لڪ ڪڏهن ڪين ڏياري، جيتوڻيڪ کيس ٻين سان ڏسندي جاچيندي مون محسوس ڪيو هو ته منجهس وڏونهن جو وڏو حصو هو. هڪ ڏينهن اها ڇٺو اُپري بيٺي. مون ان کي اُنهيءَ ٻوساڻ جو پتن ڪيو، ڇاڪاڻ ته منهنجي ياراڻي غرور وارن سان هرگز ڪين ٺڳي سگهندي هئي.

مان ڪراچيءَ جي سرڪاري سڪول ۾ پڙهندو هوس. ڪراچيءَ جو سرڪاري سڪول سنڌ جي مڙني سڪولن

سمجهين، جو غريبن لاءِ ڪپڙا ڏار ڪرڻ کي ڪميڻو
ڪم ڪري ٿو ليکين؛ اِهو شايد تنهنجي شان وٽان
ناهي. چڱو، سپاٽي ٽوڪي پڻ انهيءَ ڪٽڪي-ڪٽيءَ يا
ڏوٻيءَ جي-ڏنڊي جو ڇشڪو وٺائبو." ڳالهه انهيءَ
ڏينهن اتي ختم ٿي؛ خوشيءَ سمجهيو ته هيءَ سڀ
ٽرچڙو هو، اِها سايپا ٿي نٿي سگهي.

پر مون ته پاڻ سان اُتي جو اُتي فيصلو ڪري ڇڏيو
هو ته خوشيءَ جي نڪ مان ور اُوس لاهبو. ٻئي ڏينهن
رسيس ۾ ايشور پريمچند کي چيم ته "تون اَڄ ڪم ٿي
نه هلجانءِ." رسيس ختم ٿيڻ تي ماستر صاحب ڪان
موڪل وٺي ڪلاس ۾ گهڙي، ڪيس اَچي وڏي واڪي
چيم ته "سائين، هيڊ ماسٽر صاحب چيو آهي ته اَڄ
خوشيءَ کي ساڻ ڪري ٻهار وارن لاءِ ململ ڪپڙا ڏار
ڪرائي رکو، ته جلد روانا ڪريون؛ سو اوهين خوشيءَ
کي موڪل ڏيو ته آءٌ ڪيس ڪپڙن جدا ڪرڻ لاءِ ساڻ
وٺي وڃان." ماستر ويڙهومل، جو خوشيءَ کي خاص
گهرندو هو، سو هڪدم ٽاٽي ويو ته هيءَ ساري لڇائي
منهنجي هئي. مون ڏانهن گهوُر ڪري نهارڻ لڳو.
هوڏانهن خوشي، منهنجو ماستر کي عرض ٻڌي، رنگ
مٽائڻ لڳو. اَسانجو ٿي هڪڙو ڪلاس هو جنهن ۾
ڇوڪريون هونديون هيون. اِنهيءَ ڪري نوجوان نينگر
ڪڏهن ڪين چاهيندا هئا ته سندن (ڇوڪرين) منهن

اَٺ - ڇُڙيل ڪپڙا آندا، ۽ ڪن ٻين ڪمائتين شين آٽي
سهڙايون. سڪول جا پٽيوالا اهي سڀ ڍوئي هيڊ ماستر
جي ڪوٺيءَ ڏي نيئي ويا. جڏهن سڀ مال اچي چڪو،
تڏهن هيڊ ماستر صاحب مون کي ڏهرايو. سندس خيال
هو ته ڪپڙا جيڪي آيا هئا، تن مان مردانا الڳ ۽
۽ زنانا ڌار ڪيا وڃن، ڦاراڻ الڳ ۽ پجاما جدا ڪيا
وڃن، ۽ انهن جي مڪمل يادداشت تيار ڪري، مال
جلد روانو ڪرڻ گهرجي. مونکي چيائين ته ”ڪي
شاگرد وٺي اچي اهو ڪم اڄ ئي ختم ڪر.“ مان پنهنجي
بينچ تان سويو ۽ ايشور ميننمل، ۽ ٻيا ٻه چار نينگر،
جن ۾ ايشور پريمچند به هو، وٺي وڃي ڪم کي جنبيس.
مونکي شيوا ڪرڻ جو ننڍي هوندي کان ئي شوق هو.
اهو ڪيئن پيدا ٿيو سو چئي نٿو سگهان؛ باقي جو هيءُ
وجهه مليم، سو گد گد پيو ٿيان. جيتوڻيڪ ڪپڙن جدا
ڪرڻ لاءِ اسين پاڻ ۾ ڇڱائي نينگر هئاسين، ته به ڪم
ختم ڪرڻ ۾ ڇڱي ويرم لڳي ويئي. جڏهن مونئي اچي
ڪلاس ۾ ويناسين ته منهنجي منهن ۾ هڪ انوکي خوشي
ڦهليل ڏسي، خوشيءَ پڇيو: ”ڪهڙي ڪيمپ ڪٿي آيا
آهيو؛ هيڏي دير ڪيڏانهن ويا هئا؟“ مون ڪيس ساري
حقيقت سڻائي ته هوءَ اچي ڪل ۾ پيو. چوڻ لڳو، ”سو
اڄ ڏوپهين واري پڳ ڀري هئَو!!“ سندس اکه جي
اِشاري ۾ هڪ ٽوڪي رهيو هو. مان پسري اُٿيس. مون
هڪدم چيومانس ته ”تون ڀاڳ کي شايد وڏو ماٺو ٿو

هيڊ ماسٽر صاحب جي ڪوٺيءَ ۾ آيس، ۽ اتي آٽي،
ڪرسيءَ تي ويهاريندي، چيومانس: "دوست، جن ڪاڏا
ٻلن جا پيٽارا، تن جا هيڏڙا ويچارا. سو تون ڪم ڪوهه
نہ ڪر، پر ڪم ڪان ونءُ نہ وڃ، نہ تہ اسانجي سنگ
۾ هلي نہ سگهندين." خوشي ڪاوڙيو اصل ڪين، ۽
وري ڪڍهن ۾ وڏونهن جي ڏيکاري ڪين ڏنائين.

تي ڪلاس ۾ سندن (ڇوڪرن جي) ڪا چرچا ٿئي. هتي جو
خوشيءَ کي ڏوبيءَ جي ڪم ڪرڻ واسطي نيو ٿي ويو،
سو ٻڌي ڇوڪريون ڇا چونديون- اُن جو خيال ڪندي
خوشي ڳاڙهو پيلو ٿيڻ لڳو. پتو ناهي ته ڇوڪرين جو
ڪو انهيءَ طرف خاص خيال ڌ وڙيو يا نه، پر ماستر صاحب
کي پڻ اهڙي ئي اَنومان ستايو، سو خوشيءَ جي جند
ڇڏائڻ ڪاڻ چيائين: "سچ ٿو چئين ته هيڊماستر صاحب
خوشيءَ جي هن ڪم لاءِ ٻانهن گهري آهي؟" ان تي
مون نه پر جواب ڏنو مانس، ته "سائين، ڇا مان ڪوڙ
ٿو ڳالهايان!! ڇو ته مان ڪانئس اَهڙي قسم جي چٺي
آڻي ڏيانوَ!!!" ماستر صاحب جهٽ سمجهي ويو ته هيءُ
شيطان جيڪي چوي ٿو سو ڪري ڏيکاريندو. جيڪڏهن
هيڊماستر صاحب کي وڃي چوندو ته مونکي خوشيءَ جي
مدد جي ضرورت آهي، ته هيڊماستر صاحب چٺي هڪدم
لکي ڏيندس، ڇو ته کيس خبر هئي ته خوشي سندس
گهرو دوست ٿئي، جنهن جي سنگ ۾ ڪم سهٽو ۽
ترت اُڪلي ويندو. ان حالت ۾ ماستر صاحب کي
انهيءَ ويچار اچي ستايو ته "پوءِ ته مان ئي ڏنو ٿيندس،
ڇو ته هيءُ ڇوڪر هيڊماستر صاحب کي دانهن وڃي ڏيندو
ته واتو ويٺي چوڻ تي ماستر ويڙهومل هيڊماستر صاحب
جي حڪم کي وزن نٿو ڏئي." مٿي ٻه ماٽ، مٿي
ٻه ماٽ، پيو چاڙهو نه ڏسي؛ خوشيءَ کي چيائين ته
"بابلا وڃ، پر جهٽ اچج." خوشيءَ کي ساڻ وٺي

هڪدم موڪل ملندي هئي، پر اڄ الائجي ڇو، ماستر صاحب ائين نہ ڪيو. مون طرف ڪنڌ ورائيندي، ڪجھہ سيڪنڊ ترسي، چيائين، "اڇو، مسز مڱڻ!" هيءَ ورندي ماستر ويڙهيمل جي وات مان نڪتي مس ۽ ساري ڪلاس ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو. کلڻ لاءِ ڪافي ۽ قوي سبب هو. ماستر صاحب جيڪو سبق پاڙهي پورو ڪيو هو، سو انگلستان جي نامڪنئي ليکڪ چارلس ڊڪنس جو لکيل هو. انهيءَ سبق ۾ ٻن ماڻهن جو چٽر چٽيل هو. مسز مڱڻ، هڪ سڪول جي هيڊ ماستر يائي هئي. ويچاري سنهڙي سيپٽڙي، سڪول چڱي فلڪ سان پيئي هلائيندي هئي. ڇو نہ مان بہ تن ڏينهن ۾ سنهڙو. پتڪڙو مڙس هوس ۽ سرڪاري سڪول جي حاطي ۾ ائين پيو ايندو ويندو هوس جڻ انهيءَ ننڍڙي دنيا ۾ سڀ ٺو چڙهيو منهنجي حڪم تي تي!! ماستر صاحب کي اها منهنجي رعبدار روش ڪين آئڙي هئي، يا تہ سندس خيال هو تہ چرچو ڪنهن رڄ مڙس سان ڪجي، انهيءَ ڪارڻ منهنجو انهيءَ ڏينهن ائين آدرستڪار ڪيائين جو سارو ڪمرو ٽهڪ سان گونججي اٿيو. پاسي کان هيڊ ماستر صاحب جي ڪوٺي هوندي هئي. سندس چرچي ڪرڻ ڪارڻ جو هيڏو هل اچي متو هو، سو ماستر صاحب کي فڪر وڪوڙي ويو تہ اجهو ٿو صاحب پرگهٽ ٿئي ۽ گهوڙا چاڙهي تہ هيءُ سڪول آهي ڪين ڪو تماشگاهہ! پر ماستر صاحب اڃا سوچيو پئي تہ ڪيئن ماٺ ڪرائجي، تہ مون

٧- ماستر ويڙهومل

اسانجو ماستر ته ويڙهومل. جيتوڻيڪ هو فقط هڪ ڪلاس جو ڪلاس-ماستر ٿي ٿي سگهيو، ته به جن ٻن ڪلاسن ۾ هو ڪجهه نه ڪجهه پاڙهڻ ويندو هو، اُتيجا سڀ شاگرد سندس ساراهه ڪندا هئا. سندس پاڙهڻ جو نمونو واهه جو هو. ڪل چرچي ڪندي سبق پاڙهي پڪو ڪرائي ويندو هو. تواريخ جون خشڪ حقيقتون به اهڙيءَ ريت اندر جي پٽيءَ تي اُڪرائي ڇڏيندو هو، جو مور نه وسرن. شاگردن سان چرچو ڪرڻ ۾ ته کيس خاص مزو ايندو هو.

مان به جڏهن مئٽرڪ ڪلاس ۾ هوس ته مونسان پڻ چرچي ڪرڻ جي چرچ ڪيائين، پر چرچو مهانگو پيس. انهيءَ هوندي به سور پئي ويو، ۽ مرڪڻ لڳو. مان ته کيس انهيءَ ڪشاده-دليءَ ڪري ڀائيندو آهيان. هو وسرڻ جوڳي ناهي، نڪي ڪي وري سندس چرچو ميسارڻ جو آهي.

هڪ ڏينهن رسيس پوري ٿي هئي ۽ ماستر صاحب ڪلاس ۾ اچي ويو هو، پر مان ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر روڪجي ويو هوس. ماستر ويڙهيمل اڃا نئون انگريزي سبق پاڙهڻ شروع ڪيو ته مون در وٽ اچي چيو: "سائين! مان اندر اچان؟" هونءَ ته اندر اچڻ جي

پر مان ڪري ڇا ٿي سگهيس! ڪل نہ ٿي ڇڪي، واپس وڙڻ جي نہ اها هئي ٿي ڪانہ!! تنهن ڪان سواءِ ماستر صاحب چرچو ڪيو هو سبق جي اوٽ تي، سو مان موٽ ۾ جي ڪجهہ ڪري ٿي سگهيس نہ ساڳيءَ طرز تي ٿي، پيو ڪو مون لاءِ چارو هوئي ڪونہ. مان شاگرد، تنهن ڪي اهڙي رمز اچي ڪٿان؟ پر نہ. مان پليل هوس. مون ۾ جو شيطان هو، سو ماستر صاحب جي وزندار وار تي اٿي سجاڳ ٿيو، ۽ ڪيهر شينهن جيان بنا دير ۽ بيدڙڪ جواب ڏيئي ويٺو. ماستر صاحب جي چوڻ تہ "اچو؛ مسز مٺن!" تي مون وراڻيو، "ڪيئن، مسٽر بمبل!!" اها، ڇوڪرن ڇوڪرين ڪان جو ٺهڪ نڪتو، سو بيهي ٿي نہ. سارو بلاڪ ٺهڪ تي ٻهڪي اٿيو. منهنجو ڪجهہ چوڻ ۽ ماستر ويڙهيمل جو ڳاڙهو ٿيڻ! مان البت ٻجي ويس ۽ هڪدم پاڻ سنڀاليم. ڪا خطا تہ ڪانہ ڪئي هئم؟ اصل نہ. ماستر صاحب ڪجهہ چيو ۽ مون ورندي ڏني. ماستر صاحب سبق ۾ ڪنهن اداڪار جو ذڪر ڪيو هو، تہ مون بہ ساڳئي سڪي ۾ خيال جو اظهار ڪيو هو. ڊڪنس واري سبق ۾ مسز مٺن سان گڏ ٻيو اداڪار مسٽر بمبل هو، جو انسپيڪٽر صاحب جي آفيس جو ماٺهو هو. مسٽر بمبل قد جو ٻورو، بدن جو موٽو ۽ خوش مزاج ماڻهو هو. چارلس ڊڪنس جي مسٽر بمبل جو بيان ماستر ويڙهيمل سان بنهہ ٺهڪي ٿي آيو. جي مان مسز مٺن موافق ٿي لڳس تہ مسٽر بمبل بنهہ سامهون ڏٺم، ۽

جيڪي ڪيو تنهن تي شاگردَ ڪلي ڪلي ڪيرا ٿيا، پر هيل
ڪل مونتي نہ، پر ماستر صاحب تي هئي.

مون جو ماستر صاحب جي عمدي ڪيڪار ٻڌي تہ
البت اچرج لڳم. ماستر ويڙهيمل وٽ منهنجو ڪافي
قدر هو. ڪيس خبر هئي تہ مان ڪلاس جو مانيٽر هوس.
تنهن ڪانسواءِ سڪول جي لئبرري ۽ اخبارون جي سنڌس
چارج ۾ هيون، سي سڀ مان ئي سنڀاليندو هوس. ساڳيءَ
ريت ٻئي ڪم هاج ۾ بہ مان سنڌسواهر ڪندو هوس.
شاگردن ۾ منهنجو مان هو. ماستر صاحب ٽوڙي سڪول
جو هيڊ ماستر مونکي ٻين کان وڌيڪ گهرندا هئا. اهڙي
شاگرد سان سڄي ڪلاس جي منهن تي هيئن ڪليو چرچو
ڪرڻ سهڻو نہ پئي لڳو. تنهن ڪانسواءِ انهيءَ ۾ منهنجي
خاص گهٽتائي ٿي هئي. ساري سڪول ۾ اسانجي ڪلاس
۾ ئي ڇوڪريون هونديون هيون. اُنهن اڳيان هيئن ڪلڪو
ڪرائڻ سخت اَپمان ڀريو قدم هو، پوءِ ڇا جي اهو ماستر
صاحب ڪيو هو! تن ڏينهين ماستر صاحبن جو شاگردن
وٽ واه جو مان هو!! ماسترن اڳيان شاگرد ائين ڪڇن
جهڙي پٽ؛ ڇا سندن مجال جو ڪنڌ کڻي ڪين ڪجهہ
چون!!! پر مونکي ٻاه وٺي ويئي. مونکي ماسترن لاءِ
ٻين وانگر عزت هئي، شايد مونوٽ جيڪو سندن قدر
هو سو ٻين وٽ ڇڏ ۽ هجي، پر مون پنهنجو سؤمان ڪڏهن
ڪين ڀاسيرو ڪيو. اهو سؤمان پوسري آئيو. ماستر صاحب
کي خاص طور منهنجي پيٽئي ڪل وجهڻ واجب ڪين هو.

٨- ماستر نانڪرام

ماستر وِڙهيمل کانسواءِ ٻيو ماستر، جو جهٽ هُري ايندو آئم، سو ڪاڪو نانڪرام. هو اُنهيءَ زماني جو پڪو ماستر هو. ٻاهريون ڏکو رکڻ جي هر جاءِ هر ڪا ڪوشش ڪندو هو، پر اندروني دهشت چڱي گهٽ هيس، انهيءَ ڪارڻ رعب رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ڪين سگهيو. وقت تي ته ڪاهڙو قدم به کڻي وهندو هو، جو آخر کلڻ-هاب بڻائيندو هوس. پر هو ڏاڍو رڃ مڙس. منجهس ڪو کوٽ ڪين هو. هو بلڪل سادو، پر دل هوندي هيس ته آءٌ به ٻين مکيه ماسترن مان ليکجڻ ۾ اچان. سڌ شهه-سواريءَ جي ته هر ڪنهن کي ٿيندي، پر جي اُها سڪڻي سڌ آهي ۽ اُن سان همت هموار نه آهي، ته اها سڌ سڪڻي ئي رهجي ويندي.

مان اُن ڏينهن درجو ڇهون پڙهندو هوس يعني هن وقت جو درجو ڏهون. اُنهن ڏينهن ۾ انگريزي پنجين درجي کان وٺي پاڙهڻ ۾ ايندي هئي، جنهن ڪري ڏهين درجي ٽوٽي ٻوليءَ جو چڱو اَڀياس ٿي ويندو هو. ويتر جو مان پڙهندو هوس سرڪاري سڪول ۾ ته اَنگريز بهادر جي راڄڪاريءَ ۾ انگريزيءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هو، جنهن ڪري ڏهين درجي ۾ اَنگريزي چڱي ايندي هئي. انهيءَ کان سواءِ منهنجو

۽ سندس حب سنديءَ ڪيڪار ڪيم. پوءِ ماستر صاحب ڳاڙهو ڇوٽي ٿيندو ويو! ”اِس هاٿ دي ۽ اُس هاٿ لي.“ دنيا جو اهو دستور آهي؛ پوءِ ماستر گرم ڇوٽي ويو هو!! هيءُ جو ٺهڪڙو چالوئي رهيو، تنهن ماستر صاحب کي منجهائي وڌو هو. ڪيس اها خواب خيال ۾ ئي ڳالهه ڪانه هئي ته ڪو به شاگرد ڪيس ڪڏهن به حاضر جواب ڏيئي، ترت دان، مها پيچ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهندو. شاگرد ويچارا مٿا ماريا پيا هوندا هئا، سوئي انگريز جي راڄ ۾، سرڪاري سڪول ۾. ماستر صاحب کي ڇوت اها آئي ته پنهنجي ڇتائيءَ سان شاگردن جي ڪچڙي من تي جيڪو پنهنجو طلسمي ڪوٽ اڏيو هئائين، تنهن ۾ اڄ خال پئجي ويو.

انهيءَ هوندي به حالتن تي قبضو پائڻ لاءِ منهن پڪو ڪري، ماستر صاحب مونکي اندر اچي پنهنجي جاءِ وٺڻ لاءِ موڪل ڏني. پر سندس اندر ۾ منهنجي جواب جيڪو طوفان ڪڙو ڪري ڇڏيو هو، سو ڪيس پاڙهڻ ڇو ٿو ڏئي!! آخر مون طرف نهاريندي چيائين، ”چيٽن، بد. اَپٽي نه تون مونسان ڇرچو ڪج، نه وري مان ٿي توسان ڇرچو ڪندس.“ مون به جهٽ چيومانس: ”سائين، جيڪا اوهانجي آگيا.“

ڪلاس پورو ٿيو. ڏينهن گذري ويو. ٻئي ڏينهن وري ماستر ويڙهومل ساڳئي جو ساڳيو.

شاگرد کي سوال جواب جو تنهن زماني ۾ ٻنهي حق ڪونه
هو، تنهنڪري مون جو ماستر صاحب جي مارڪن ڏيڻ
جي طريقي تي سوال اُٿاريو ته سپاويڪ ڪاڪي نانڪرام
کي مٺيان لڳي. خفي ٿي چيائين ته هيڏانهن ڪر نوٽبڪ
ته ڏسان ته ڇا ٿي هيڏي ٻڙ ٻڙ لائي ڏني اٿيئي؟"
جواب غور سان ڏسندي چوڻ لڳو ته "ها، ڊاڪٽر صاحب
تنهنجو ٻدل ٻانهو ٿي ڏنو، جنهنکي "پيارا ڊاڪٽر" ڪري
ٿي خط لکيئه!!" مون ان جي هڪدم ورندي ڏني:
" سائين، جي ڊاڪٽر واقف نه هجيم ها، ته اڻ واقف
ڊاڪٽر خط لکڻ تي ٿوروئي اچي ها، ۽ واقف ڊاڪٽر
کي ته ائين ئي لکبو!" هن رد ڪد ملڻ تي به ماستر
صاحب ٻاز نه آيو، ۽ ٻاڙي ڪڍڻ ڪاڻ ٻي حجت اُٿاريائين.
"ڇي، سڄين سارين ڏهن مارڪن جو خط، ۽ ان ۾ جملو
لکيو اٿيئي هڪڙو!!" مان به ائين سڌرو آڻ مڃڻ وارو
ڪين هوس، سو وراڻيم: "سائين، مارڪن جو جملن سان
ڪهڙو واسطو! خط ۾ جيڪڏهن گهربل ڳالهيون نه ڄاڻايون
هجنم، ته ڀوءِ ڀل مارڪون ڪاٽيو. مٿان سرنامو ڏنو اٿم،
خط جي صحيح ريت شروعات ڪئي اٿم، ان ۾ بيماريءَ جو
قسم ۽ ڪڏهن کان شروع ٿي اٿم اهو ڄاڻايو اٿم، ڪيس
اچي ڏسي وڃڻ لاءِ عرض ڪيو اٿم ۽ خط جي پڇاڙي
پڻ پوريءَ ريت ڪئي اٿم. وڌيڪ ڇا لکان؟"
ماستر صاحب منهنجي جواب تي اَلبت ٻوسريو، پر ٻيو
حيلو ٻهانو نه ڏسي، ڇهن مان ڇهه مارڪون ڪري ڏنائين.

گر- پٺا پاڻ ناميارو پروفيسر هو ۽ گهر ۾ سائنس
انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ جي هدايت ڏيل هيم، جنهنڪري
پڻ انگريزيءَ جو محاورو چڱو خاصو ٿي چڪو هوم.
انهيءَ وقت ۾ ماستر نانڪرام منهنجو ڪلاس-ماستر
هو. هڪ دفعي هفتيوار امتحانن جي سلسلي ۾ انگريزيءَ
۾ امتحان ٿيو. سوال مليو ته انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر کي
خط لکو. اُن ۾ ڄاڻايو ته اوهان کي ڪهڙي تڪليف
ڪڏهن کان هلاڪ ڪري رهي آهي، ۽ عرض ڪريوس
ته اوهانکي اچي ڏسي وڃي. سوال تي ڏه مارڪون
رکيل هيون. مون هڪدم، مٿان سڄي همت تي، پنهنجو
سرنامو ڏيئي، لکيو: "پيارا ڊاڪٽر.. ...، جڏهن ته ڪالهه
لاڪر رکي پيو پيٽ ۾ پيچ پوي، تنهن ڪري آءٌ
اوهان جو شڪرگذار رهندس، جي اڄ اوهين فرصت
ملند يئي مونکي ڏسي ويندا. اوهان جو شيچننڪ..."
جڏهن نتيجو ظاهر ٿيو ته پاس ته چڱين مارڪن سان
ٿيس، پر جان ڪٽي امتحان وارو نوٽبڪ کوليان ته خط
واري سوال تي مارڪون فقط چار. سياويڪ خيال ٿيم
ته ماستر صاحب ري گناهه ڇو مارڪون ڪٽي ڦٽيون ڪيون
هيون! تنهن ڪري اَدب سان ماستر صاحب جو ان
حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪايم. پهرين ته ڳالهه ٽارڻ جي
خيال کان وڃي پنهنجي جاءِ تي وهڻ لاءِ چيائين؛ پر
مان به ضدو هوس، سو اُٽان بيهي وري اعتراض اُٿاريم.
ماستر نانڪرام اَلبت ڪاوڙيو. سرڪاري سڪول ۾

وڏي؛ جنھنڪري سوال دھرائڻ تي مون ساري حقيقت سڻائيندي شريو شاگرد کي سيکت ڏيڻ تي زور ڏنو. مان ڪلاس جو مانيٽر ھوس، منھنجو شاگردن تي وڏي ماسترن ۾ مان ھو؛ مونسان ھيءَ گستاخي ڪيئن ٿي نھي!! پر ڪاڪي نانڪرام لاءِ ماٺھو ڳولي لھڻ محال ھو۽ منھنجي اِت ھٺي بيھڻ جو اھو ئي سبب ھو تہ ڪاڪي صاحب سان رد بدل جو ڪجھہ لقاءُ ڏسجي. پر جڏھن تہ ماستر صاحب جھٽ خفي ٿي پيو، تہ مون بہ ڪٽي ماٺ ڪئي. ماستر صاحب منھنجي پاڙيسري خوشيءَ کي سبق پڙھڻ لاءِ چيو ۽ اُن ڪانپوءِ سندس پاسي ۾ ويٺل ايشور جو وارو آيو، جنھن بعد وري بينچ تي ويٺل آخرين ڇوڪر سوڀي جي سبق پڙھڻ جي نوبت آئي. پر سوڀي کي چوڻ کان سيڪنڊ اڳ، ماستر صاحب - جنھنجو ساڄو ھٿ ھميشہ سندس مٿئين چپ تي رکيل ھوندو ھو- مڇ جي وار کي ڇڪي ڏيندي، اوچتو مونڏي اشارو ڪندي، آکيو: "توکي مغز ۾ ھوا آھي!!" ڪلاس مٿان ڄڻ بم گولو ڪريو. مونکي پڻ ڏڏڪو آيو، پر منھنجي سؤمان کي سخت صدمو رسيو، ۽ مون بہ بي ڌڙڪ چئي ڏنو مانس "ھا، اٿم." ماستر صاحب لاءِ ھيءَ ورندي ناقابل برداشت ثابت ٿي. حڪم ڪيائين: "ڪلاس کان ٻاھر نڪري وڃ." مون حڪم جي ھڪدم تعميل ڪئي. ڪلاس ۾ ھل ھنگامو مچي ويو.

مون من ۾ ويچار ڪيو تہ مان وري ڪاڪي جي

پر منهنجو سرچڻ ڪٿي هو!! مون ٻڌو هو ته ماستر صاحب،
هيڊ ماستر صاحب کان خاص ٿهندو هو. پنهنجي نسبت وڏي
ماستر کي دانهن هوءَ برداشت ڪڏهن ڪين ڪري سگهندو
هو. تنهنڪري مون به هوڏ ٻڌي چيو ته ”مان هيڊ ماستر
صاحب وٽ ٿو وڃان.“ ماستر صاحب جي منهن جو پنو
لهي ويو. مان اُٿي ڪلاس کان ٻاهر آيس ته ڏاڍي پاٻوهه
مان سڏي چيائين، ”تون به دانهن ٿو ڪٿي وڃين؟“
مونکي البت لڄ آئي، پر پنهنجو مروت سڌ ڪرڻ
خاطر چيومانس: ”سائين توهين به راهه گناهه مارڪون
ڪاٽيندا ته اسين به لاچار ته ٿيندا سين ته ٻيو ڇا؟“ نيٺ
ڏهن مان جڏهن اَٺ مارڪون ڏنائين، تڏهن مس
رد بدل لٿي!!

ٻئي دفعي مئٽرڪ ڪلاس ۾ ساڳئي ماستر صاحب
مان اچرج ڀريو اُتڪاءُ ٿي پيو. ڪاڪو نانڪرام اسانکي
سنڌي پاڙهيندو هو. انهيءَ ڏينهن مونکي سبق پڙهڻ
لاءِ چيائين جاڪاڻ ته آءٌ سڀڪي هت ٿي پهرئين بينچ تي
ساڄي طرف پهريون نمبر وٺو هوس. مان جو سبق پڙهڻ
۾ مشغول هوس ته پٺيان نبي بخش منهنجا ڪتاب سيڙهي
منهنجي وهڻ واري جاءِ تي ڪري رکيا، جنهنڪري
پڙهڻ پوري ڪرڻ تي مان بينچ بدران ڪتابن تي وڃي
ويٺس. انهيءَ ڪري اسانجي طرف ڪجهه ٿهڪڙو مچيو،
۽ مونکي ڪل اچي وئي. ماستر صاحب جو هيءُ ڪلڪو
ٻڌو، سو سبب پڇيائين؛ مون ٻڌايو، ته سندس مٺيان

ڪاڪي جي ڪلاس ۾ نہ وڃڻ جو ذڪر ڇيڙي، هڪدم چيائين تہ ”اڄ کان ڪاڪي جي ڪلاس ۾ ضرور وڃجانءِ؛ ماستر مائٽن جهڙا ئي ڪري ليکڻ گهرجن، مائٽ ڪين وقت تي ٻارن کي ڳالهائيندا آهن.“ ان جو مون فقط اهو اُتر ڏنو تہ ”سائين، منهنجو پيءُ هوند مون جيڏي پٽ کي ائين هرگز ڪين چوي جئن ڪاڪي ڪيو هو، ڇاڪاڻ تہ هوندي بہ اوهانجو حڪم مونکي ٻرچشم آهي، پر مان ڪاڪي جي ڪلاس ۾ سياڻي کان وڃي ويهندس.“ بس منهنجو ٻاهر اچڻ ۽ ڪاڪي جو بہ ڪلاس مان ٻاهر نڪرڻ. ”سائين بس، صاحب کي وڃي دانهن ڏنوَ؟“ ڪاڪو ڏڏڻ لڳو. چيائين ”هتي ڇوڪرن جي منهن تي چئو ٿو ڇڏين، انهن جي بہ ٻيگهي مچي پوندي، هل هيٺ ماسترن جي ڪوٺيءَ ۾، اُتي هلي ڳالهاءِ.“ هلياسون هيٺ تہ چوي تہ ماسترن جي منهن تي نہ چئُہ، هل ٻاهر وانجي ۾. بس، منهنجو زور تہ ماستر صاحب ٻاڻ نہ ٻچي، هيڊ ماستر وٽ دانهن ڪٽي ويو هو، ۽ هنجو عذر تہ هيڊ ماستر صاحب سان سهڄ سياءُ ڳالهہ نڪتي هئي. جڏهن ڏٺم تہ هاڻ سائين ٻر ٿو ٿئي، تڏهن ساڻس سوچي، ٻئي ڏينهن کان وڃي سندس ڪلاس ۾ ويٺس. انهن اَڙٻنگاين سبب ڪاڪو نانڪرام ڪڏهن ياد ايندو آهي.

ڪلاس ۾ نہ ويندس، جيسين پاڻ پاڻيهي مونکي اچڻ
لاءِ نہ چوندو. اها البت ٻاراڻي هئي، پر منهنجي
خود-داريءَ کي اهڙي چوٽ اچي ويئي هئي، جو انهيءَ کان
ڪنهن علحدي سمجهوتي تي آءٌ سوچڻ وارو ڪين هوس.
جڏهن مان ماٺ ڪري ويٺس ۽ قصو ختم ٿيو تہ ٻيهر طوفان
مچائڻ جو ڪهڙو ضرور هو، سو بہ هيڏو وقت ترسي!!
پيرڊ پورو ٿيو ۽ رسيس ملي، تہ خبر سڄي سڪول ۾
ڦهلجي ويئي. ماسترن ۽ شاگردن کي عجب لڳو تہ ڪاڪي
هيءَ ڪهڙو ڪم ڪيو هو! ليڪن ڇوڪرن کي هڪ هٿي
ملي. چوڻ لڳا تہ ڪاڪو جيڪڏهن ڇيتن جهڙي شاگرد
کي ٻاهر ٿو ڪڍي، تہ اسانکي ڪڍيائين تہ ڇا ٿيو؟ ضرور
ڪاڪي سان ئي ڪا ويڌن ٿي ڏسجي، جو هو چڱا مٺا
وديارٿي سڃاڻي نٿو سگهي، جنهنڪري جيڪو منهن
سامهون اچيس سو ٿيو ڏوهاري، ۽ مٿس ئي ٿو ماجرا
مڙهي. ڪاڪي صاحب سمجهيو هو تہ مان پاڻيهي موٽي
ايندس، ۽ قصو نهي ويندو. پر وقت پوڻ سان پاڻ قصو
ويو بگڙندو. ڪاڪي جي ڪلاس ۾ گهڙڻ کان اڳ مان
ٻاهر نڪري ايندو هوس ۽ سندس ڪلاس مان نڪرڻ
تي آءٌ پيهندو هوس. انهيءَ ڪري ٻيا ماستر مونڏانهن
نهاريندي ڪاڪي ڏانهن اشارو ڪندا هئا تہ ڪاڪو
البت لڄائبو هو. جئن ڏينهن نبرندا ويا، تئن ڪاڪو
صاحب ويو ششدر ٿيندو. هڪ ڏينهن مان جو هيڊ ماستر
صاحب وٽ ڪنهن ڪم سانگي لنگهي ويس تہ منهنجو

سڀ منهنجي چارج ۾ هئا. ڪلاس جو مانيٽر نه چونڊين درجي کان ٿيندو پئي آيس، ۽ مئٽرڪ ڪلاس ۾ سڪول جو پريفيڪٽ پڻ مقرر ڪيو ويس. اِنهن سڀني عهدن سبب شاگرد مونکي عزت جي نظر سان ڏسندا هئا ۽ ماستر مونکي پائيندا هئا. هيڏڙيءَ وهيءَ ۾ ٿي جو هيترو مان حاصل ڪيو هوم، سو به ڪتابن کي گهر ۾ هٿ نه لائڻ سان، سو منهنجو چاھ منجهن لڳي چوٽو!! ماستر جمناداس گهڻوئي سهڻي صلاح ڏيندو هو ته گهر ۾ ڪجهه پڙهه، پر اُنجي به ڪن لاٿار ڪندو هوس. هن حالين جيڪي چار اکر سڪول ۾ پڙهيو هوس، تن تي پاڙي، توڪل جو ترهو ٻڌي، اچي امتحان ۾ وهندو هوس.

مئٽرڪ امتحان ۾ جيڪي ڪري آيو هوس تنهن اندر ۾ البت اُڻ تڻ ۽ اُتاولائي اُٿين ڪئي: اَلائجي ڇا ٿيندو، اَلائجي نتيجو ڪهڙو نڪرندو!! انهيءَ اُلڪي ۾ ٿي وقت نبري ويو ۽ اُهو ڏينهن جهٽ اَچي سهڙيو جنهن ڏينهن امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيڻو هو.

امتحان جي نتيجي جون ٽارون اخبار وارن وٽ منجهند جو ٻي ٻجي کان اچڻ شروع ٿينديون هيون. مهنا ائين ٿي وهامي ويا، پر اُنهيءَ ڏينهن وقت ٻهه وڏي پيو. صبوح جو ڏهين کان مان ۽ خوشي، اسانجي گهر جي ٻاهران پيٽل وڻ جي ڇانو هيٺ، ڳالهيون ڪندا رهياسين. اندر ۾ آنڌ مانڌ، ٻاهران مٺو نڳه وارو ٻهروپ، جڻ ڪا خاص ڳالهه ٿيڻي ڪانه هئي!! چڱي ويرم پيٺي ڳالهيون ڪيونسين،

٩- ننڍپڻ ئي ظاهر ٿيو

سڪول ۾ پڙهندي مان ڪو خاص اورچ ۽ محنتي شاگرد ڪين هوس. ڪلاس ۾ سو سڀ ڪجهه ڏيان سان ٻڌندو هوس، باقي پوءِ ڪتابن کي هٿ پڻ ڪين لائيندو هوس. فرصت وارو وقت پاڙي ۾ ٻارن سان رانديون ڪرڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ اخبارون ۽ مخزنون ڏسڻ ۾ صرف ڪندو هوس، باقي سڪولي ڪتابن جو ٿيو پلو انهيءَ ريت وقت سٺائو پئي گذريو. هر سال ساليانى امتحان ۾ سٺي ڪمن ۾ پاس ٿيندو هوس، تنهنڪري گهر ۾ ڪتابن اٿلائڻ جي ضرورت نه سمجهندو هوس. تنهن ڪانسواءِ پنجين درجي انگريزي ڪان جو لکڻي - داس ٻڻيس ۽ ٻيا هر قسم جا عهدا حاصل ڪيم ته منهنجو حوصلو وڌي ويو ۽ پاڻ ويساهه ٻجهي ويم. پنجين درجي ۾ گهران لکي اچڻ لاءِ مضمونن ۾ سهڻا ۽ ترتيب وجهڻ ڪري اهي انگريزي توڙي سنڌي مضمون ماستر صاحبن وٽ خاص پسند پوڻ لڳا، جنهنڪري آءٌ سندن پيارو شاگرد ٻڻيس. ڇهين درجي ۾ ڀڳت سورداس جو ناٽڪ انگريزيءَ ۾ لکيم - جو اهو کيل ويجهڙائيءَ ۾ ڏسي آيو هوس - جنهن تي خاص شاباس مليم ۽ ستين درجي ۾ سڪولي مخزن ۾ منهنجون ننڍيون آکاڻيون پوڻ شروع ٿيون، جنهنڪري شاگردن ۾ مانور ٻڻيس. انهيءَ ڪانسواءِ ڪلاس جي لئبرري سڪول جي ريڊنگ روم ۽ ڊبيٽنگ سوسائٽي

ويڙهي ويم. انهن ڏينهن چرچا گهڻا ڪياسين ته منهنجو ڀڻات پرسو، اخبار آفيس مان نڪتو. هو ڪنهن سڪول ۾ ماستر هو ۽ پنهنجن شاگردن جي خبر پڇي، اخبار آفيس مان ٻاهر اچي رهيو هو. اسان طرف ايندي پرسي مونکي منهن ڦيرو ڪندي چيو ته "فلاڻا، تون ته فيل ٿيو آهين." دوستن ٿي پوءِ ڳالهه ڪئي ته هيءَ خبر ٻڌي مون رنگ مٽائڻ شروع ڪيا ۽ منهن مرونجي گهومانجي ويم. پنهنجي سر مونکي فقط انهيءَ چورا ڪورا اچي ورايو ته آخر مان ناپاس ٿيو ڇا ۾ هوندس! هڪ هڪ وشيه ڪري ڪنيم، انگريزيءَ ۾ ته مان هرگز ناپاس ٿيڻ وارو نه هوس. مون جهڙي انگريزي ٻئي ڪنهن کي آئي ڪٿي ٿي. سنڌي ۽ سائنس ته بلڪل ٿي آسان ڪم هئا، تواريخ ۽ جاگرافي ته چپٽين ٿي ياد هيون، باقي رهيا حساب، تنهن ۾ به ڪنهن جي وڻ جو ڪين هوس. جيٽوڻيڪ جاميٽريءَ ۾ ڪجهه ڪسو ڪيو هوم، ته به آلجبرا ۽ ارٿميٽڪ ۾ اهڙو ڪيو هوم، جو پڪ هيم ته ڊسٽنڪشن ملندي. دوستن کي به هيءَ خبر نه آئڙي، تن پڻ دلداري ڏني ته "ائين ڪئين هوندو؛ جي تون ناپاس ٿئين ته اسين اَٽپچو ناپاس." چئي نٿو سگهان ته هيءَ ڏڏڪو ڏيندڙ خبر سڻي پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳي يا نه؛ يا جئن سمپوءَ ٿي چيو ته مئٽرڪ امتحان ۾ پيپر ملڻ سان ٻڌن مان ٻجلي گهمي ويندي آهي، سا ٻجلي هن ٻڌ خبر سڻندي، گهمي وئي يا نه؛ پر گنيبر ته بيشڪ ٿي ويس

تانجو ٽنگون ٽڪرا ٿيڻ تي اچي سهڙيون؛ تڏهن مس هڪ
ٻئي کان موڪلائي، گهر هلياسين. سنان پاڻي ڪري
منجهند جي ماني کاڌيم، پر الڪي ڪارڻ گره ڳيسي ڇوٽو!
هڪ لڳو، ٻه ٿيا، هاڻ ته ٽي ٻه اچي ٿيڻ تي بيٺا. هاڻ
ته گهر وارن کي به ڪجهه قدر خيال وٺي ويو.
منهنجي امتحان جي نتيجي ترت گهرائڻ لاءِ بمبئيءَ کان
خاص تار اچڻ جو پربند پڻ ڪيو ويو هو؛ ۽ جئن ته تار
کانه آئي هئي، سو اهو ٿي انومان ڪيو ويو ته
ڇوڪر ٿي ڊاڪيون پاٿيون هيون!! ٿن جا نڪاءُ ٻڌي آءُ
آئي سنپريس، ته هلي اخبار آفيس مان خبر لهي اچان؛
پر مائٽ ڪٿان ٿا موڪل ڏين! ڏاڏي جو سوڪنو ڦهريون
پوٿو، تنهن کي اڪيلو ڪيئن ڇڏيو! مٽاڻان جي نتيجو
دلپسند نه نڪري، ته ڇوڪر الائي ڇا ڪري وجهي!!
منهنجي ضد ڪرڻ تي ۽ ڪين خاطري ڏيڻ بعد، مس
ڪري ٻاهر نڪرڻ جي موڪل ملي. تار ٻاهوءَ ڏي
ڇٽي ٻه ور ٿيم ته جيڪڏهن اسانجي سرنامي تي ڪا تار
آئي هجي ته اها مونکي ڏني وڃي. اهو هٿيار هٿ
ڪري ٻيول هليو قسمت آزمائڻ!!

اَخبار آفيس مان پڇا ڪرڻ تي پتو لڳو ته اسان وارن
نمبرن جي خبر اَڃا ڪانه آئي هئي؛ ۽ تار واري ٻاهوءَ چيو
ته مون لاءِ خاص تار به اَڃا ڪين ڪانه پهتي هئي. انهيءَ
ڪري لاچار ترسي بيٺس ته ڀل تارون اچي سهڙن. اخبار
آفيس سامهون بيٺو هوس ته دوست ميڙاڪو ڪري

١٠- ڪاليج جا چار سال

مئٽرڪ امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو ته اسانجي قسمت جو ڄڻ فيصلو ٿي چڪو- ايندڙ چار سال ڪاليج ۾ گهارڻا هئا!! ڪاليج جو خيال ڪندي ئي دل ٻهار ٻهار ٿيڻ لڳي. ٻانڌ ٻڪي هاڻ آزاد ٿيڻو هو! سڪول ۾ ڪلاس ۾ حاضر رهڻ لاءِ ٻڌل هئاسين، سبق ٻروقت ياد ڪرڻ لاءِ ٻڌل هئاسين ۽ اهي ٻڌائڻ لاءِ پڻ ٻڌل هئاسين!! ڪاليج ۾ ته ڪو اهڙو ٻنڌن هوئي ڪونه. دل چاهي ته پروفيسر جي گفتار هلي ڪن لائي ٻڌجي، جي نه چاهي ته پاسي واري چمن ۾ هلي چرجي گهمجي!!! ڪاليج ۾ ڪا ٻندش ڪانهي، ائين اسان ٻين کان ٻڌو هو- ڏس ڏيکار، ڳاءِ ڳالهاءِ، جواني جڏهن وٽيئي ٽڙن پل نباهه!!! ٻيو وري ڪي گهر ٻوئي چا هو! اسانجي وڏڙن واقفڪارن ڪاليج جا اهڙا مست چٽ ڪڍي چٽيا هئا، جو جن مئٽرڪ پاس ڪئي تن مکڻ جا منارا ڪڍي اڏيا! ويهن ڏينهن اندر، جيئسين ڪاليج کلي، تيسين معصوم مکڙي کلي گل ٿي پيئي- نوان سوٽ نوان بوٽ، نيون ٽايون نوان ٽيش، نوان روپ نوان رنگ، نوان ڍول نوان ڍنگ!!

ويهين جون تي ڪاليج کلڻو هو. انهيءَ ڏينهن هر ڪو ٽپ ٽاپ تي ڪڙي ڪڙڪائيندو اچي وقت سر ڪاليج ۾ سهڙيو. چانه ٻهاري لڳي پيئي هئي! جابلو پٿر جي

۽ مغز ۾ ڌان ٽيڻ لڳي. جڏهن حساب لڳائي بيٺس
ته ڪنهن به ڪم ۾ ايترو گهٽ ڪين ڪيو هوم جو ٻنهي
ڪانن تي وڃان، تڏهن پاڻ سنڀالي سوچڻ لڳس ته پرسي
جي آندل خبر جي ڇڪاس ڪٿان لڌي. هوءَ منهنجي
پاسي ۾ ويٺي جتان پٽي تي نمبر جاچي رهيو هو ته اُن
طرف نظر ڪندي ڏٺم ته اُن تي منهنجو نمبر ته ڪٿي
به لڳل ڪين هو. تڏهن همت ٻڌي پڇيومانس ته
"منهنجو ڪهڙو نمبر پڇي آيو آهين؟" ورنديءَ ۾ هڪ
نمبر ڏي اشارو ڪيائين. "اَڙي پاڻي، توکي ڪنهن
چيو ته اهو منهنجو نمبر آهي؟" انهيءَ تي چيائين ته
"تو ڪين هن دوست کي اهو نمبر ڏنو؟" مون ته
دوست کي مسخريءَ ۾ ٻي خيالو ڪٿي ڪو نمبر ٻڌايو
هو، جو منهنجي پڦات ڪٿي ڳنڍي ٻڌو هو ۽ اهو نامراد
نا پاس ٿيو هو!! پرسو پنهنجي چوڪ ڏسي، مون کان
منهنجو صحيح نمبر وٺي، سٽينڊ اخبار آفيس ۾ گهڙي
ويو، ۽ منٽن ۾ موٽي اچي واڌايون ڏنائين. انهيءَ
تي سڀني دوستن جون واڌايون وريون ويون؛ ويتر جو
ٻڌايائين ته پنجاه نمبرن ۾ فقط مان ئي پاس ٿيو هوس،
ته جڻ چوڪ جو حساب پنهنجو پاڻ چڪائجي ويو!!
پوءِ ته سڀ دوست ڪڏهن ماريندا، هليا سين بائسڪوپ تي.

رهي، تانجو ڪلهن لڳڻ ٿي مس نشو نٿو ۽ ساڳيءَ آئي
۽ تقرير ختم ٿي چڪي هئي. تقرير جي رفتار ۽ رواني
انوکي هئي. خيال البت خشڪ هئا، ته به ڪڙي سٽي،
اُبرت جيان، ڳيت ڏيئي پي وياسين. اهو هو پرنسيپال
سور ترام (ناراڻ) بالچند ٻٽاٽي، جنهنجي رعب ۽ ريجهه
جون هيل توڻي فقط ڳالهيون ٿي ٻڌيون هيونسين؛ اڄ ٿي
کيس ڏٺوسين ٻڌوسين. واهه جو ڏيوِل هو! سندس سائي
هيبت سڪيا پراڻڻ جو اُن ويل ٿي پرن ڪيوسين!

ڪلاس شروع ٿئي اڃا ڪجهه ڏينهن ٿي ڪين ٿيا
۽ اُڏياپڪن جي اُچارن ۽ اُڏام ڪان مس ڪري واقف
ٿيا هئاسين، ته اليڪشن جو اعلان ٿيو. وديارٿي عهديدارن
چونڊڻ لاءِ حڪم جاري ٿيو ۽ ڇوڪرن جي جڻ ڇيڪ
ڇڙي. هر هند ننڍين وڏين رنگ برنگي چٽڪين جي
ڏي - وٺ شروع ٿي ويئي. جدا جدا عهدن لاءِ اُميدوار
ته چڙيو، پر سندن سنگتي ۽ حمايتي صبوح ساڻ منهن
مهت ڪري، سهڻي سٽيي سنابي لباس ۾ سويلئي اچي
ڪاليج ۾ سهڙندا هئا، ۽ ووٽ لاءِ منٿ ميڙ چالو ٿي
ويندي هئي. دوستن درن ۽ سڄاٽپ وارن کي ووٽ
لاءِ واٽ وجهڻ ڪان وڌيڪ هرڪو وٺيو ٿي ڇوڪرين
پٺيان ڊوڙڻ. اِنهن رنگين چٽڪين جي ورڪا جيڪا
ڪاليج جي ڪمارين ٿي ٿيڻ لڳي، اُن ٿي آسمان جي
اُڀچرائن کي پڻ ايرڪا ٿيڻ جو ڪافي ۽ قوي سبب هو.
پر مٿن فقط سڪٽين چٽڪين جي نوازش ڪين ٿي ٿي-

عاليشان عمارت، پريان ئي ڪشادي دل سان ٻانهون پکيڙ يندي، ”خوش آمديد“ ڪئي. سندس گول گنبذن، قداور ٿنڀن واري پيش دالان، سائي گاهه جي ڦهليل ٻارن، سدا سهڻن سڳنڌي گلن ٻوٽن، ڦوهارن ۽ چشمن، ايندي سان اسانجي دل گهري مرحبا ڪئي. شايد منهن مهت تي چڱي ويرم لڳي ويئي ٿي ڏني، جنهن ڪارڻ حاطي ۾ ٻيهي نئين دنيا جو پورو ديدار نہ ڪري سگهياسين. ٽيم اچي پري يو هو، تنهنڪري ست ڪٺي سڌو هال ۾ اچي وارد ٿياسين - ساليانې مهورتي پاشڻ سڻڻ خاطر.

پرنسيپال صاحب پوري وقت تي اچي سهڙيو. هال سارو شاگردن سان ستيو پيو هو، ٻج چتڻ جي بہ جاءِ ڪانہ هئي. جتي ڪجهہ منٽ اڳہ هڙ ٻلو متو پيو هو، اتي جانب جي جاءِ تي اچڻ سان اهڙي شانتي ڇانئجي ويئي، جو ٽاچنيءَ جي ڪرڻ جو آواز هوند ٻڌڻ ۾ اچي. ڇا نہ ڪمال هئي! پرنسيپال صاحب جي ڇا تہ فلڪ هئي!! سندس ٻول ۽ ڍنگ مڙني کي ڪيس ٻڌڻ ڪاڻ منتظر ڪيو. هو اٿيو، ۽ هڪ دفعو چوطرف نظر ڦيرائڻ بعد پنهنجو ڀاشڻ شروع ڪيائين. لڳاتار ڳالهائيندو هليو، سڀ چپ چاپ ۾ ٻڌندا رهيا ۽ ٽڪ ٻڌه ڪين ٿيو!! ڇا نہ سندس خيال عالماڻا، ٻولي سهڻي ۽ سلوڻي، ۽ نوع گهرو ۽ گهرائپ ڀريو!! فرش تان عرش تي نيئي هليو ۽ اسين بہ اسرندا اڏامندا، نيري گگن جو نرالو ساءُ وٺندا رهياسين؛ ڪاهہ ٻي سڌ سمڪ ڪانہ

سوار هوا! اُنهيءَ آشرم وارا لاهوريءَ جي چونڊ لاءِ ووٽرن کي آڻڻ ڪاڻ، مست ـ ٿن ۾ جهومي، سنڌس جهنڊا جهلائي رهيا هئا!! اِتي پرنسپال پاڻ ٻاهر نڪري آيو. هنن ٻاجا ڪاليجي چونڊن جي اصول خلاف هئا. گهوٽ گهوڙيءَ تان لاٿو ويو، لاهوري چونڊن ۾ اميدوار بيهڻ کان خارج ڪيو ويو، منٽن ۾ ماٺ ٿي ويئي. ميدان صاف ٿي ويو ۽ ڪاليج جو ڪم وري باقاعدي شروع ڪيو ويو.

ڪاليج جي عهديدارن جون چونڊون پرجا وادي راڄ ۾ لوڪ سڀا جي چونڊن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ ڪين ثابت ٿيون ۽ ڪن حالتن ۾ پاڻ اُنهن کي شهه پڻ ڏيئي چڪيون، ۽ ڪانئن گوءِ کٽي ويئون. اليڪشن جي اعلان کان چونڊن ٿيڻ تائين ڪاليج ۾ راجنيتڪ معاملو متوڻي رهيو. ساڳئي شهر جي شاگردن جون لڳاتار بيٺڪون لڳنديون رهيون، ونن جي ساڳي ڪرت وارن جا جدا ميڙ ٿيندا رهيا، مذهبي گروه پنهنجو زور لڳائيندا رهيا، ڳوٺاڻن تي گوون پيرن جا قسم کڻندا رهيا، ظاهر ۽ ڳجهت ناتا نهندا رهيا؛ مطلب ته اميدوارن کي کٽائڻ خاطر اَنيڪ سٽاءَ سٽبا رهيا. ميٺارام هاسٽل ڪاليجي چونڊن جي باري ۾ منصوبن ۽ سٽائن، ڳجهن ناهن ۽ نون عهدنامن جي ايجاد ۽ جاري ڪرڻ جو مکيه مرڪز هو. ساري رات ڪن ڪوٺين ۾ بتيون پيون ٻرنديون هيون، ۽ بحث پيا هلندا هئا؛ هڪڙا فيصلا نهي پيا

ڪيئن قسمين قسمين ننڍيون وڏيون سوڪڙيون پڻ پلڪ پئي
پيئيون. اُنهن ڏينهن ۾ سستايون به هيون. سرها ڪارا،
رنگين ربنون، سهڻيون وڇڻيون عام جام وراهڻ ۾ پئي
آيون. هر ڪنهن اميدوار جو پاڻ ڏي وڌيڪ ووٽ ڇڪڻ
جو نمونو پنهنجو ئي نرالو هو. اسانجي ڪاليج جي پهرئين
سال گوپال ٽولاڻيءَ مڙني کان گوءِ کٽڻ تي چاهي.
زميندارِي پار هو، ڪيس پئسي جي ته ڪا پرواهه به ڪانه
هئي. تنهن زماني ۾ جاپان زور هو. شال جڳ جيئي
جاپان، جنهن هر ڪا شيءِ بلڪل سستي ڪري ڇڏي
هئي! گوپال به نه ڪئي هم نه تم، سنگين سهڻا زنانا
رومال آڻي ڪاليج ۾ ليٽايائين. نينگريون رومال ڏسي
هرکجي ويئون. نينگر هيءُ حال ڏسي ايرڪا جي آگ،
۾ پچڻ پوسرڻ لڳا. پر اهو ته بلڪل فضول هو. پوي
جو پي. ڪي. لاهوري، تنهن هڪ نئون سانگ رچيو.
ڪلاس پئي هليا ته پريان بئنڊ باجن جو ڪن تي پڙلاءُ پيو.
جنهن وقت پوندو وڃي تنهن آواز وڌندو وڃي، تانجو
سرڪس اچي ڪاليج جي نزديڪ سهڙي. پروفيسرن جو
پاڙهڻ هاڻ بيسود هو. ڪلاس ڪري اڌ ۾ ڇڏيائون.
شاگرد هيءُ نئون لقاءُ ڏسڻ خاطر اچي دالان ۾ ڳاهٽ
ٿيا. بئنڊ وارن جو ڏنو ته هيترا مشتاق اچي مڙيا هئا،
سو ڏن ۾ اچي ويا ۽ سارو ڪاليج ڪٺي ڏنائون. شاگرد
۽ اُستاد جان گهوُري نهارين ته مار! هيءَ ته اَناٿ آشرم
وارن جي بئنڊ هئي، جنهن پنيان گهوٽ گهوڙيءَ تي

۽ اخبارن ۽ مخزنن جي مٿان به مان هوس. سڪول جي بحث مباحثي منڊل جو به مان سيڪريٽري هوس. منهنجو هرڪو دوست هو. ليکڪ جي حيثيت ۾ ته پنهنجين درجي کان ظاهر ٿيو هوس. منهنجون آکاڻيون سڪولي مخزنن ۾ شايع ٿي چڪيون هيون. ڇهين درجي ۾ ڀڳت سورداس جو ناٽڪ ڇپيو انگريزيءَ ۾ لکيم. منهنجي ئي اُتساھ سبب شاگردن کان ليکڪ گهرايا ويا ۽ ڪراچيءَ جي سرڪاري سڪول پنهنجي مخزن ڪڍڻ جو سنڌ ۾ پڌرو ۽ اهڙو اعلان ڪيو. هيتري لياقت هوندي منهنجي عهدي ماڻڻ ۾ ڪهڙو شڪ ٿي ٿي سگهيو!! مان ڪاليج مخزن جي سنڌي وڀاڳ جي سمپادڪ بڻجڻ لاءِ اميدوار بڻيس. سڪول ۾ جو هري آيو هوس نوابيءَ ٿي، سو هت به سمجهيم ته حڪم هلائڻ سان ڪم ٿي ويندو. چٽڪيون سو مون چپايون، باقي شاگردن کي ووٽ لاءِ چوڻ جو گهڻو ڪم منهنجن ساٿين ۽ حمايتين ئي ڪيو. مون گهڻو تڻو فقط نظرداري ئي پئي ڪئي. سنڌي وڀاڳ جي سمپادڪيءَ ڪاڻ پڻ جهري ڇڪري لڳي. هڪ طرف هو ڏيوَن ڪشناڻي، جنهن ”آزاد“ جي تخلص سان پنهنجي شعر ذريعي ڪاليج ۾ توڙي ٻاهر چڱو نالو ڪڍيو هو. انهيءَ ساڳئي صاحب پوءِ گوتم ٻڌ جي ڪوتا ۾ ڪهاڻي ”پورب سنديش“ جي نالي سان لکي، سنڌي شاعراڻي محفل ۾ جوڳي جاءِ هٿ ڪئي. آزاد اڳ به ڪاليج مخزن جو سنڌي سمپادڪ ٿي رهيو هو، تنهن

رهندا هئا، ۽ ٻيا ٻيا اڳين جي جاءِ پر پريندا هئا. پرچار جي بازار هميشه گرم رهندي هئي. اميدوارن کي اوچ ڏيارڻ خاطر علحدا علحدا ۽ عجيب غريب عذر ڏنا ويندا هئا- صبوح جو هڪ راڳ ته شام جو علحدو آلاپ- مطلب ته جي ووٽر صاحب ڪجهه سوچڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته مٿس گدوبندر جي اسپتال ڏي راهي ٿيڻ جي نوبت اچي نازل ٿيندي هئي. اليڪشن جو ڏمڪر چڱو وقت هليو، جنهنڪري اميدوار ۽ سندن ساٿي هڪ طرف ته ويچارا ووٽر ٻئي پاسي بنھ بر ٿي پيا ۽ واجهائڻ لڳا ته ڪيڏانهن چونڊون ٿي گذرن ته جند آزاد ٿئي!! چونڊون ٿي گذريون ۽ ڇڪتاڻ جي پيڙا مس پوري ٿي ته نتيجي جو اوسيڙو ستائڻ لڳو. هر ڪلاڪ ٻئي پيا نوان افواه اٿن- هڪ اميدوار پنهنجي خيالي سوڀ مس ماڻي رهي، ته سندس برخلاف ٻيئي اميدوار جي ڪاميابيءَ جو افواه اٿندو هو.

انهيءَ پهرئين سال مونکي به اچي ڪڏ ڪنيو ته مان به ڪنهن عهدي لاءِ اميدوار بيهان. سرڪاري سڪول ۾ ڪافي ناماچار هوم. اتي پانت جا شاگرد سکيا وٺندا هئا- جدا مذهبن ۽ مت وارا، جدا ٻولين وارا ۽ جدا جنس وارا. مونکي هرڪو سڃاڻندو هو. مون جهڙو مانيٽر ڇڏيو ٿيو. جيتوڻيڪ سڪول جي پريفيڪٽس ۾ مان فقط هڪ هوس، ته به منهنجو ذڪر ۽ ڌڪاءُ مڙني کان سرسبز رهيو هو. تنهن کانسواءِ شاگردن جي لئبرريءَ

دوستيءَ جو دم هڻندا هئا، سي ڦري ويٺا. لڄ نه پيئي اچين، پر ويچارا مجبور هئا!! نتيجي ٻڌڻ جي نه خاص اُتڪنڊ ڪانه هئي، ڇو ته آزاد ۽ ٺڪر اڳيان اسانجي کھڙي دال ڳرندي! پر تنهن هوندي به ٻين اميدوارن ۾ اُتساهه ڇوٽ چڙهيو ويٺو هو. مان شام جو ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ ليڪچر ٻڌڻ لاءِ آيو هوس ته آزاد يا ٺڪر سعيو ڪري اچي منهنجي لڳ ويٺو. پاڻ محسوس ڪيائين ته منهنجو سارو ڌيان پاشڻ ٻڌڻ ۾ هو. ته به ڪن ۾ ٻڌايائينم ته اليڪشن جو نتيجو ظاهر ٿيو هو، ۽ مونکي ووٽن جي اندازموجب ٽيون نمبر رکيو ويو هو. مونکي ارمان اصل ڪين ٿيو، ڇو ته خبر هيم ته ڪٿندس ته ڪنهن به حالت ۾ ڪين؛ پاڻ ڪجهه سرهائي ٿي ته پٽ رهجي آئي، جو ٻچاڙيءَ جي جاءِ نصيب ڪانه ٿي هيم!!

ڪاليج جي پهرئين سال ۾ پرسي، هيري، ايشوءَ ۽ سندن ڇوٽين جوڙيدار واهه جو رنگ لڳايو. پرسي ڪي ڪونيندائي هئا، پرسو "بمپر" ڪري، ۽ هو به بمپر جهڙوئي- ڊيڍُ جيڏو ته مڙس هـو، ۽ جنهن ويل هلڻ شروع ڪندو هو تـه سندس پيرن هيٺان زمين ڪنبي اُٿندي هئي!! سندس آواز به سندس قد بت جهڙوئي هو. پرسو مون سان گڏ سانگهي سڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري آيو هو. سڀ ڇوڪرا کانئس ڏڪندا هئا. هوُ آميريڪا جي وائيلڊ ويسٽ جي جانٺن جوانن سان ڳهٽي

ڪري سنڌس سوپ جي سيٺي کي پڪ هئي. پر مون
اڳتي جو نوشو ناھڻ خاطر چونڊن ۾ ڀرو وٺڻ تي چاهيو.
تنهن ڪانپوءِ سائنس سيڪشن مان مسٽر ٽڪر به اميدوار
هو، جو سائنس جي مٿين درجن جا گهڻا ووٽ چٽي
وٺڻ وارو هو. منهنجو همڪلاسي پريو چڳاڻي، جو "وفا"
جي نالي هيٺ شعر لکندو هو، سو به ساڳئي عهدي
ماڻڻ لاءِ خواهان هو. هنکي سنڌس ڳوٺاڻن جي چڱي
چوکي مدد هئي. پر منهنجو خاص زور هو غير سنڌين
تي. سنڌين ۾ ڳوٺاڻپ ڪارڻ ووٽ ورڇجي چڪا هئا.
اهو ڳوٺائي ڪٽرپڻو ڪو سنڌين ۾ اُهڙو پيٽ پئجي چڪو
هو، جو جڏهن مان پنهنجي هيڊ ماستر کي، ڪاليج ۾
داخل ٿيڻ کان جلد پوءِ، گڏجڻ ويس ته مونکان پهريون
سوال اهوئي پڇيائين ته ڪاليج ۾ اڃا ڳوٺاڻپ هلي اچي!
سوال ٻڌي منهنجا ته طاق لڳي ويا ته هيءَ پيرسن سڄڻ،
تنهنکي به ٻين ڳالهين کان اول ياد آئي اُن ڇڪتاڻ جي،
جا ٽيهه سال اڳ شايد پاڻ سڻي هئائين، جڏهن هوُ ڪاليج
پڙهندو هو!! خير مونکي انهيءَ ڳوٺاڻپ ڪارڻ ڏهڻن
سنڌي ووٽن جي اميد ڪانه ٿي ڏٺي. پر مون به سکول
۾ ڪي اَک ڪين پوکيا هئا. منهنجو سيٺي سان دوستيءَ
جو رستو هو، تنهنڪري منهنجو دارومدار وڌيڪ
غير-سنڌين تي ٿيو. پهرئين سال ۾ اليڪشن جي
تماشي گهڻو ڪجهه سيکاريو. اهي سڄڻ جي

جي بلڪل سامهون، سبز باري جي وچ ۾ ڦوهارو هوندو
هو. هيءُ يار ڪڏهن اُتي اچي بيٺڪ لڳائيندا
هئا. ڪنهن ڳالهه تان جي ڪل شروع ٿي ويئي ته ڪلاسن
۾ پروفيسرن جو پاڙهڻ مشڪل ٿي پوندو هو! ڇئني
جو يڪو ٺهڪ ڪاليج جي فضا ۾ اهڙو گونججي ويندو
هو، جو ڇيڙي واري ڪلاس ۾ پڻ پروفيسر جو آواز
پٺين ويٺلن تي ٻڌڻ ۾ اچڻ محال ٿي پوندو هو!! انهن
ڇئن يارن هڪ سانگ سٽيو. ڪاليج ۾ ٽي ڏاڪڻيون
هيون- هڪ وچ مان ۽ ٻه هر هڪ ڇيڙي کان. وچين
ڏاڪڻ تان چڙهي ٻهرين ماڙ تي پهچبو هو ته ساڄي
هٿ تي ٻهرين ڇوڪرين جو ڪمرو، تنهن جي پاسي ۾
انٽر آرٽس ڪلاس، اُنجي لڳ فرسٽ ييئر ڪلاس ۽
تنهن کان پوءِ بائيالاجي ليبارٽري ۽ ڪلاس ۽ هيٺ
لهڻ جي ڏاڪڻ. هيءُ يار رسيس ۾ بائيالاجي ليب جي
ٻاهرين ديوار کي ٽيڪ ڏيو بيٺا هوندا هئا، ۽ جيڪي
انهيءَ پاسي کان ڏاڪڻ چڙهي لنگهه لاءِ دالاڻ مان
وچين ڏاڪڻ طرف وِتندا هئا، تن کي للڪاريندا هئا
ته ”اِهو دالاڻ لتاڙي ته ڏيکار!!“ ويچارا وسوڙا نينگر،
سندن سٽاءَ کان بي خبر، ڇوندا هئا ته انهيءَ ۾ کهڙي
اَرچڻ ٿيندي! ۽ هنن جو چئلينج قبولي، اَڳيان وِتندا هئا.
جڏهن هُو ڇوڪرين جي ڪمري جي نزديڪ رسندا هئا
ته هيءُ يارَ هڪدم ٺهڪڙو ڏيڻ شروع ڪري ڇڏيندا
هئا. ٺهڪ جي آواز تي ڇوڪريون پنهنجي ڪمري مان

مشابهت رکندو هو. هو جيڪڏهن ڪنهن ڏانهن گهور
ڪري نهاريندو هو ته اڳلي جو هڪدم هنياءُ ٿي ڪاڇي
ويندو هو. حقيقت ۾ هو اهڙو هيبتناڪ ڪين هو، جهڙو
لڳندو هو. مون سان چڱو صحبت جو رستو هوس.
اَڄڪلهه پوني ۾ آهي. جڏهن به گڏبو آهي ته اهڙي
سڪ ۽ صداقت سان، جا هوند سندس ٻاهرئين ڍنگ
مان ڪڏهن وسهڻ ۾ ڪين اچي. ٻيو "ٻمبر" چورياريءَ
جو مکي هو. هيرو شيرو هو. سندس اکين مان خوشمزاجي
پيئي ٽمڪندي هئي. چرچو مسخري ته ڪانئس ڪو سکي!
هيرو بدن جو به چڱو جانٺو هو- چڱيءَ هستيءَ وارو مڙس
هو. هيري سان به منهنجو چڱو رستو هو. هو جهڙو هو شڪل
جو سهڻو، تهڙوئي دل جو صاف هو. اسڪول ۾ مونسان
گڏ هو. مان سندس مانيٽر هوس. بدن جو وريل هوس،
سو ڪونس ڪرڻ جي البت ڪتڪتائي ٿيندي هيس ۽
پر مونسان ڏاڍو سٺو هليو. يار ويس هو ۽ دوستي نباهڻ
ايندي هيس. هو پوليس کاتي ۾ آهي. ڪٿي آهي سا
خبر ڪانهيم، پر جي اڄ به نياپو ڪريانس ته خاطري اٿم
ته هڪدم ڳالهه مڃيندو، ۽ ڪم اُڪلائي موڪليندو.
باقي ايشو ۽ سندس ساٿيءَ ۾ ڪا خاص ڳالهه ڪانـ
هئي. ها، ايشو، ڪرڪيٽ ۾ هوشيار هو، ۽ اسڪول ۾
ٽيم جو ڪئپٽن ٿي رهيو هو. ڪاليج ۾ به چڱي راند
ڪڍندو هو. هن ڇئن يارن پنهنجي ڪل ذريعي پاڪي
ناميارو ڪيو. ڪاليج جي حاطي اندر ڪشادي دالان

ڪيم، نہ ڏسان نہ مار! اهو ڊمانسٽريٽر اَڇا اُنهيءَ بيٺو
هو!! تڏهن سوچيم تہ ڳالھہ ۾ ٻيو ڪجھہ وڌيڪ بہ ٿي
ڏٺو، جو ٻاهرينءَ ريت نظر نہ ٿي آيو. ها. هنن ٻن ڇوڪرين
مان هڪ چڱي ناهوڪي هئي - جهڙو هوس چهرو چنڊ
جهڙو، تهڙو هوس قد بت ڊولائتو - سندس لباس ۽
لاڏ ڪوڏ، سندس ٻهڪ ٻيٺي ٿي ڪئي. حق تي
ڊمانسٽريٽر ڇڪجي ويو هو!! هيءَ ساري حقيقت مون
ڌيان ۾ رکي. انهيءَ ڏينهن شام جو مان ڪنهن دڪان تي
بيٺو هوس تہ بہ ڇوڪريون ڪجھہ خريداري ڪرڻ خاطر
دڪان ۾ آيون. هنن اَڃا هڪ شيءِ بہ ڪين ڏٺي هئي
تہ بہ جوان سهڪندا سندن پٺ وٺي دڪان ۾ گهريا.
ڇوڪريون تہ شين خريدڻ ۾ مشغول ٿي ويون، پر هيءُ
جوان منجهي بيهي رهيا. ڪين دڪان مان تہ ڪي
ڪين گهريو هو. پر دڪان ۾ بيڪار بيهڻ ٺيڪ نہ هو!
ڇوڪرين خريداريءَ ۾ چڱي ويرم ورتي، اهو وقت
هيءُ جوان ڪيئن نباهين!! پاڻ ۾ سس پس ڪيائون،
پر وريو ڪي ڪين. البت ششدر بيهڻ لڳا. آخر هڪ
کي طرز سجهي آئي؛ چي: ”ٻيو نہ تہ ڪٿمنڙائي ڪري
خريد ڪر.“ مون هيءُ سارو لقاءُ بيٺي ڏٺو. چنانچہ
نهاريم تہ مار! ڪٿمنڙن جو خريدار تہ اهو ساڳيو علم طبعيءَ
جو ڊمانسٽريٽر ئي هو!! تڏهن وري ڇوڪرين طرف نظر
ڊوڙايم، تہ برابر منجهائن هڪ نينگر اها ساڳي صبوح
واري ملوڪڙي ئي هئي!! ڀؤنرا گلن پٺيان نہ ڳاهت

ٽڪرو نڪري، دالان ۾ اچي سهڙنديون هيون، ته ڏسون
ته ٺهڪ ڇا ٿي متو هو. هيءَ جا چانگ ڇوڪرين جي
اوچتو اچي دالان ۾ پرگهٽ ٿيندي هئي، ته هو جوان،
هڪا ٻڪا ٿي ويندا هئا، ۽ ڳاڙها پيلا ٿيڻ شروع
ڪندا هئا؛ منهن منجهي وينديون هيون، ۽ وايون ٻتال.
واٺڙن جيان پيا هن هن طرف نهاريندا هئا، ۽ واهه خالي
نه ڏسي، لڄ وچان ڪنڌ ڪاسائيءَ کي ڏيڻو پوندو
هون. واهه جو تماشو لڳي ويندو هو!! سڀ ٻيهي هنن
راهگيرن تي رحم کائيندا هئا!!

اڳي، ٻهرئين سال ۾ آرٽس وارن کي به حساب ۽ علم طبعي
ضروري پڙهڻا پوندا هئا، ۽ علم طبعي ۾ تجربا ڪرڻا
پوندا هئا. تجربن لاءِ ٽوليون ناهيندا هئا. انهن تجربن لاءِ
مونکي ۽ منهنجي جنمي-دوست شوي کي انهيءَ ٽوليءَ
۾ داخل ڪيو ويو جنهن ۾ ٻيون مڙيئي نينگريون هيون!
انهن علم طبعيءَ جي تجربن جي سلسلي ۾ اسان پيا به
ڪجهه آزمودا پرايا. هڪ دفعي ڪو تجربو ٻيٺي ڪيوسين
ته منهنجو ڌيان ڪمري جي ڪنهن ڪنڊ ڏي ڇڪيو.
ڏٺم ته هڪ ڊيمانسٽريٽر ٻن نياڻين سان، ڏاڍي ڇوڇ
مان، پيو ڳالهائي! خيال آيم ته ڇوڪرين کي تجربي
ڪندي شايد ڪا تڪليف ٿي هوندي، تنهن ڪارڻ ئي
هنن ڊيمانسٽريٽر کي سڏيو هوندو، ۽ هو کين ڳهريل
سمجهاڻي ڏيئي رهيو هو. اهڙي خيال ايندي ئي مان
پنهنجي ڪم ۾ جنبي رهيس. جڏهن تجربو پورو

مس چڙڪ پري، اُسان طرف وک کنيائين. اچڻ سان دڙڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين: ”ڇا جو گوڙ لائي ويٺا آهيو؟ مون ڪيس سربستي ڳالهه سمجهائي. سمجهي نه سگهي ويو، پر ٻاهريون ڏکو ڪٽان تو ڇڏي! آهستي ڳالهائڻ لاءِ، زور سان تاڪيد ڪري، رمندو رهيو. اسان به ڪيس وڌيڪ نه ڪجائڻ لاءِ قصو اُتي ئي ڪري ختم ڪيو. پر هڙ حاصل ڪي ڪين ٿيس. ڇوڪريءَ ڪنگهي به نه نهاريس، جنهنڪري مجبوريءَ سندس پيڇو ئي ڇڏي ڏنائين.

علم طبعيءَ جي ڪن تجربن ۾ برف ڪتب ايندي آهي. تجربي - گهر ۾ اسانجي جاءِ دروازي جي بلڪل نزديڪ هوندي هئي. جڏهن جڏهن برف سان واسطو رکندڙ تجربي جو وارو ايندو هو ته دوستن کي نوتو ڏبو هو: اوهان کي برف جا گولا هنيا ويندا. اسان گولا پٽ ڪري ڪيا هوندا؛ سائنس ۾ جنهن جي فرق وانگر گهڻيون رکڻ ايندا هئاسين ته اچ ڳنڍي ڪائڻ لاءِ بيڊرڪ هليا اچجو. پوءِ تجربو ائين ٿي پيو پاڻون چٽيندو هو، اسين وتندا هئاسون برف جا ڳنڍا سنگتين کي پهچائيندا!! تنهن کان سواءِ ڪي تجربا روشنيءَ سان واسطو رکندڙ هئا. انهن ۾ شيشن وارن عينڪائي اُستادن کي هر هر چڪاس لاءِ گهرائي ٽڪائيندا هئاسين!! شايد اهوئي ڪارڻ آهي جو وڳيان ۾ اهڙو چاهه نه جاڳيو، جنهنڪري ٻهريون سال پاس ڪري وڃي اِنٽر آرٽس ۾ داخل ٿيس. ڪاليج جو ٻهريون سال اِجهو ائين کيل تماشي ۾ جهٽ گذري ويو.

ٿيندا ته قدرت جو ڪارخانو ڪيئن هلندو!!! پر خار انهيءَ
ٽان تي آيم ته جي ڪاليج جا ڪارپرداز هيئن عاشق
جيئرا ٻٽيا، ته ڪاليجي جوانن کي کهڙو ڏوهه ڏيو! مون
اڳيان هڪدم چمڪ جو چهرو ڇٽو اچي بيٺو. چمڪ
مون سان گڏ سڪول ۾ پڙهندو هو. سٺو ڇوڪرو
هو، شڪل جو صفا ۽ سهڻو، واپاري گهر جو ٻار، هو
شوق ۽ شغل ڪري ٿي سگهيو. سڪولي اوستا ۾ هن
ڪا خاص ڏيکاري نه ڏني، ڪنهن ٻه طرف وهلور وڃڻ
جي. پر ڪاليج ۾ اچڻ سان هن جو ڦڙڪو ٿي ڦري ويو!
هيٺريون ساريون ڇوڪريون ڏسي مڙس مست ٿي پيو.
پڙهڻ ڳڙهڻ وسري ويس. نئين ڪان جا لڳيس، سو
چمڪ پٽن تي واپس ڇو ٿو اچي! خاص ڪو امتحان
پاس ڪري ٿي نه سگهيو!! خير. ڪٽمنڙن جي خريداري
تي پوري، ۽ گراهڪن پنهنجو پنهنجو رستو پڪڙيو.
ٻئي ڏينهن ڇونه علم طبعيءَ جي تجربي جو وارو هو.
واه جو وجهه هو! هيريءَ سنڌي هير، ٽنگ پڳي ٻه نه
لهي!! ڊيمانسٽريٽر صاحب هرويرو انهيءَ نينگر واري
طرف پڳو بيٺو هو. شوي کي آڪ پڳي، وڏي واڪي
چيم ته ”شوا جي ڪٽا ڪٽمنڙا ڪانٽا هڻني ته ٻندر روڀ
ايڪسٽينشن جي لالا اسٽور تي جام رکيا آهيئي.“ اهو
آواز ڊيمانسٽريٽر ٻڌو- سندس چهري مان اهو ظاهر هو.
پر هو منهن جو اهڙو ته پڪو هو، جو ڇوڪر جو پاسو ٽڏهن
پڻ ڪين ڇڏيائين. انهيءَ تي مون راڳ ڌهرايو. تڏهن

سؤ منجهان اَنن مارڪن جا ڪيم، جن ۾ پڻ ڇهن
مارڪن جي مس آس رکيم، باقي ٽوڪل جو ٺرهو هو
ٻلواڻي صاحب جي پيپر تي! ڇڪاس مان محسوس ڪيم
ته پروفيسر صاحب چاوَنجاه مارڪن جي ته ڪيئن به
عنايت ڪندو؛ اِن ڪان آءٌ وانجهجي نٿي سگهيس.
نتيجي ظاهر ٿيڻ تي ٻيڙو پار - آلجبرا ۾ ٥٦، ٻئي پيپر ۾
۴، ڪل پاس مارڪون سٺ!!

ٻئي سال ۾ پڙهڻ تي ته ڏيان ڏيڻوئي هو. هڪ ته
ساليانو امتحان هيل بمبئي وشو ودياليہ وارن ڪئي ونڻو
هو، ۽ ٻيو ته اِنٽر جو نتيجو هميشه ڪسو ۽ ڪاڻ پڌرو
ثابت ٿيندو هو، جنهنڪري انهيءَ اُلڪي جو ڪارڻ
ته ڪيڏانهن يادداشت ۾ ٽالوئي نه هجي! تنهن ڪانسواءِ
جئن ته هاڻ ڪاليج جي وايومنڊل کان پليءَ پٽ واقف
ٿي چڪا هئاسين، تنهنڪري وڏيڪ وقت وڃائڻ فضول
هو. ٻئي سال ۾ پروفيسر پڻ شدمد وارا هئا. انگريزيءَ
جو مک اَڌياپڪ هو پروفيسر ٽلومل آڏواڻي. هوُ اڪثر ريت
انگلستان جي شرومڻي شاعر ۽ ناٽڪ نويس جا ناٽڪ
پاڙهيندو هو. شڪل شاهاڻي، پوشاڪ پوري ڍنگ جي
۽ شاهانٺي، سر تي وارن جو بوجو گهٽ، تن جي توانائيءَ
جو شوقين، تنهنڪري ڪاليج ۾ جو سڀ سنهري اڇو
اوِجل ٿي ايندو هو ته ڇهري سان گڏ مستڪ ٻڻ پيو چمڪندو
هوس. مک انگريزي اَڌياپڪ ڳرائي وارو مڙس هو.
هلندو آهستي هو ۽ پاڙهيندو پڻ ڏيري هو.

١١- پروفيسر

پهرئين سال ۾ ڪاليج سان مس وڃي واقف ٿياسين،
ويرم جهٽ وهامي ويئي، پر ڪنهنکي به سڌ نه رهي.
تنهن هوندي به قسمت سٺائي هئي جو پهرئين سال جو امتحان
ڪاليج پاڻ وٺندو هو، جنهنڪري گهڻي مٿا ڪوه ڪرڻي ڪانه
پيئي. تنهن هوندي به ڪن ڪمن ۾ خبردار رهڻو پيو،
خاص طور حسابن ۾ پهرين سڄاڳ ٿيڻو پيو. حسابن جو
مک-اڌياپڪ هو پروفيسر ٺهلرام ملواڻي. هو ته پنهنجي سر
گهڻو ڀلارو، پر امتحان ۾ ڪهل ڪرڻ کي هُو مها پاپ
ڪري سمجهندو هو. ڌرمراج جي تارازيءَ جي به هرهند
هاڪ وڄل آهي، پر پروفيسر جي تڪ تور ٿهائين تيز!
مان انهيءَ ڪري ذرا گهٻرائجي ويس جو سال جي
شروعات ۾ صحت سٺي نه هئڻ ڪري جاميٽري ۽
ٽرگناميٽري اُصولي طرح سمجهي ڪانه هيم. انهيءَ ڪري
منهنجو سارو مدار الجبرا تي هو، جنهن ۾ هڪ سؤ مارڪن
جو پيپر هو. مونکي انهيءَ پيپر ۾ ٻئي پيپر جي
مارڪن جي کوٽ جو پورائو ڪرڻو هو، ۽ اهو پيپر پروفيسر
ملواڻيءَ کي ئي ٿڪاسڻو هو! پر ايتري پڪ هيم ته جي
حسابن جو پروفيسر رحم ۽ رعايت مان نه ڄاڻي، ته انرٿ
ڪرڻ کان پڻ هُو ونءُ ويندڙ هو. انهيءَ ڪري ڪجهه
ڏيهوم ته محنت ۽ ڌيان سان هنجي پيپر ۾ پنڌرهن ٻارهان پهچي
سگهندا. ٿيو به ائين حسابن جي ٻئي پيپر ۾ سوال ڏيي

مهل ڳالهائڻ ٻيهندو هو تہ جڻ سنڌ جي ڪوٺيا ميل ڇٽي. ڪراچيءَ کان هلي، سڌو ڏؤن دابيجي! ڳالهائيندو بہ هرڪنهن وشيہ تي هو. ڪيس تقرير جي نينب ملي تہ ناڪار پٽيءَ کين ڪندو هو ۽ اهڙي جوش ۽ جذبي سان ڳالهائي ويندو هو، جو ڪنهن کي بہ لڪ کين پوندي هئي تہ هوُ ڪو محنت ڪري خاص طور تيار ٿي آيو هو. تنهن ڪانسواءِ سنڌس خيال جي رفتار ڳالهائڻ جي رفتار کان گهڻو تيز رهندي هئي، جنهنڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي اڪر ڪاٽي ويندو هو ۽ فعلن جي ڪا بہ سمڪ نہ رهندي هئس؛ پر چاڪاڻ تہ سنڌس ڳالهائڻ جي رفتار ڪافي تيز هئي، تنهنڪري ڪنهن کي بہ سنڌس وياڪياڻ ۾ گهٽ وڌائيءَ جي سمڪ نہ پوندي هئي. سنڌس لکڻ ۾ بہ ڳالهائڻ وارو لهرو جاري هو. هن کو خاص ڳرنٿ کين رچيو، پر مخزنن ۾ سنڌس ليکن جي لانڌ هلي ايندي هئي. سنڌس لکڻيءَ ۾ اکرن جي اوڙڪ پيئي وسندي هئي. ڳالهائڻ ۽ لکڻ ۾ رفتار ۽ لهري سبب پروفيسر لالسنگهہ شاگردن جو لاڏلو بڻجي چڪو هو. سنڌس ڦٽا ڦٽ گفتار ٻڌندڙن کي هميشہ اچرج ۾ وجهندي هئي. انهيءَ سبب هوُ جتي بہ نظر ايندو هو اُتي ميڙو متو پيئو هوندو هو. سنڌس ڪونيءَ ۾ چانگہ ڇوڪرين جي سنڌس چوگرد اهڙي تہ چانئي پيئي هوندي هئي، جو ڄاڻ تہ جڻ ڏسڻ ۾ ٿي تہ ايندو هو ۽ ٻاهر وري ڇوڪر وڪوڙي بيٺا هوندا هئس.

سندس بيان ۽ اُپٽار پڻ وڻائتي نوع ۾ مک مان نڪرندا
هئا، جنهنڪري اهي ذهن ۾ ٻنهي پيهي ويندا هئا. ويتر جو
هر گهڙيءَ چشمو لاهي، سفيد رومال سان صاف ڪري،
وري پيو چاڙهيندو هو ۽ رکي رکي همٿ ملائت تي ڦيريندو
هو، ته انجو پڻ شاگردن تي تحسين جوڳو اثر پوندو هو.
سندس ڳالهائڻ مان ظاهر ٿي بيهندو هو ته اِيپاس خاصو
هوس، ۽ پاڙهڻ جي طرز لاثاني. سندس رهڻ ڪرڻ جو
ڍنگ نيارو ۽ اميراڻو. سندس بنگلو ۽ باغيچو، سٺاءُ ۽
سٺاءُ مڙني پروفيسرن کان سهڻو ۽ سٺائو!! خيال پڻ اميراڻا
۽ عاليٰدا. هڪ دفعي ڪاليج جي لٽرري ۽ ڊبيٽنگ
سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ ڀاشڻ ڏنائين، جنهنجي
وشيه هئي: ”شاگرد ۽ پروفيسر“. ڀاشڻ ڏيندي هن فقط
انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته پروفيسر شاگردن جي عزت
جا هر حال ۾ حقدار آهن. ڀاشڻ بعد ٻاهر نڪرڻ تي مون
سندس خيال کي رد ڪري ڏنو. منهنجو چوڻ هو ته
شاگرد پروفيسرن کي مان تڏهن ڏيندا، جڏهن هو اُن
مان لاءِ پاڻکي مستحق ثابت ڪندا؛ عزت ۽ مان جي
چڪ ڪري نٿي سگهجي، اهو اُڳلي جي ورتڻ مان ٻڻجي
جي اندر ۾ پنهنجو پاڻ اُڀجي يا اُڀڻ ٿئي ٿو. پر پروفيسر صاحب
منهنجي اِها منطق اصل ڪين مڃي. آڏواڻي صاحب کان يڪدم
پوءِ انگريزيءَ جو ٻيو پروفيسر هو لالسنگهه اجواڻي. هو
ته جل - ڦٽاڪو لڳو پيو هو! ڳالهائي به تڪڙو، خيال به
تڪڙو ڪري، پڙهي به تڪڙو، ٽهي به تڪڙو!! جنهن

ويس وڳا لاھي، ديسي پوشاڪ پھرڻ لڳو. ديس جي
دونھين ۾ پاڙھڻ جي لڳن آيا لڳي اچيس.

انگريزيءَ جي پروفيسرن ڏاران علم منطق جا پاڙھيندڙ ۽ پنھنجي نالي وارا ھئا. وڏو آڌياپڪ ھو، پروفيسر گيانچند کيولراماڻي. ھُو قداور ۽ گنڀير پروفيسر ھو. ھنجي خيال موجب مڙيئي شاگرد موڳا مٽر ھئا، جن جي مغز ۾ علم منطق جا اُصول پوري نڪاڻي وھارڻ ڪاڻ انھن کي زوردار نموني دھرائڻ جي درڪار ھئي. انھيءَ ڪري ھُو ھرڪا ڳالھ ذھن نشين ڪرائڻ ڪاڻ اُن تي نہ فقط زور ڏيندو ھو، پر اِھا ڳالھ ٻہ چار ڀيرا وري وري چوندو ھو. علم منطق جي مکيہ آڌياپڪ جي علميت ھڪ پنن جي ٿھيءَ ۾ سمايل ٿي ڏٺي. ھُو ليڪچر شروع ڪرڻ کان اَڳہ پنھنجي سفيد ڪوٽ جي مٿئين کيسي مان ھڪ چوٿا ٽيل پنن جي ٿھي ڪڍندو ھو، جنھن جا ورق ھڪ ڪھيءَ ۾ ڪنا ۽ ٽانڪيڪا ٿيا ھئا. اِھي پنا منھنجي ڏيٺھن ۾ٺي ڳاڙھا ٿي چڪا ھئا ۽ سندن ڪنڊون گسي ڦاٽي چڪيون ھيون. اِھا علمي پوٿي پروفيسر صاحب آدجڳاد کان ڪم آڻڻ شروع ڪئي ٿي ڏٺي. پر منجھس ڪھڙو اَمرت ڇٽيل ھو، تنھن جو اَسانکي پتو نہ پيو، ڇاڪاڻ تہ انھيءَ پڇاڻ لاءِ اَسان پاڻ کين پتوڙيو نڪي ڪي انھيءَ جو تخمينو لڳائي سگھياسين تہ ان بنديءَ تي پروفيسر صاحب جو ڪيتري قدر مدار ھو، ڇو تہ اِھا من مستي اَسان تي

تنهن ڪانسواءِ ناول، اخبارون ۽ ٻيا ڪتاب ٻه ٽي جهجها پڙهندو هو، جنهنڪري اکيون سڀ ڇڪيون هيس ۽ بلوري شيشن واري عينڪ پائڻي پيئي هيس، پر دماغ اهڙو چست بڻجي چڪو هوس، جو ڪيس جيئوٽيڪ ڏکيا ۽ اُٽو ٽندڙ ڪتاب پاڙهڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا ته به هُو نِز مثال، آڪاٽيون ۽ نُونڪا ڏيئي، مشڪل خيال آسان ڪري ٻيهاريندو هو ۽ بس ڪتابن ۾ نئون روح ڦوڪي ڪين جاندار بڻائي ڇڏيندو هو.

اَنگريزيءَ جون ٻيون پروفيسر پنهنجو مٽ پاڻ هو. پروفيسر منگهارام ملڪاڻي محنتي مڙس هو. ڪتابن پڙهڻ جو پروفيسر ملڪاڻيءَ کي به ڪو مرض لڳل هو! سندس پڙهائي اَثرائتي ثابت ٿيندي هئي، ڇاڪاڻ ته هُو جوش ۽ جذبي سان پاڙهيندو هو. هُو پاڙهڻ ۾ جڻ پنهنجي جان جو داؤ لڳائيندو هو. هُو جيڪي پاڙهيندو هو، سو پاڻ ڪري ڏيکاريندو هو. سندس ناز نخرا ۽ لٽڪا چٽڪا شاگردن کي خاص پسند پوندا هئا. سندس جان فشاني سندس پاڙهڻ مان ڇتي پيئي بڪندي هئي- سياري جي موسم ۾ به پگهر سندس منهن جي پاسن کان تڪڙين لاٽن ۾ ترڪندو نظر ايندو هو!! ملڪاڻي صاحب شوقين هو. هر انگريزي طرز کان واقف هو، جيئوٽيڪ ولائت مان ٿي ڪين آيو هو. پر ديس لاءِ قرب جي سندس جگر ۾ جدا ڪوٺي هئي. ١٩٢١ع واري قومي هلچل جو مٿس اهڙو اثر پيو جو ولائتي

رفتار سان ڳالهائڻو پوندو هوس. لفظ توڙي جملا، جي سندس زبان مان ٻيڙڪ اُڪلندا ايندا هئا، سي سڀ چٽا ۽ صاف ٻڌڻ ۾ ايندا هئا، جنهن ڪري ڳالهه سمجهڻ ۾ دقت اصل ڪين ٿيندي هئي. سندس ڪنڌ جو اَڌ گول ۾ ترتيبوار نموني ڦيرو هميشه رونق ڀريو هو.

تنهن کان سواءِ فارسيءَ جو پروفيسر پڻ لاثاني هوندو هو. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڪلاس ۾ جيتوڻيڪ ايندو دير سان هو، ۽ ڪلاس ڇڏيندو سوير ئي هو، ته به سندس پاڙهڻي لطف ڀري هئي. سندس هلڻ ۽ ڳالهائڻ ناهوڪو، ۽ شاهاڻو هو. جيتوڻيڪ هُو قد جو ڇوٽو هو، پر سندس پوشاڪ ۽ ڊول ڍنگ، سندس اميراڻي هستي چٽي پٽي ٻڪائي. سندس مرڪڻ، ۽ مشڪڻ نرالي ڍنگ جو هو، ۽ شاگرد، جي سندس چرچو جهٽ ڪين جهٽي سگهندا هئا، سي سندس مرڪڻ تي مرڪڻ شروع ڪندا هئا!

اَسان جو تواريخ جو پروفيسر پڻ واه جو وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ هو. هُو ڪرسچن ڌرم جو هو، ۽ سندس نالو هو، ڊاڪٽر ايڊورين ڊوئارٽ. هُو لکڻ توڙي ڳالهائڻ ۾ ٻولي هميشه چيدي ڳالهائيندو هو. سندس پاڙهڻ جي طرز پڻ نرالي هئي. هُو ڪڏهن به تواريخ جي واقعن جا گهڻا تفصيل ڏيئي شاگردن کي تواريخ پڙهڻ کان ٿڪائيندو يا نهائيندو ڪين هو. هُو فقط انهن ضروري حقيقتن جو پوري پئماني تي ذڪر ڪندو هو،

سوار ڪين ٿي هئي، جو اِها پوئي ٽڳائي ڪجهه تماشو
ڏسون!! باقي ايترو بيشڪ محسوس ڪيوسين تہ علم
منطق جو اهو حصو جو ڪيس سيکارڻو هو، تنهن ۾ اڪيچار
مثالن ڏيڻ جي ضرورت هئي ۽ انهيءَ ڇڙيل ڪتابڙيءَ
۾ اهي مثال ئي ڏنل ٿي ڏنا جي هونءَ پروفيسر صاحب
کي ياد ڪرڻ جو يتن ڪرڻو پوي ها، جو علم جي
اُصولن خلاف هو. پروفيسر گيانچند وطن-دوست هو.
ديس جو سڏ اونائي ١٩٢١ع کان هن سفيد کاديءَ
جي پوشاڪ پهرڻ شروع ڪئي هئي- اِها نہ فقط اسان
جي ڏينهن ۾، پر اڄ ڏينهن تائين، انهيءَ زماني کان
پنجويهه سال پوءِ بہ، بنا ڪنهن ڦيرڦار جي، قائم آهي.
اِها لڳن مهاتما گانڌيءَ ڀارت جي پڙهيل طبقي ۾
پنهنجي پهرين قومي هلچل ڇيري جاري ڪئي هئي، جنهن
جو شڪار پروفيسر منگهارام ملڪاڻي پڻ ٿيو هو. مونکي
علم منطق جي پاڙهڻ ۾ نديو اَڌ ياپڪ پڻ گهٽو پسند
پيو. هوُ هو پروفيسر اي. جي. جيٺمداڻي. هوُ جوان هو،
چست هو، ۽ ڪپڙي لٽي ۽ شڪل شبيهہ ۾ ٺاهوڪو هو.
هوُ ڪلاس ۾ گهڙڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪندو هو، ۽
اَڪثر ريت ميز تي ويهي پاڙهيندو هو. ويتر هڪ ٿي هند
هوندو هو، پر سندس بولتو ڪند اَڌ گول ۾ پيو ڦرندو
هو، جڻ ميز وارو پنکو ڪندو آهي. سندس پاڙهڻ
جي وِشيہ آهڙي هئي جو ڪيس گهڻ اُپتار ڪرڻ جي
ضرورت پوندي هئي، جنهن ڪري سڀو وقت ۽ تيز

هوندو هو. سندس بيان اَهڙو سهڻو ۽ سباجهو، جڻ
ڪتاب پيو پڙهجي. سندس ليڪچر جا نوٽ وٺڻ بعد
ڪتاب پڙهڻ جي ڪا به ضرورت ڪانه پوندي هئي!

جيتوڻيڪ مڙيئي پروفيسر قابل هئا، (قابل ماڻهو
تنهن زماني ۾ هٿ ڪرڻ آسان هو، ڇاڪاڻ ته ڪين
پگهار سٺا ملندا هئا)، ته به ڪڏهن اُتِ ياڪن
جي پاڙهڻ مان البت ڪڪ ٿيو هو. پر انهيءَ سمي
پيرئڊ پنگ ڪرڻ جو مرض اهڙو وچڙجي ڪين چڪو
هو، جهڙو هينئر ٿو نظر اچي. مونکي اهڙي يادگيري
ڪانهي ته مان ڪو ڄاڻي واڻي ڪلاس مان غير حاضر
رهيس. ڪلاس مان تنگ ٿيڻ جا ٻه ڪارڻ ٿي ٿي
سگهيا. هڪ ته وقت تي وشيه بلڪل ئي خشڪ هوندي
هئي، جا جوانن جي طبيعت تي پورڻ واري ڪانه هئي،
۽ ٻيو ته ساڳين ماڻهن کي هر روز ٻڌڻ ڪري به ڪڪ
ٿيو هو، ڇو ته سندن ڍنگ ۽ طريقو هر هميشه ساڳيو!!
تنهن ڪري جڏهن ڇوڪر ڇوڪريون ڪڪ ٿيندا هئا
ته يا ته ٻه چار پيرئڊ پنگ ڪندا هئا، يا ته ڪلاس ۾
ڪجهه چرچو مسخري ڪاهي وجهندا هئا. هڪ لڱا
کي ڪرستان نينگر شيڪسپيئر جون سرڪيون ٻڌي
اچي حيران ٿيا. ڪن عجب انهيءَ تان ٿي لڳو ته
شيڪسپيئر جي هر روز ساراهه مان پروفيسر ٿڪو ڇو ڪين
ٿي! سو ٻيو چاڙهو ته ڏسي، پروفيسر جي شيڪسپيئر
جي ناٽڪ پاڙهيندي، هنن پاڙا اوچتو ئي ٽهڪ ڏنو. آواز

جنهان ۾ فقط قصو صاف ۽ نرتي تي بيهندو هو، پر اِتهاس جي کوج تي دل پيئي ورندي هئي. سندس پاڙهڻ جي اهائي اعليٰ خوبي هئي جو هو جذبي سان ڳالهيون بيان ڪندو هو، جنهن ڪري وشيه جي اَڀياس ۾ دلچسپي وڌندي هئي. پروفيسر ڊونارٽ پار-ويس ماٺو هو. منجهس ڌرمي تعصب يا اوچ نيچ جا هئا. ويچار اَصل نظر نه ايندا هو هر ڪنهن سان رلندو ملندو هو، جنهن ڪارڻ پڻ شاگرد کيس گهڻو پائيندا هئا.

اهڙو ٻيو اثرائتو پروفيسر هو منهنجو گرو-پتا، پروفيسر ڌرمداس ماڙيوالا. هو شانتي پرش ۽ مانيٺو منش هو. هو پاڙهڻ ڪانسواءِ ڪنهن به ٻيءَ ڳالهه ۾ ڪين پوندو هو. چاڪاڻ ته هو نه هو ڪنهن جي هٿينءَ ۾ ۽ نه ڪنهينءَ ۾، ۽ ماٺ ميٺ ۾ پنهنجو ڪم اَڪلائي ويندو هو، ٺهڪري سندس هستي ۾ هڪ اَنوکي بزرگي ڇانيل هئي. باقي پاڙهڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. جيتوڻيڪ هو ڪڏهن به ولائت ڪين ويو ته به جن به يورپين پروفيسرن سندس وقت ۾ پاڙهڻ ڏنا هئا، تن کي هن ٻاريڪيءَ سان جاچي، سندن ڪاميابيءَ جي ڪنجي ڳولي لڌي هئي. هو اڀياس جو ڪوڏيو هو ۽ هميشه ٻيو پڙهندو هو. مان جڏهن ڪاليج پڙهندو هوس تڏهن به کيس ٽيهارو سالن جي پاڙهڻ جو آزمودو هو، تنهن هوندي به پڙهڻ بنا ڪڏهن به ڪين اَچي پاڙهيندو هو. انهيءَ ڪري سندس پاڙهڻ ڇٽو ۽ سوڌو

شيڪسپيئر "فني" (*Funny*) آهي يا نه؟" ۽ ڳالهه
ٽري وڃي.

جڏهن پروفيسر جو پيرنٽ شاگردن جي لحاظ کان
وڏي پوندو هو ته پاڻ ۾ پيئي سس پس ڪبي هئي.
انهيءَ لاءِ پاڻ ۾ چونڪڙيون ناهيون هيون. اسانجي
چوٻاريءَ ۾ چار جڻا هوندا هئا: مان، هرگن ليجوجا،
سيد ۽ چاپا. جدا جدا قسمن جا ماڻهوءُ الائجي ڪيئن
اچي گڏ ٿيا هئاسين- ٻه سنڌي، هڪ گجراتي ۽ هڪ
ميان مسلمان. اسان مڙني مان سيد کي سهڻي انگريزي
لکڻ ايندي هئي. انگريزيءَ جو محاورو ۽ اپياس اهڙو
سٺو هوس، جو قوڙاٽ اڪر آپائتي طريقي ڪم آڻي،
بيان کي زيباور بڻائيندو هو. هو خاص طور پروفيسرن
کي پاڙهڻ مهل ٻاريڪيءَ سان جاچيندو رهندو هو.
آخر هڪ ڏينهن سارو پوتاميل لکي آيو، ۽ چوٻاريءَ ۾
پڙهي ٻڌايائين. هرهڪ پروفيسر جو بيان فرحتي ۽ تز
نموني ڪيل هو، ۽ اهو ليک کي قدر وڌائي، جڏهن
ڪاليج مخزن ۾ ڏنائين ته سيني کيس داد ڏنو ته خود
پروفيسر به چپا اهڙي نوع ۾ لکي سگهندا!! هرگن وقتائتي
ٽيڪا ٽپڻيءَ ۾ پڙ هو، ۽ وقت بوقت پيو چوٻاريءَ کي
وندرائيندو هو. چاپا چوٻاريءَ جو مسخرو هو. آواز
هوس سنهو، ڪلڻ به هوس ڪل جهڙو، ۽ ڳالهيون ڪندو
هو ٽوائيءَ؛ جنهن ڪري چگو چهچٽو لڳائيندو هو. باقي
رهيس مان. منهنجو جي ليڪچر ۾ ڌيان نه لڳندو هو

تي پروفيسر صاحب پنهنجي وياڪرڻ جي غلطين مان ڇرڪ
پري سجاڳ ٿيو. عام ريت اهڙي گستاخي خير ڪو
سنيري!! پر ڇوڪر ڇٽي ذات جا، پيون پيون ڪن
بازار ۾. انهن سان پهچي ڪير! پاڻ پڇتو ڪري،
پروفيسر صاحب ڇوڪرن کان پڇيو، "ڪلو ڇو ٿا؟ اهڙي
ڪلڻ لائق ڳالهه هجي ته ٻڌايو ته اسين به ته ڪو اُنجو لطف
وٺون." انهيءَ تي سنڌين سردار ورندي ڏني ته "سائين،
شيڪسپيئر به ڪو عجيب آدمي ٿي ڏٺو! ڏسو لکي
چا ٿو!!" انهيءَ تي پروفيسر صاحب پاڙهڻ واري صفحي تي
نگاهه نظر ڦيرائيندي، ڳاڙهو ٿيندي، چيو ته "هن صفحي
تي ته ڪا به اهڙي ڳالهه ڪانه ٿي نظر اچي جنهن تي هوند کل
اچي." ان جو جواب آيو ته "سائين، اسين انهي صفحي
جي ڳالهه ٿورئي ٿا ڪريون، فلاڻي صفحي تي ڏسو،
لکي چا ٿو!!" پروفيسر انهيءَ تي تاڙي ويو ته ڇوڪرن
مڙيوئي اُڙ ٻنگائيءَ تي سنڌ رو ٻڌو ٿي ڏٺو. سنڌين ڏيان
ٻئي طرف ٻوڙي رهيو هو، ۽ هيءَ سانگ کل مسخريءَ
خاطر رکيو ويو هو. ڪيس پڪ ڪانه هئي ته اُن صفحي
تي، جنهن ڏانهن شاگردن اشارو ڪيو هو، ڪا کلڻ لائق
ڳالهه آيل هئي. انهيءَ رچنا ۾ ٻيو ڪهڙو غلم رکيو ويو
هو، تنهن جي جاڻ نه هئڻ ڪارڻ پروفيسر صاحب سارو
قصو اتيئي ختم ڪرڻ جي خيال کان چيو: "نهيو نهيو،
جڏهن انهيءَ صفحي تي آياسين، تڏهن ڏسي وٺبو ته

١٢- مشغوليون

ڪاليج ۾ شوق جي بازار به هميشه سرگرم رهندي هئي. عام رواجي ماڻهو ته پنهنجن ٻارن کي ڪاليج ۾ پاڙهڻ جو نه سٽ ساري سگهندا هئا ۽ نه ساهس رکندا هئا. ڪاليج جو خرچ تنهن زماني ۾ ڪو خاص ڳاٽي پيو ڪين هو. شاهوڪارن لاءِ ڪاليج ۾ اچڻ عام رواجي ڳالهه هئي. باقي رهيا وچولي درجي وارا، سي به چاڪاڻ ته اڳتي وڌڻ جي آشا رکندا هئا، تنهنڪري ڪونه ڪسوئي ٻارن کي ڪاليج پاڙهڻ جو پتن ڪندا هئا. شاهوڪاري ٻار جي جوانيءَ ۾ شوق نه ونن ته ٻيو وجهه به وري اچڻوئي ڪين هو، تنهنڪري هوُ ڪاليج ۾ نرڪي ڦڙڪي سان ايندا هئا. تنهن ڪانسواءِ ڪراچيءَ ۾ شخصي نڳڪاءَ جو ٻيو هند نڪاٽو هوائي کهڙو! شاهوڪارن تي ريس ڪندي، وچولي درجي وارا پڻ پنهنجي ڪين پوندا هئا. انهيءَ ڪارڻ ڪاليج فئشن جو مرڪز هو. تنهن هوندي به ڪاليجي ڪن ٽوڙي ڪين ۾ قومي جذبو ڪافي هو. عام ريت برابر ڪاليجي ودياريٿي انگريزي طرز جي هر طرح پنيرائي ڪندا هئا، تنهن هوندي به قوم جي بهبوديءَ ۾ سندن صدق آتاه هو. مثال طور ڪاليج لاءِ اِها هڪ لازمي رسم بڻجي چڪي هئي ته ڪراچيءَ ۾ ڪو به قومي اڳوان اچي ته ڪاليج ۾ سندس

ته مان پيو چوطرف نهاريندو هوس، ته ڪٿي ڇا پيو
وهي واپري! پروفيسرن جي ليڪچر کان سواءِ ڪلاس
۾ وچتر ڪارناما چالو رهن ٿا، جي جيڪڏهن درج
ڪجن ته هڪ خاصو قصو ٺهي پوي. هڪ دفعي ڪو
پروفيسر ڪونه آيو هو، سو سيگهه ڪري، جيڪي اڳين
پيرڊ ۾ ٿي گذريو هو، سو لکي ورتم. ٻئي پيرڊ ۾ پڪ
پروفيسر دير سان آيو، تنهن ڪري وقت وڃڻ نه وڃائڻ
ڪاڻ اهو بيان چوپاريءَ ۾ پڙهيم. سيني ڌيان سان ٻڌو،
پر هرڪو چئي ته ان ۾ گهڻو وڌاءُ هو. بيان ۾ گهڻو حصو
هڪ ڇوڪريءَ جي ڪلاس ۾ پروفيسر بدران پاڻ ڏانهن
شاگردن جو ڌيان ڇڪائڻ جو ذڪر آيل هو. دوستن جو
خاص طور اعتراض اهو هو ته اهڙو نازءِ انداز ممڪن ناهي.
اڃا اها رد بدل چالو هئي ته پروفيسر اچي سهڙيو،
جنهن بعد ڪجهه ڇوڪريون به ڪلاس ۾ گهڙيون.
منهنجي اشاري تي منهنجن دوستن هڪ نينگر تي
جاچ رکي. جڏهن پروفيسر صاحب جو پاڙهڻ ختم ٿيو ته
سيني مونکي ڪيرون ڏنيون ته ”واهه جو ڪيل جو هوبهو
چٽر ڪڍيو اٿيئي.“

ڇڏيو. پر شاباس هجي پنڊت صاحب کي، جو حالتون محسوس ڪري خوشحال ڪان ٻاهر اچي مٿين ڏاڪي تي ڪجهه مهل ترسيو. اُت ڏاڪا هيٺ اسين ڪئميرائن سان تيار بيٺا هئاسين. هرڪو واري وٺيءَ تي ٽڪڙو ٽڪ ڪندو، هٽندو، ٻئي کي وارو ڏيندو وڃي. ڪئين فوٽو نڪتا، پر هرڪو منتظر ته سندس فوٽو سڀني کان سٺو بيهي! جڏهن فوٽا ڇپجي تيار ٿيا ته اُن ٽڻ اها ته، مخزن لاءِ ڪهڙو ٿو پسند پوي!! خوب زور ٻار هليا. پر مان لڄارو، سو ڪنهن کي چوان ۽ ڇا چوان؟ صبر ۾ ويٺي تماشو ڏٺم. آخر فيصلو ٿيو- منهنجو فوٽو بحال ڪيو ويو!! سڀاويڪ گد گد ٿيس ۽ حوصلو وڌيم.

ڪجهه عرصي پڄاڻان خان عبدالغفار خان، سرحد جو گانڌي، ڪراچيءَ آيو. رسم انوسار ڪيس پڻ نينڊ ڏنئي، ڪاليج ۾ گهرايو ويو. ڪيس مون اڳي به هڪ دفعو ڪاليج ۾ ڏٺو هو. ١٩٣١ع ۾ ڪانگريس جي ساليانی بيٺڪ ڪراچيءَ ۾ لڳي هئي. ان موقعي تي سڀ اڳوان اچي ڪراچيءَ ڪٺا ٿيا هئا. اُن پيري گهڻن کي ٿي اڳوانن ڪاليج ۾ آندو ويو هو. جڏهن سرحد جي گانڌيءَ کي سڏ ٿيو ته "ڪجهه ٻه اکر ڳالهاءِ" ته هيءُ پٺاڻ پرش همت ادب جا ٻڌي، چوڻ لڳو ته "مان ڇا چوان؟ آءٌ ته خدا جي خلق جو هڪ ننڍڙو خدمتگار آهيان، قومي فوج جو هڪ رواجي سپاهي؛ جتي اڳوانن ۽ ڪپتانن اوهانکي سمجهه ڀريون صلاحون ڏنيون آهن، اُتي آءٌ ڪهڙي گوهرفشاني ڪريان.

پاسڻ ضرور ٿئي! اهو ڪاليج جي عزت برقرار رکڻ جو مکيه چنڊ ڪري ليڪچرن ۾ ايندو هو!! تنهن ڪانسواءِ فوٽن ڪيڻ جو پڻ ڪاليج ۾ شوق چڱو وڌيل هو.

مونکي پڻ ڪاليج ۾ داخل ٿيڻ سان فوٽن ڪيڻ جي چڪ ٿي. خوش قسمتيءَ سان شهر جي هڪ فوٽوگرافون سان منهنجو جهت سنبنڌ ٿي ويو ۽ جلدئي فوٽن ڪيڻ ۾ هوشيار ٿي ويس. ڪاليج جي ششماهي مخزن ۾ ڪاليج سان مکيه واسطو رکندڙ واقعن جا چٽر چڱي چرچ سان وڌا ويندا هئا. خاص طور قومي اڳوانن جي فوٽن تي چڱي چٽاپيٽي لڳندي هئي. جڏهن مان پڙهندو هوس ته پنڊت جواهر لعل نهرو ڪاليج ۾ آيو. تنهن زماني ۾ هو ننڍي نهيءَ وارن جو مٿي جو مور هڻجي چڪو هو. تنهنڪري جڏهن هو ڪاليج ۾ آيو ته ماڻهن جي پيهه جو ڪاڏوئي ڪين رهيو. ڪاليج ۾ سندس پاسڻ ڏينهن جو ٻارهين بجي رکيو ويو هو، تنهنڪري جڏهن تقرير ختم ٿي ته ٽاڪ منجهند ٿي چڪي هئي. گرمي به غضب جهڙي هئي؛ مٿان جهڙ به جهمر لڳائي. اٿيئي سج پيو ٻڪي، اٿيئي جهڙ پيو ٿئي. اهڙي ويل فوٽو ڪيڻ البت ڪٺن ٿي پيو. مٿان وري پيو مسئلو ڪاهي پيو- ديس جي دلاري جا فوٽو- چڪيندڙ جهجها. تنهن ڪانسواءِ هرڪو پيو اڳيان وڌڻ جي ڪري. هڪ ڏرتني، پيو جهڙالو، ٻين ماڻهن جي پيهه، مٿان فوٽو ڪيندڙن جي چڙهت ۽ چٽاپيٽي، تنهن قصو چڱو مشڪل ڪري

ڦوٽا صفا ڪرائڻ تي ڏسان ته مار! پرنسپال ۽ پناڻ ٻئي گڏ نڪتا ته هئا، پر پرنسپال جي ٽوٽ غائب، ته پناڻ جي ٽنڊ گم! باقي فوٽو سو سٺو، ڇٽو ۽ سهڻو بيٺو هو. اندر ۾ اها ئي آنڌ مانڌ ته مخزن وارا اها تصوير ونندا؟ ٻين ٻه چڱا فوٽا ڪڍيا، پر ڪنهن جي ٻه فوٽي ۾ پرنسپال نظر نٿي آيو، ۽ ڪانگرس سواءِ خان عبدالغفار خان البت اڪيلو ۽ ٻسو پئجي لڳو؛ جنهن ڪري اهو آئت هوم ته منهنجو فوٽو ئي قبول ٿيندو. پر ڇورا ڪورا چالو رهيا جيستين فيصلو ٿئي. سيڻي اها ڳالهه مڃي ته تصوير ڇپڻ جي لحاظ کان منهنجو فوٽو مٿئي ۾ سٺو هو، مگر انهن سڀني مٿي ۽ ٽُوٽ جي ڪٽجي وڃڻ ڪري منهنجي فوٽي خلاف وڏو اعتراض اٿاريو. مون ڪين گهٽ ئي سمجهيو ته اخباري فوٽن ۾ نه فقط اهي اتفاق عام ريت رهن ٿا، پر حقيقت ۾ اهي، نقص جي ڪري ئي، قدر جو باعث ليکجڻ ۾ اچن ٿا. تنهن وقت ڪراچيءَ ۾ اخباري فوٽا البت ڇڏا ڇپبا هئا، جنهنڪري انهن جو قدر ٻه ڪن ڇڏن وٽ هو. مون پنهنجي فوٽي باران مٿو گهٽوئي ماريو، مگر ٻڌيو اهوئي جو مالڪ ڪي ٿي وٺيو! منهنجو فوٽو انهي دفعي مخزن ۾ ڪين ڇپيو!! ڏک ڏاڍو ٿيم، مگر پاڻ کي آئينده لاءِ سونهري آسري جو ڏيڍ ڏيئي، وقت نباهيم.

مان ڪاليج ۾ هوس ته ڪراچيءَ ۾ ودياٿي ڪانفرنس جي بيٺڪ لڳي. ان موقعي تي پارٽ جي ٻرک ٿوري

آءٌ مسڪين، مون‌کي فقط اوهانجي دعا گهرجي، جنهن
منهنجي ٻارن ۾ سگهه رهي ۽ سمجهه ۽ ساڃهه سالم رهي،
جو آءٌ ديس ۽ قوم جي سيوا ۾ ڪجهه قدر سوڀارو ٿيان."
ڪٿا ڀنڀاڻ، ڪٿا سندس نهٺائي ۽ نماڻائي!! سندس
نمرتا مون‌کي تنهن ويل ئي موهي ڇڏيو. تنهن سمي آءٌ
سڪول ۾ پڙهندو هوس. سوهيل جو هيءُ سدآچاري سودائي
سردار ڪاليج ۾ ٿي آيو ته آءٌ پڻ پنهنجي فوٽن ڪيڻ جي
پاڻي ساڻ ڪري، سو پڻ ئي اچي ڪاليج ۾ سهڙيس. هميشه
موافق ماڻهو هڪ ٻئي تي ڳاهٽ ٿي ٿيا. خان عبدالغفار
خان جنهن آيو، تنهن مان تيار ٿي بيٺس، سندس فوٽو ڪيڻ
خاطر. منهنجي هميشه اها خواهش هوندي هئي ته معزز
مهمان سان پرنسيپال صاحب پڻ فوٽي ۾ شامل هجي؛ پر
پرنسيپال ٻناڻيءَ کي ڏيکاءُ اهڙو پسند ڪين پوندو هو،
جنهنڪري رواج موجب فوٽي ڪيڻ مهل هو نظر ئي
ڪين ايندو هو. هن دفعي جنهن ئي معزز مهمان موٽر
مان لٿو ۽ پرنسيپال صاحب کيس پرنام ڪري هال ۾ وٺي
ٿي آيو ته مون هڪدم ڪئميرا جي اک کولي فوٽي
ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي. جان ڪٿي نهاريان ته قصو
ٻيهي نه پيو. گهڻوئي ڪئميرا جا طرف توڙي ڪنڌون
پاسا ڦيرايم، پر پرنسيپال ۽ ڀنڀاڻ گڏ اچي ئي نه پيا سگهن!
ڀنڀاڻ هو قداور ۽ پرنسيپال هو قد جو پورو پنو، تنهن
ڪري ٻئي ماپن نه پيا. آخر ڪئميرا کي آڏو ڪري،
تصوير ڇڪيم. تنهن ڪانپوءِ پڻ هال ۾ ڳچ فوٽا ڪڍيم.

ديس واسيءَ کي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ هرڪو خواهان هو،
خاص طور جوان نهيءَ وارا. رسم انوسار ڪاليج جي
وديارٿين جو سيٺ - موريءَ سان گڏجڻ سياويڪ ۽ لازم
هو. انهيءَ انديشي وديارٿي ڪانفرنس جي صاحب
سيڪريٽري صاحب جي من ۾ ڪٿڪو جاڳايو. جيڪڏهن
شري سيٺ - موريءَ کي ڪاليج وارا پاڻ لاءِ گهلي ويا
ته وديارٿي اجلاس ۾ ڪوئي ڪونه ايندو!! تنهنڪري
چندوءَ (سيڪريٽري) پاڻسان جڻ پرڻ ڪري ڇڏيو ته
سيٺ - موري صاحب کي ڪاليج ۾ ٻهه وڃڻ نه ڏيو.
انهيءَ سال ڪاليج جي چونڊيل عهديدارن ۾ قومي
حوصلو ۽ انساه البته گهٽ هو، تنهنڪري ڪين
سيٺ - موريءَ کي ڪاليج ۾ آڻڻ جو ڪوبه ويچار ڪونه
هو. جيتوڻيڪ مان عهديدار ڪين هوس، ته به شري
سيٺ - موريءَ جو ڪاليج ۾ نه اچڻ ڪاليج جي شان جي
گهٽتائي سمجهيم. تنهنڪري سيٺ-موريءَ کي ڪاليج
۾ پاڻ لاءِ آڻڻ جي جوابداري پاڻتي هموار ڪيم. فوٽن
ڪڍڻ جو ته اڳيئي ويچار هوم، سو ڪاهي ويس بندر تي،
چاڪاڻ ته سيٺ - موري صاحب جهاز رستي ڪراچيءَ اچي
رهيو هو. وقت تي جهاز اچي دڪي سان لڳي بيٺو ۽
شري سيٺ - موريءَ جو سهڻو سواگت ڪيو ويو. مونسان
گڏ ٻيا به ڪجھ جيترا ماڻهو فوٽي ڪڍڻ لاءِ آيل هئا.
سيٺي کي فوٽي ڪڍڻ جو پورو وجهه مليو ۽ هرڪو راضي
ٿي، راهي ٿيو. مون ويچار ڪيو هو ته جئن ته شري

اڳوان شري ستيه - مورتيءَ کي اجلاس جو پرڌان ڪيو
ويو هو. شري ستيه - مورتيءَ جو نالو اسان گهڻي وقت کان
ٻڌو هو. پارٽي اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس ٽڪيٽ تي
چونڊجي وڃڻ بعد هن جيڪو سرڪار ۾ مانڊاڻو ڪاهي
وڌو هو، سو ڪنهن کان لڪل ڪين هو. ستيه - مورتي
ڪنهن ۾ وشيه تي تقرير ڪندو هو ته سرڪاري طبقو
ڪن ڪڙا ڪري چست ٿي وهندو هو، ڄڻ سندن گهر
تي ڪو جبري چڙهائي ڪري آيو هجي! سرڪاري
عملي جون هر دفعي وايون ولڙيون ڪري ڇڏيندو هو.
سڀ عجب کائيندا هئا ته ڪيس خبرون ملن ڪٿان ٿيون،
جنجي آڌار تي هُو سرڪار تي چوٽ ٿو چنبي. هرڪنهن
کي حيرت انهيءَ تي لڳندي هئي ته جن ڳالهين جو
سرڪار کي به احوال ڪين پهتل هو، سي هن ڪانگريسي
کي ڪٿان ٿي هٿ آيون، جو سرڪار جي پٽ ٿي وائڪي
ٿي ٿي ويئي! ستيه - مورتي مدراسي سپوت هو. محنت
۽ اورچائي سندس رت ۾ هئي. هن ۾ ڪافي حوصلو
هو ۽ هن مٿي چڙهڻ جي آشا ٿي رکي. سرڪار ظاهر
ڪيو هو ته پارٽواسين کي رفته رفته لوڪ - راڄ جا حق
ڏنا ويندا. ستيه - مورتي محسوس ڪيو ته "جڏهن اسيمبليءَ
۾ گوهر فشاني ڪندس تڏهن ته آزاد هند ۾ مونکي لائق
عهدو نصيب ٿيندو." تنهنڪري هُو هرطرح خبردار
رهندو هو ۽ سرڪار تي حملو ڪرڻ جو موقعو هٿان
وڃائڻ ڪڏهن ڪين ڏيندو هو. اهڙي هاڪاري

آڻيندڙ عورت فوٽا ڏيڻ جي ٻه پيئي ڪري ۽ نه ڏيڻ
جي ٻه پيئي ڪري! مان جهٽ ٽاٽي ويس ته ڪيس پڻ
هڪ فوٽو ڪپندو هو، سو هڪ ڪيس آڇيندي ٻاقي ٻيا
هٿ ڪيم!! فوٽي ملڻ تي عورت گڏ گڏ ٿي ۽ شڪرانا
مڃيندي وڃي ڪم کي لڳي ۽ آءُ ٻنا ٻر يوجن سڌ ڪرڻ
جي ائين ئي ٿلهو رهجي ويس.

هت ته منهنجو سوال هوئي ڪونه، هت ته ڪاليج
شان جو سوال هو. انهيءَ ڪري پنيا صاحب جي
بنگلي تي جيڪي ٿي گذريو اُن تي مٽيان ڏاڍي
لڳيم. آءُ سڌو ڪاليج ۾ آيس ۽ ڪرتار پنجواڻيءَ کي
ڳولي ڪڍيم. مان عهديدار هوس ئي ڪين، تنهنڪري
آءُ کهڙي حيثيت ۾ شري ستيه-مورتيءَ کي ڪاليج ۾
اچي ڀاشڻ ڪرڻ جي نينڊ ڏيئي ٿي سگهيس؟ انهيءَ
ڪري ڪرتار کي ٻانهن ٻيلي ڪيم، ڇاڪاڻ ته هوُ ڊبيٽنگ
سوسائٽيءَ جو عهديدار هو. ٻئي گڏجي پرنسيپال صاحب
وٽ وياسين ۽ کيس واقف ڪيوسين ته اسين ڇا ڪري
رهيا هئاسين. هن اسانجو اُتساه ڏسي ٻاڻ هلي ستيه-مورتي
صاحب کي ڪاليج اچڻ جي آڇ ڪئي، پر اسان کيس
خاطري ڏني ته "اوهين ايڏي تڪليف نه وٺو، اسين
پاڻيهي ٿا ڪارج سڌ ڪريون." بس پوءِ مان ۽ ڪرتار
ستيه-مورتي صاحب جي ڪڍ پياسين؛ جتي هوُ وڃي
اسين اُتي اڳيئي حاضر. پر ڪانگريسين ۽ ڪانفرنس
وارن اسان سان اها ڪار ڪئي ڇا! اسانکي اڳيان وڌڻ

ستيہ-مورتي ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي اخبار "سنڌ
آبزرور" جي سمپادڪ جو مهمان هو، ٻنهڪري جڻن ٿي
ڪيس فوٽا ڏيکارڻ وچهو، تڻن ٿي ڪاليج ۾ اچڻ لاءِ نيندي
ڏيس. فوٽا صاف ڪرائڻ ٿي دل بهار بهار ٿي ويئي،
چاڪاڻ ته فوٽا بيشڪ سهڻا نڪتا هئا. "سنڌ آبزرور"
جو سمپادڪ منهنجي گهر جي ويجهوئي رهندو هو، ۽
مون سمجهيو ته اندر جي آشا پوري ڪرڻ بلڪل ئي
آسان ٿيندي. مان جو پنيا صاحب جي گهر اچان ته مارا!
هت ته قصو اور لڳو پيو هو!! هر ڳالهه ٿي سختي هئي.
اندر اچڻ ٿي ڪافي بندش هئي. مان البت منجهي
پيس. نيٺ جيڪي فوٽا ساڻ آندا هئم سي بيهي ڏسڻ
لڳس. بس جادو ٿي چڪو. جيڪو پيو لنگهي سو
اک ٽيٽ ڪري پيو فوٽا ڏسڻ جي ڪوشش ڪري.
آخر هڪ عورت دل پڌي مونکان فوٽا ورتا ۽ مٿن
ستيہ-مورتي صاحب جي صحيح ڪرائي ڏيڻ جو انجام
ڏيئي، جهومندي اندر هلي ويئي، ۽ آءٌ لچارو اُنيئي
پيٺو نهاريندو رهيس!! اهو سونو وجهه هوشري ستيہ-مورتيءَ
سان به اکر ڳالهائڻ جو، پر لڄ وچان وات ڪين وجهي
سگهيس!! پر هن عورت اُنجام پاڙڻ ۾ ويرم ڪين وڌي ۽
جهٽ ۾ فوٽا واپس کڻي آئي، پر منجهن به ڪنل هئا!!
هڪ معزز مهمان کي ڏنو ويو هو ۽ هڪ "سنڌ آبزرور"
جي سمپادڪ پاڻ رکيو هو، باقي مڙني تي قومي اڳوان
قرب وچان پنهنجي صحيح ڪري موڪلي هئي. فوٽا

لاڪنا ٽان ڇيهيو! هن اسانجو نئون هڪدم قبوليو ۽
سڏوا صاحب کي هدايت ڪئي ته "تون منهنجو سامان
اسٽيشن تي ڪٽائي وڃ ۽ آءٌ ڪاليج مان پاڻ ڪري
سڌو گاڏيءَ تي اچي سهڙندس." شري ستيه-مورتي جو
سهڻو اثر پڌي اسين حد سرها ٿياسين ۽ سندس ٿورا مڃي
پنهنجو گس ورتوسين. جڏهن ئي ڪاليج طرف وک کنئيسين
ته منهن جو رنگ بدلجي ويو. ستيه-مورتي سڀاڻي ڪاليج
۾ پاڻ ته اچي ڪندو، پر اهو پڌندو ڪير؟ اهو ڏينهن
آرتوار جو هو، سومر ڏينهن اخبارون بند؛ هفتيوار پرچا
آرتوار صبح جو تيار، ڇوڪرن کي ڪيئن اطلاع ڏيون؟
فڪر وڌي ويو، پگهر ۾ شل ٿي وياسين، مگر حل نظر
نه آيو. خير، حالتن کي منهن ڪيئن به ڪري ڏيڻو ئي
هو. ڪانگريسين ۽ ڪانفرنس وارن جو اسان خلاف منصوبو
سٽيو هو، تنهنکي ڪنهن نموني بيڪار ثابت ڪرڻو ئي
هو!! پرنسيپال صاحب کي سڏ سڏائيسين ته هو اُن مهل ئي
بنگلي تان ڪاليج هليو ۽ پاڻ جو اطلاع پاڻ ٽائيپ
ڪري، پٽيوالو گهرائي، پروفيسرن کي اهو ڏيکارڻ لاءِ
اوڏي مهل موڪلي ڏنائين. باقي وديارٿين جي جوابداري
اسانجي ڪلهن تي ئي رهي. اسين به سٽرو هار
باسڻ ڪاڻ هرگز تيار نه هئاسين؛ سو خيال جي رفتار
تيز ٿيڻ لڳي ۽ جهٽ تجويز سجهي آئي. ڪرتار کي
موڪليم خالقڏنه هال ۾. اُتي شام جو شري ستيه-مورتيءَ جو
پاڻ هو. چيومانس ته اُتي وڃي ڪرمچارين دواران

ڏين ٿي نہ!! اسين ٻہ عزت جا ڪوڏيا، بي محابو ٿيڻ
ڪين ٿي چاهيوسين، سو سندن ڏت پت ٿي پئي اعتبار
ڪيوسين. پر اسانجي هٺي ٻيڪہ ڪيدي وڌائون. وقت
ويو وهامندو ۽ معزز مهمان جي مدرا واپس موٽڻ جي
نوبت پڻ اچي سهڙي! آخر ٻر ٿي مون رستم سڌوا، سنڌ
ڪانگريس جي نيتا، کي دڙڪو ڏنو تہ "جيڪڏهن اوهين
اچا ٻہ سٺيہ-مورتي صاحب سان ڪاليج ۾ اچڻ جو ذڪر
نڪا ڪيو تہ آءٌ زوريءَ ساڻس ڳالهائي قصوطيءَ ڪندس."
اٿي مڙس پنو، مگر عادت جي مجبوريءَ سبب وري
ٻہ قصو ٽارڻ جو ڀتن ڪيائين. مون ٻہ ڏنو تہ هاڻ ڪافي
دير ٿي چڪي هئي، ۽ وڌيڪ ويرم وجهڻ واجب نہ هئي.
تنهنڪري جڳن شري سٺيہ-مورتي ٽپال ڪاٽي جي ملازمن
سان گڏجي ٻاهر نڪتو تہ مون ٻہ ڏانهنس وک وڌائي. اٿي
سڌوا صاحب ڏنو تہ هاڻ تہ پت ٿي وانگي ٿئي، تڏهن
چيائينس تہ "ڪاليج وارن جي اوهانجي ڀاشڻ ٻڌڻ تي
ڏاڍي مرضي آهي" پر وري ٻہ ڏاهپ ڪان باز نہ آيو.
پنيان ڏنگ ضرور لاڳو ڪيائين، "پر هاڻ تہ وقت تنگ
آهي، سپاڻي ٻارهين بجي گاڏيءَ رستي روانا ٿي ويندا."
مڪاني ڪانگريس عهديدارن جي اها قوم جي اڳوانن کي
پنهنجي خانگي ملڪيت ڪري ڄاڻڻ جي ڏرت ڪان
مونکي سخت نفرت هئي ۽ اُنوقت پڻ اها نفرت منهنجي
منهن مان چٽي ظاهر ٿي ٿي. شاباس هجي شري سٺيہ
مورتيءَ کي، جنهن سڌوا صاحب کي سندس لاڳو ڪيل

۱۳- پهرين آگسٽ

پهرين آگسٽ ۱۹۳۶ع، ڇنڇر جو ڏينهن هو. ڪاليج ۾ شاگرد ساڃهر ٿي اچي سهڙيا هئا. اڄ لوڪمانيه تلڪ جي ورسي هئي؛ پر ڪاليج کليل ٿي هو. جنهن سڄڻ اسانکي سوراجيه جي سنڌي پياري، تنهنجو قدر اهو ٿيو هو جو سندس ورسي ملهائڻ جي ماڳهين، انهيءَ ڏينهن مورڳو ڪاليج به کليل رکيو ويو هو! وديارٿين ۾ انهيءَ ڪارڻ سخت تاءُ هو. انهيءَ سبب ٿي وايومنڊل ۾ هل هلاچڙ، ڇڪتاڻ، جوش ۽ شور پيدا ٿيل هو. پر سڀاويڪ سوال ٿي اٿيو ته جيڪڏهن شاگردن کي پنهنجو نيتا ايترو پيارو هو، ته هو اڄ ڪاليج ۾ آيا ئي ڇو هئا!! شاگردن جي سفارش پرنسيپال صاحب کي هن باري ۾ ڏنو به هو؛ پر هن صاحب به چار ڳالهيون اهڙيون سڻايون، جو هو لاجواب ٿي موٽي آيا. اڄ بمبئي جو گورنر، لارڊ برابورن ڪاليج ۾ پڌارڻو هو. مهمان لکي ته آءٌ اڄ نڪران ٿو ۽ ٻپهريءَ اچي اوهان وٽ ٽڪاءُ ڪندس، ته اُن کي ائين ته ڪين چئبو ته اڄ نه اڄ، ڇاڪاڻ ته اسانکي اڄ ورت آهي!! ايندڙ سڄڻ جو سواگت ضرور ٿي ڪبو، انهيءَ ۾ اسانجو ئي شان هو!!! ڇا سوتنتر انگلنڊ جي باشندي کي اها سڌ ڪانه هئي ته اڄ لوڪمانيه تلڪ جي ورسي آهي؟ پوءِ هو اڄ ڇو ڪاليج ڏسڻ اچي رهيو هو؟ پيو ڏڻ ڪين ٿي سمجهيس؛ ڪين اسانجي

ڪاليج ۾ ڀاشڻ جي پڌرائي ڪرائي. مان وري رامباغ ۾ آيس، جتي ڪانفرنس وارن جو ونڊر جو پروگرام چالو هو. پروگرام جي چارج ۾ شري آسانند مامتورا هو؛ اُن سان ڳالهه ڪيم، ۽ هن رڳ مڙس هڪدم آواز- ڦهلاءُ رستي ڪاليج ۾ ڀاشڻ جو سڀني کي عمدو اطلاع ڏنو.

ٻئي ڏينهن سهڻي سنهري ڪاليج ۾ وقتائتو اچي وارد ٿيس ته پرنسيپال صاحب مونکان اڳ هال ٻاهران بيٺو هو. پيءُ کي منهن ڏيڻ خاطر وڏيڪ ڪرسيون ٻـ اچي سهڙيون هيون. ڀاشڻ ۾ ٻاقي ڪن پندرهن منٽن جي دير مس هئي؛ مگر هڪ شاگرد ٻه ڪٿي نظر ڪين ٿي آيو!! پرنسيپال صاحب مونڏانهن معنيٰ ڀريل نرت سان نهاريو ۽ منهنجن چشمن واجب ورندي ڏني. اڪ چنب ۾ اللائي خلق ڪٿان اچي پرگهٽ ٿي جو سنئين مورتي صاحب جي اچڻ تائين هال ۾ ٻج چپڻ جيتري به جاءِ نه رهي! واه جو ڀاشڻ ڪيائين. سنڌس جاءِ ونڻ تي تاڙين جو ڦهڪو ڳچ دير تائين هليو؛ پر سڀني ڪان وڌيڪ خوش مان ۽ ڪرتار هئاسين- ڪوڙن ۾ نه پيا ماپون؛ جو چندوءَ ۽ رستم جي رنڊڪن وجهندي به، آخر ڪاليج جو شان قائم رکڻ ۾ ڪامياب ٿيا هئاسين!!

ٻائڻجي ويو. اسانجو ڪاڏي - پوش پروفيسر ڪيولراماڻي،
ڪپتان جي فوجي پوشاڪ ۾، ڪڙو ٿي بيٺو. گورنر صاحب
جي پڌارڻ تي هن ڪاليجي ڪڪن جي فوجي جٿي
(U.T.C.) جي صدارت ڪندي، مهمان کي فوجي سلامي
ڏني ۽ سندس جوڳو سواگت ڪيو. ٻلين!! ڪهڙي نـ،
پوري ڍول ۽ ڍنگ سان سلامي ٿي!! گوري ۽ ڀوري
جي وچ ۾ جو ٻه تفاوت نه رهيو!! پوءِ ته اسانجو پرنسيپال
ٻوڻاٽي، معزز مهمان کي اندر وٺي آيو. ڇا اسانجي
پرنسيپال جي ڳهي، ڇا ڪڙائي! انگلنڊ جي گوري صاحب
سان ائين وڪ ڪٽيندو آيو جڻ ته گورنر پاڻ هو!!

جڏهن گورنر صاحب اسانجي ڪلاس وٽان لانگهائو
ٿيو ته پرنسيپال صاحب ڪان پڇيائين ته "سامهون جاءِ تي
هيترا جهنڊا ڇو جهلي رهيا آهن؟" جنهن تي پرنسيپال
صاحب اُنجي ڪيس واجب ورندي ڏني ۽ مهمان کي
حقيقت ڪان واقف ڪيو. آزاد انگريز، غلام ڀارت جي
نوجوانن جو حوصلو ڀسي، حد پرسن ٿيو. پنهنجي پل پل
۾ محسوس ڪيائين، ۽ پرنسيپال صاحب کي چوندو ويو
ته سڀاڻي تي ڪاليج بند رکي، تلڪ مهراج جي ورسي
خوب ڌوم ڌام سان ۽ ضرور ملائجو.

ٻرندڙ ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لاءِ ڄاڻي ٻجهي اِهو ڏينهن
ڳوليو هئائين!! گهڻي سوچ ويچار بعد سيٺ شاگردن
فيصلو ڪيو تہ ڪاليج جو شان بہ بلند ڪجي، ۽ سوتنترتا
جي صاحب جي عزت بہ برقرار رکجي.

ڪاليج تہ اڄ ٻنهہ ٻهڪي اٿيو هو. پوڙهو پٽر بہ اڄ
پٽي چلڪيو چمڪيو! حق تي سنڌيءَ واري چيو آهي
تہ ”پوڙهو اُٺ بہ ڪنوات لهي“. پر هوءَ سامهون ميٺارام
هاسٽل تہ نس پس نئوورني ٺهي چڪي هئي؛ هر ڪنهن
دري دروازي، ڪانهي ڪوچي مان جهنڊيون ۽ جهنڊا
سس ڪڍيو پٽي هوا جي جهوٽن ۾ جهوُليا. سوتنترتا جي
منتر ڪين مست ڪري ڇڏيو هو. هونءَ تہ ڪاليجي
ڪڪا ڪانگريسي جهنڊن تي اينترا پئسا خرچڻ وارا
ڪين هئا، اڄ الائي ڪيئن آزاديءَ سان ايڏو نينهن
لڳو هون!

وقت ٿيو، گهنڊ لڳو؛ هر ڪو چپ چاپ ڪلاس ۾
پنهنجي جاءِ تي وڃي ويٺو. اسانجو انگريزي جو مول
آڏ ياپڪ، پروفيسر ٽي-ايم- آڏواڻي، پرنسپال صاحب
جو ساڃو هٿ، بہ نئين امنگ ۽ حوصلي، چمڪ ۽ ڏمڪ
سان وراڻدي مان لنگهي ويو تہ ڏسان تہ ”هر هنڌ سڀ ڪم
ٺيڪ ٺاڪ هو ڪين نہ.“

پروفيسرن پاڙهڻ شروع ڪيو. پر اسانجو ڌيان اڄ
سنڌن پاسڻ ۾ لڳي چوتو! اسانجي ساري نظر تہ ٻاهر تماشي
۾ ٿي ڪتل هئي!! ائين ٿي پوڪارو وڳو؛ هر هنڌ سناٽو

تہ ڪيس ”مهاشہ چندو“ سڏڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي
نہ رهيو.

هميشہ موافق جيئن انهيءَ ڏينهن ڪاليج ۾ آياسين
تہ ڪلاسن جي هٿ - تار لڳي پيئي هئي. ذرا عجب
لڳو تہ هيئن اوچتو پڙهڻ کي تالي لڳائڻ جي سازش
ڇو سٽي وئي هئي. وديارٿي ڪاليج جي ڪشادي
ڪمپائونڊ (حاطي) ۾ ٽوليون ٽوليون ڪيو بيٺا هئا. خبر
لهڻ خاطر اڳتي وڌياسين. هر هنڌ ساڳي چرچا هئي.
ڪنهن ڇوڪر جي ڪنهن نينگر سان ڪا ناسازي ٿي
پيئي هئي. نينگر اختياريءَ وارن وٽ دانهين ٿي وئي.
پرنسيپال آئت ڏنس تہ سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو؛ پر
ڇوڪر پنهنجي ڏرت ڪين مڃائي؛ پاڇي موافق سندس
پيڇو ڪندو آيو. هيءَ ٻيچ سهڻ کان ٻاهر هئي. قصو
وڌي ڇڪو هو. اختياريءَ وارن ڪوبہ خاطريءَ جهڙو
قدم ڪين کنيو ٿي ڏنو، تنهنڪري وديارٿين ۾ خاص
تاءُ هو. هڪ طرف پرنسيپال اُسهيو هو ٻمبئي وشوودياليہ
جي بينڪ ۾ ٻهرو وٺڻ خاطر، تہ ٻئي پاسي شاگردن
سول نافرماني شروع ڪري ڇڏي هئي. عام ريت
وديارٿي البت منجهيل پئي لڳا، ڇاڪاڻ تہ تنهن زماني
۾ هيئن ٽڪڙو ستياگره ڪرڻ جي وات اهڙي عام ڪانہ
ٿي هئي، جهڙو هينئر ريل ڇيل ناٽا - ٽوڙ ٽڪرڪ ٿا
هلن. جيئن تہ پرنسيپال ٻاهر هو، تنهنڪري سندس

١٤- مهاشيه چندوُ

چندوُ مونسان گڏ مسٽر منگھارام چيلاڻيءَ جي ماڊل هاءِ سڪول ۾ پڙهندو هو. منهنجي ڪلاس ۾ ٻه چندوُ هوندا هئا. هڪڙو چندوُ نوتنداس ۽ ٻيو چندوُ ڪي. ٻئي شڪل جا موچارا هوندا هئا. نوتنداس جو پٽ چندوُ پڙهڻ ۾ چڱو هو. هوُ محنتي ۽ اورچ هو. سڀاويڪ کيس پنهنجي هوشياريءَ تي ڪجهه ٻانور هو. هنکي پنهنجي حوصلي ۽ هستيءَ جو احساس هو، تنهن سبب ئي هوُ فلڪ سان هلندو هو. قد جو ڇوٽو، پر مغز جو موٽو، چندوُ نوتنداس مئٽرڪ پاس ڪري، وڌيڪ پڙهڻ جي وسعت نه ساري، وڃي نوڪريءَ تي چڙهيو. تان ۽ نيپال ڪاتي ۾ گهڙيو ۽ پنهنجي علميت ۽ عقل انوسار ڪاتي ۾ چڱو چڙهيو. هينئر خبر ناهي ته ڪٿي آهي. پر مهاشيه چندوُ ته مان اڄ به سڃاڻان. بمبئيءَ ۾ کيس ڳولي لهڻ آسان آهي.

چندوُ جڏهن سڪول ۾ پڙهندو هو تڏهن سندس ڪابه خوبي يا خاصيت ظاهر نه ٿي. نڪي ڪي وزي جڏهن ڪاليج ۾ آيو ته پهرين ٻن سالن ۾ ڪو خاص ٻوٽو ٻاري يائين. پر ٽئين سال ۾ خوب وارو وريو ويس ۽ هوُ ڪن پل ۾ هڪ عام رواجي وديارٿيءَ مان هڪ ڀلو ڀلارو اڳوان بڻجي پيو. سندس جيوت جي رنگ ڍول ۾ پڻ ڪافي تبديل اچي وئي. اڃا چندوُ ڪاليج ۾ نئي هو

ٿيو آهيان، ته لازم آهي ته ڪجهه جلوو ڏيکاريان." سو ڏينهن رات من چٽ مسئلي جي حل ڳولهڻ ۾ هڪ ڪري ڇڏيائين. خوب مغز ٻوڙيائين نه، رڳو قصي خاطر خواهه نموني نبيرڻ ۾، پر اهڙي نُور اختيار ڪرڻ ۾ جو ماڻهو ڪيس مڙس ڪري مڃين. اها اُستادي ۽ ڏاهپ، ڪيڏ ۽ چترائي، جا هن چالباز دنيا ۾ گهڻو ڪي ڪتب ٿي اچي، سا ٻاءُ چندوءَ خوبيءَ ڪتب آندي. ميمبر مقرر ٿيڻ سان ٻاءُ چندوُ بلڪل گنڀير ٿي ويو- ٻين شاگردن کان گهڻو الڳ ۽ ڏور، هميشه ڪنهن ڳوڙهي خيال ۾ غلطان. ريل ڇيل ڪنهن سان ڪين نظر اچڻ لڳو. سڀ ائين سمجهڻ لڳا ته اڳوان آهي ته چندوُ!! چندوُ ته ڪن سرلا رکندو هو، سو ڏاڍي ويو ته سندس اختيار ڪيل نُور نيڪ هئي. جڏهن ته ڪاليج جو مسئلو هاڻ وڏي مڪاني ۽ شهري سوال ٿي چڪو هو ۽ هرڪ نگرواسين جو قصي سلجهائڻ ۾ همت ٻيو، ته ٻاءُ چندوُ هڪ وديارٿي-اڳوان مان بدلجي هڪ ناگرڪ-اڳوان بڻجي پيو، ۽ شهر جي مکيه نيتائن سان پڻ اهڙي ڍنگ ۾ ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لڳو، جڻ هو پاڻ وديارٿي هو ڪٿي! اُن سان گڏ هو شهر جي مکيه سڙڪن جو سئر ڪرڻ لڳو. کاڌيءَ جا ڪپڙا، مٿان جواهر صدري، اُن مٿان اوني شال، مٿي تي کاڌي ٽوپي، هٿ ۾ سهڻي ڳن سان لڪڻ ۽ ٽورو پٺيان مولو شريف، شرڌالو شش، ڪراچيءَ جي گاندي روڊ تان هر روز شام جو لنگهندا نظر ايندا هئا. هاڻ چندوءَ کي "مهاشيه چندوُ"

واپس موٽڻ تائين ڪو به قدم ڪڍي نٿي سگھيو ۽ هڙتال
بنا ڪنهن خاص ٽري ٽڪاءَ جي چالو رهي.

جڏهن ئي پرنسيپال واپس وريو، تڏهن ئي اچي اَجگر جي
منهن ۾ پيو. پر هوءُ شير مڙس هو، سو دل ذرو به نه
لڏيس، جيتوڻيڪ هاڻ نعرا بلند ٿي ويا هئا ۽ وايومنڊل
۾ ترشي ڪاهي پيئي هئي. هڪ ڏينهن ڪاليج جي
ڪشادي ڀڪيل ايوان ۾ ٻه چار ڄڻا بيٺا هئاسين ته ڪي
نوجوان اسان ڏانهن وڌي آيا ۽ موڙڪي اچي چيائون ته
”پرنسيپال سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ وديارٿين جي هڪ
ڪاميٽيءَ جي ضرورت آهي. اسانجي مرضي آهي ته
تون ان سفارت سان وڃڻ سويڪار ڪرين.“ زبان-داني
۽ ڪلڪ-ڪاريءَ سان سڪول واري زماني کان چاهه
هوم، پر هيءَ آڇ ڪانه قبوليم، ڇو ته منهنجو گر-پتا
ڪاليج جو اَڌ ياپڪ هو. پاسي ۾ جو چندوُ بيٺو هوم،
سو آيلن کي چيم ته مون بدران ڪٽي چندوءَ کي ساڻ
ڪريو. هنن منهنجو مان رکي چندوءَ کي اَئڪشن ڪاميٽيءَ
تي مقرر ڪيو. اهو چندوءَ لاءِ سونو وجهه هو. منجهس
جي لڪل لياقتون هيون، سي نڪري نروار ٿيون.
هيلتوڻي سندن آزمايش لاءِ ڪو به موقعو ميسر نه ٿيو هو.
جنهن ڪارڻ اهي ڪنهن ڪنڊ پاسيرو پيون رهيون.
پر هاڻ هنن گهر پيهي آيل نوٽي جو انڪار ڪين ڪيو.
چندوءَ کي هاڻ انهيءَ اُلڪي اچي ورايو ته ”هيل توڻي
ته انهن پئي تڳيو آهيان ۽ هاڻ جو ڪاميٽيءَ جو ميمبر

١٥- سونهري شغل

مان اڃا اسڪول ۾ پڙهندو هوس ته امي ڪي اڇي اُڻ تڻ ڪنيو ته پٽ جهٽ پرٽايان. هڪڙي ڏينهن گر-ٻرهمڻ اچي ڪنهن ڪارڻ گهر سهڙيو ته سعيو ڪري اُن کان منهنجي چٽي واچايائين. ٻانيڻ ٻيو ڇا ٻڌايس تنهنجي مونکي چٽي يادگيري ڪانهي، باقي هڪ ٻه ڳالهه اڃا دل تي اُڪري پيئي اٿم. پهرين ڳالهه جا ٻانيڻ چيئي، سا اِها ته "اَمڙ، وهيءَ اُنوسار نينگر شادي نه ڪندو." انهيءَ تي امي خاص خوش ڪانه ٿي، جنهن ڪري مهراج ٻيو جملو اُتي ڳنڍي، ڪارڻ مان ڪسر ڪرڻ جو يتن ڪيو. "پر شادي ڪندي چوڪر گهر ٻارن سان جهنجهي ڇڏيندو. اوهين هونءَ ته ٻارن جا آهيو سوڪتا، پر هن نينگر مان سڀ ڪجهه ٿيندو." جيئن ئي انهيءَ تي امڙ جي منهن ۾ ڪجهه سرهائي آئي ته ٻانيڻ ٻيو ڪجهه ٻڌايو، جنهن تي امي باقي ٻه گد گد ٿي ويئي. چيائين، "ڪڪي ماءُ، تنهنجو نينگر بيشڪ ڀاڳوان ٿي آهي." ٻارن ٻچن جي ته مونکي ڪا تڪڙ ڪانه هئي، پر پنهنجي ڀاڳ بنسبت ٻرهمڻ جو شبد وچن دل کي جنسي ڇهٽي پيم- مان بيشڪ سڀاڳو ثابت ٿيو آهيان. اسڪول توڙي ڪاليج ۾ ۽ اُنکان پوءِ جن ٿي سنستائن سان منهنجو ڪو واسطو پئي رهيو آهي، تن انهيءَ عرصي ۾ اهڙا جشن منايا آهن يا ٻين سان گڏ اُنهن ۾ ڀاڳ پئي

سنڌ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چاڙهو ڪونہ هو. پر اسان دوستن
سان چندوءَ اهڙو ئي هلندو رهيو جهڙو اڳي. مهاشيہ چندوءَ
کي اها وديارٿي عرصي واري اڳواڻي چڱو ڪتب آئي
آهي. انهن ئي سنڌس قدرتي خوبين ۽ خاصيتن کي ظاهر ٿيڻ
جو وجهہ پڙ پيو ۽ سنڌس حوصلو ۽ آتم وشواس پختو ٿيو.
چندوءَ پوءِ بہ پاڻ چڱو موڪيو ۽ دوستن جي اها دعا اٿس
تہ اڃا بہ وڌيڪ وڌي ويجهي.

سنہ ١٩٣٥ع ۾ انگلنڊ جي بادشاھ ۽ ھندستان جي
شھنشاھ جارج پنجين، خير سان پنھنجي راڄ جا پنجويھ
سال پورا ڪيا، جنھنجي سڄوري شان ۾ انگريزن ساري
انگريزي سلطنت ۾، جنھن تي اُنھيءَ ٽاڻي سج دائما
روشن ھو، ”سلور جبلي“ ملھائڻ جو اعلان ڪيو. ھر ھند
جارج پنجين جي جبلي ملھائڻ سان گڏ اھڙن جشن جي
دنيا ۾ اچي ڇيڪ ڇڙي. انھيءَ لھر جو اثر اسانجي
ڏيارام ڄيٺمل سنڌ ڪاليج تي بہ ٿيو. جنوري
١٩٣٧ع ۾ اسانجي ڪاليج وديا ڦھلائڻ جھڙي اَمولڪ
ڪاريہ جا پنجاھ سڪيارٿا سال پورا ٿي ڪيا. تن ڏينھين
اسانجو پرنسپال ھو ٻناٽي صاحب! پرنسپال ٻناٽي
ٻول ۽ دانا مڙس ھو. ڪيس ھر ڪم عمدي ريت اَڪلائڻ
جي طرز ھر ھميشھ ياد ھئي. خيال آيس تہ ڪاليج جو
سونھري شغل نہ رڳو ضرور منائجي، پر ڀيڪي سان ۽
اھڙي پيماني تي، جو سڀڪو ڏسي اسانتي رشڪ ڪري!
پنھنجن رفيقن سان ضروري صلاح مصلحت ڪري، جھٽ
جلسي جو خاڪو تيار ڪري ورتائين. اھو خاڪو جلد
ظاھر ڪيو ويو، ۽ سڀ ڪم نيڪ ريت راس ڪرڻ لاءِ
ڪاميٽيون مقرر ٿي ويون. جبليءَ جو پروگرام اھڙو تہ
عمدو رٿيو ويو، جو شاگردن توڙي پروفيسرن جو اُمنگ
۽ اُتساھ چوٽ چڙھي ويو، ۽ ھرڪو جلسي جي تياريءَ ۾
ڪجھ نہ ڪجھ ڀرو ونڻ لاءِ منتظر رھيو. جھٽ
ڪاميٽيون پنھنجي پنھنجي ڪم ۾ جنبي ويون، ۽ ١٧

ورتو آهي، جن مان دل ور ور ڪري ٻهار ٻئي
ٿي آهي. انهيءَ جو خاص ڪارڻ اهو به آهي جو اِنهن
شغلن ۽ شادمانن ۾ مون به ڪجهه داد حاصل ڪندڙ ٻهرو
ٻئي ورتو آهي. سڪول ۾ ٿي هوس ته ڪراچيءَ ۾ ساري
هندستان جي وديارٿين جي ساليانيءَ بيٺڪ لڳي.
انهيءَ عاليشان اجلاس جي سلسلي ۾ هڪ عمدو اِتهاسڪ
نماءُ به سٿيو ويو هو، جنهن لاءِ مون مغلن جي ايامڪاريءَ
جو چٽرن سان سينگاريل هڪ سندر نقش تيار ڪري
ڏنو. انهيءَ تي اختياري وارن ساراهه-پتر سان پلاند پري،
منهنجو مان مٿي ڪيو. ڪاليج ۾ آيس ته اُنجو پنجاهون
جنم-ڏن اچي سهڙيو، جو حد ڌام ڌوم سان ملهايو ويو.
اُن ۾ به ٻهرو ورتم ۽ لائق انعام جو حقدار بڻيس. انهي
ريت ٻين به گهڻن ئي جشنن ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو
اٿم، جن ۾ نصيبن سان مان شان بلند ٿي ٿيندو رهيو آٿم.
پڪ اٿم ته پيريءَ سبب جڏهن هند ڪاليج کان رخصت
وٺڻ کان اڳ، اُنجي "سلور جبليءَ" ۾ ضرور ڀاڱو وٺندس؛
۽ ٻانيڻ جي اڳڪٿيءَ جي سچائيءَ جو آخر ٽوٽي جڳهه اڳيان
ثبوت رکندي، ڪيس جس جو ڀاڱي بڻائيندس.

پر انهن مڙني جلسن ۾ پنهنجي ڪاليج جي سونهري
شغل کان وڌيڪ شاندار شادمانو مان ڪين سڃيران!
ماڻهن جا ميڙ ۽ خلق جا ڳاڻا ڳاڻا ٻيا پڻ ڏٺا اٿم، جي
اُن کان پيماني جي لحاظ کان ڪٿي اڳرا هجن، پر حب
۽ هيج ۾ اُن کان بهتر ٻيو نه ٿيو، نه ٿيندو.

سينگاريل سنڌرين جو مڌرسر ۾ ڳايل هيٺيون گيت هرڪنهن کي صاف ۽ چٽو ٻڌڻ ۾ آيو:

سنڌ ديش ۾ سنڌ ڪاليج آهه، علم عقل جي ڏياٽي،
اخلاقن جي جوت جڳايون، اسين وديا جا جاٽي؛
ذات پات جا ڀيد مٽائي، ڪريون ايڪتا جاري،
سبق سکي شل يڪمشتيءَ جو، سنڌ هند سڀ ساري،
ڪاليج علمي مات پتا آهه، جبلي جلسو ملهايون،
پنجاهه ورهين لاءِ ڪيائين شيوا، گيت گڻن جا ڳايون.

پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي جوڙيل مٿئين گيت ڳائڻ بعد ٻن شاگردن نبي بخش بلوچ ۽ آنند ٻجلاڻيءَ هن موقعي لاءِ خاص تيار ڪيل شعر پڙهيا، جي پڻ سڀني کي پسند پيا، ۽ جن جو داد هنن لڳاتار تاڙين سان ڪيو. پوءِ پرنسيپال ٻٽاڻيءَ پنهنجي تقرير شروع ڪئي. ”دوستو، اوهان سڀني کي هتي هن ريت ڪٺو ڏيل ڏسي، مونکي ازحد خوشي ٿي ٿئي...“ اهڙو عاليشان ميڙ نظر مان ڪيڏندي ڪنهن کي نه خوشي ٿيندي! جن سڀڻن تي سنڌ کي فخر ۽ ناز هو، سي مڙيئي سنڌ ڪاليج ۾ ئي پڙهيا هئا، ۽ منجهائن گهڻ پنهنجي ڪهني ڪاليج جي سڏ تي هڪدم اچي حاضر ٿيا هئا - ديوان ڀوڄسنگهه پهلاجاڻي، ٻرڪ وڪيل ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ٻهريون چونڊيل پرڏان؛ مسٽر ڪارڊيرو ژنويئر، بمبئي علائقي جو پوسٽ ماسٽر جنرل؛ سر غلام حسين هدايت الله، سنڌ جو ناميارو مکيه وزير؛ ديوان روپچند بيلارام، سنڌ جو

جنوري ١٩٣٧ع کان ڪافي اڳ اهڙا بندوبست ٿي ويا، جو هرڪو خوش ۽ بهار پئي نظر آيو. هاڻ فقط انهيءَ سڀاڳي ڏينهن جي اچڻ جي دير هئي.

آخر اهو ڏينهن به اچي سهڙيو. ڪاليج ۾ رسم موافق انهيءَ ڏينهن بند هو. سونهري شغل جي شروعات شام جو ڪاليج جي ڪشادي راند واري ميدان تي ٿيڻ ٿيل شاميانا ۽ معزز مهمان جي مهور تي تقرير سان ٿيڻي هئي. سڀ ڏينهن ڦيرن پائڻ ۾ وڃايوسين ته ڪيڏانهن پاڇولا اوله طرف لڙڻ شروع ڪن ته اسين تماشي ڏسڻ لاءِ تياري ڪريون. انهيءَ ڏينهن هرڪو ٻڙهيل نوجوان تونڙي پيرسن، ڦٽي ڦوڪارو ڪري، اڇا ڪپڙا اوڍي، اچي ڪاليج جي راند - گهر واري حاطي ۾ سهڙيو. جن کي لڪيل نوتا ڪين هئا، سي ٿوري گهٽي تي چڙڪ ٻري پاسيرا ٿي ٿيا، جئن نينديو ڏنل مهمان بنا ارچڻ اندر وڃي پنهنجي پنهنجي جاءِ ورتن. هيڏو سارو پنڊال هميو ويو هو، ته به پورو ڪين پيو. جهٽ ۾ چڪار ٿي ويو، ۽ چوگرد ۽ چوطرف ماڻهو اهڙا سٿيا بيٺا هئا، جو ڪٿي ترڪڻ جي جاءِ به ڪانه ٿي نظر آئي.

پوري سادي ڇهين وڳي پردو کڄيو، ۽ مهور تي ڪارروائي شروع ٿي. انهيءَ ويل لقاءُ ڏسڻ وٽان هو. پردي مٿي ٿيڻ تي ڪئي ٿيل آتاه خلق ۾، جا هوند پيا به اهڙا ۽ مذبذب واري وچي، هڪدم شانتي ڇانئجي وئي. انهيءَ شانتي - مئه وايومنڊل ۾ ڇهن سفيد ساڙهين سان

جو سچ پچ استعمال ڪري ڏنو آهي، سي ساڪ سان
چٽي سگھن ٿا ته اسانجو اهو انومان ٺيڪ نه آهي. اسين
جيڪڏهن جس ۽ سک چاهيون ٿا، ته انهن سڀني صلاحن
جي پيروي ڪريون!!“ سڀني ائين سمجھيو ته ڪليڪٽر
صاحب اهي ڪي درپرد ٻڌائيندو جو حاضرين جا حوصلا
خطا ڪري ڇڏيندو، پر هن اعليٰ دماغ عالم عام رواجي
ڳالهين جو اهڙي ته شاندار نمونو ورنن ڪيو، جو هرڪو
انهيءَ پڪ ڪري ويٺو ته جن صلاحن کي فقط واتو ويٺي
دهرائيندا آهيون، تنکي يڪبارگيءَ عمل ۾ آڻڻ جي
ڪوشش ضرور ڪبي.

هنن تقريرن دوران ڪاليج جي سونهري شغل جو
بيشڪ سهڻو آرنڀ ٿيو، پر مهورتي جلسو ائين ختم ڪين
ٿيو. هرڪو هاڻ ڪاليج طرف وک کڻڻ لڳو. جڏهن ڪچهري
روڊ تان هلندا هلياسين ته عجب نظارو نظر آيو. حشام
ماڻهن جا ڪاليج کي گهيرو ڪيو بيٺا هئا. سڄو شهر ڄڻ
اتي اچي پلٽيو هو. هڪڙو ڪاليج جي عمارت اڳيئي
عاليشان، ويتر جو پروفيسر شيخ جي شخصي نظرداريءَ
هيٺ اُن کي بجلي بتين سان جهنجهيو ۽ سينگاريو ويو
هو، ته رات جي سياهيءَ ۾ اِن نس پس پرستان جو پسارو
ٿي پيش ڪيو. اِنهن اَڪيچار شمعن جي رنگين شعاع
ميلن جي مفاصلي تان ماڻهن کي مست ۽ مفتون ٿي ڪيو،
۽ سندن ٽمڪ ٽمڪ ڪين ويجهي ديدار جو نوتو ٿي ڏنو.
اهڙي آڇ ڪير نه انگيڪار ڪندو! ٻڍا ۽ ٻار، زالون

جڊيشنل ڪمشنر، پرنسيپال لوبو، خانبهادر نبي بخش، ڀاولپور رياست جو وزير، شري ايڇ. ڪي. ڪرپالاڻي، پهريون سنڌي ڪليڪٽر، جڳهه پرسند هوائي. باز آئسپي انجنيئر، مسٽر ڊي. ايف. ڪراڪا، آڪسفورڊ يونين جو پهريون هندستاني صدر، سڳورو جمشيد نسروانجي مهتا- وت نالا ڳڻهندو ۽ يادداشت تي چاڙهيندو. اهڙو ڪو ڀرڪ شخص نه هو جو ڪراچي ڪاليج ۾ نه پڙهيو هو، اهڙي ڪا جاءِ سنڌ ۾ ڪانه رهي هئي، جنهن جا جوان ڪنهن سمي سنڌ ڪاليج ۾ وديا جا جاڻي نه اچي ٿيا هئا.

پرنسيپال صاحب جڏهن ڪاليج جو جنم ڪان جبلي- جشن توڻي اتساه پرئي نوع ۾ دلڪش نقش چٽيندو هليو، تڏهن هرڪو حاضرين پنهنجي پنهنجي ڪاليجي ايامڪاري جو ڀيهر ڀيٽو لطف وٺندو رهيو، تانجو تقرير ختم ٿي ٿي وئي، جي ڪٽي هو اُن نشيلي حالت مان واپس آئن. پرنسيپال صاحب واه جي تقرير ڪئي! ڇا سنڌس آدرشي ويچار، ڇا سنڌس رسيلي تنوار!! آخر تاڙين جو ڦهڪو پورو ٿيو، ته معزز مهمان شري ايڇ. ڪي. ڪرپالاڻيءَ، پهرئين سنڌي ڪليڪٽر، پنهنجو ڀاشڻ شروع ڪيو. هن سليس پر اُثرائتن الفاظن ذريعي حاضرين کي ذهن نشين ڪرايو ”ته ڪاليجن ۽ سڪولن ۾ جيڪي صلاحون پرائجن ٿيون، سي هن فريبي دنيا ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ ظاهري طرح ڪارگر نٿيون لڳن، پر جن انهن

انگريزن جي سنڀال هيٺ شروع ڪيل هو. هن ۾ ٻي
سنڌي وائي آهي ته ”ڇوڪر ڇتيءَ ذات جا ٻون ٻون
ڪن بازار ۾“- ۽ کهڙي به ٽيننگ جي نڪ مان ور لاهڻ
۾ هوند ويرم ڪين ڪن، ننهنڪري هن محفل جي
موقعي تي ٻيو نه، ته گهٽ ۾ ڪاڏي ڪتائڻ جي
ضرور ڪوشش ونن ها! اهڙو انديشو سياويڪ هو. پر
اهڙي قسم جي ڪار. يا ٻي ڪا اٽڪلندڙ ڳالهه اصل ڪان نه
ٿي. اُنسنا شايد ٻڌا هجن، سٺون شايد سٺيون هجن،
پر رنگ ۽ رونق مٿن اهڙا غالب پئجي ويا تي ڏٺا،
جو مانجهي مڙس موج ۾ مگهن ۽ مست ٿي ويا، ۽ مستيءَ
جا منصوبا ڪين اُنهيءَ ويل سجهيا به ڪين!! هيترن مهمانن
جو ڪاني جو پربند ڪرڻ سولو ڪينهي! پر اهو بلڪل
آسان ٿي پيو ڇاڪاڻ ته خوراڪ ڪاميٽيءَ ڪي جنگ جوانن
جو سهڪار ۽ ساٿ هو. محفل-خاني کي ٻارهن حصن ۾
وراهيو ويو هو ۽ هرهڪ حصي جي نظرداريءَ لاءِ ٻه
پروفيسر ۽ ڇهه شاگرد سهڪاري-شيوڪ طور مقرر ڪيا
ويا هئا. انهيءَ ڪانسواءِ بورچيخاني جي نگاهه ۽ اُنيجي
ڪم جي اُڪلاءَ ۽ ٻاسڻن برتنن جي جوڳي بندوبست لاءِ
جدا ماڻهو رکيا ويا هئا. محفل جي ڪاميابيءَ جو مول
ڪارڻ اهو هو جو هر ڪم لائق ۽ خاطرخواه هٿن کي
سونپيو ويو هو.

ڪاني جي مقرر مهل کان گهڻو اڳ شاگردن شاميانـي
۾ اچڻ شروع ڪري ڇڏيو. اڄ هرڪو شاگرد نينگين

۽ مرد، غريب ۽ شاهوڪار، هر ذات ۽ عمر، هر ڪرت ۽ حال جا ماڻهو ٻلين جي نماءَ تي ائين ڇڪجي آيا هئا جئن پتنگ روشنيءَ تي. ڪراچيءَ ۾ هڙئي اندر-ٻري ڪير سڃيري !!! ٻتيءَ جي سينگار سان ڀوڙهو پڙر پرڻ نوجوانيءَ جي هام هڻي رهيو هو، ۽ ڦوهارا ۽ ٽلاءَ عطر اوت جو هڳاءُ مچايو بيٺا هئا. ڪراچي ڪاليج، ڪاڪ واري مومل جي ماڙيءَ کي شهه ڏيئي ڇڪو هوا! مومل فقط ڪي جزوي مينڌرا ليڏايا هئا، هت ته هرڪو مينڌرو ٿي نظر آيو، جو هڙئي حسن تان قربان ٿي ٿيو!! هن پرستان جي ڇهڇٽي مڙني کي موهت ڪري ڇڏيو، ۽ جيتوڻيڪ مقرر وقت تي ٻئيون وسايون ۽ ويئون، ته به انڪان ڪيتري دير پوءِ تونڻي ۾ ماڻهو ڳاهت ٿيا بيٺا رهيا ۽ انجي اچا تونڻي ڇرچا پئي هلي. ڪاليج جي سونهري شغل جي شروعات واه جي ٿي. اُت ڏينهن سانده ٻلين جو نشو ونما هليو ۽ انئي ڏينهن خلق اونجي رهي، ۽ هن دنيا ۾ پرستان جو جيئرو جاڳندو مشاهدو ماڻيندي رهي.

ڪاليج جي سونهري شغل جي سلسلي ۾ مهورتي جلسي ڪانپوءِ مکيه اسم هو شاگردن جي محفل. محفل جي موقعي تي واه جي موج متي! شروع ۾ ائين سمجهيو ويو هو ته هزار کن شاگردن جي ڪانئي ۾ ضرور ڪو ڪچرڪلو مچندو. اڳي ڪڏهن به اهڙي محفل نه رٿي ويئي هئي، نه ڪئي ويئي هئي. تنهن ڪانسواءِ نوجوان نينگرن ۽

هو، فقط شاگردن جي وڻڻ جي ڏيڍر هئي. هن جاءِ ولاري مس، ته ڪانو وائڻ شروع ٿي ويو. شاگردن کي اختياري وارن سمت - رڇيون سي ڪين پلٽي ڏنيون، تنهن هوندي به هرڪو چپ چٽي اُٿيو. جيڪي به طعام تيار ڪيا ويا هئا، سي نه فقط لذيذ ثابت ٿيا، پر هرڪنهن کي سڀ ڪجهه جهٽ پٽ ۽ ٻوڙ ٽي ٻه نصيب ٿيو. جيڪي به رسوئي - شيوڪ مقرر ڪيا ويا هئا، تن کي جيتوڻيڪ پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ لاءِ ٻه ڪ ڊوڙ ۽ گهڻي مٿا ڪوه ڪرڻي پيئي، ته به مرڪ سندن مکڙي تي براجمان رهي. تنهن ڪانسواءِ سيني کي سماءُ پئجي چڪو هو ته جن پليٽن ۽ ٿالهين ۾ ڪين طعام پروڄجي مليا هئا، سي مڙيئي سندر نينگرين ٿي صاف ڪري، منجهن ڪانو پاتو هو. انهيءَ ويچار ته ڪهڙي نازنين پنهنجن نفيس هٿن سان ناز ۽ هيڄ مان اهي برتن صفا ڪيا هئا، جن ۾ رسوئي پئجي آئي هئي، مهمانن جي من ۾ هڪ انوکو ۽ موهيندڙ لطف لهرايو ۽ جڻ انهن اکڙين نشانن دوارا هو انهن نازنينن جو درشن ڪري رهيا هئا. نه فقط طعام سوادي ۽ نگهبان ناز ۽ انداز ڀريا هئا، پر چرچي گهڻي جي بازار به گرم مٿي بيٺي هئي، جنهن محفل کي وڌو اوچ ڏيارو. آهستي آهستي ڪاني جو وارو هلندو هليو، تانجو هرڪو ڪاني چڙهيو. وقت اهڙو وندر ۾ نبريو جو ڪنهن کي به اها سمڪ نه رهي ته ڪاني جي محفل ٻاهي کي پنج ڪلاڪ گذري چڪا هئا!

مرد ين تهي آيو هو. اڄ جي محفل تي ٻ جيڪڏهن هوُ
پنهنجو جلوو نہ ڏيکارين، تہ ٻيو اهڙو سونو وجهہ وري
ڪين ملڻو ٻ هو ڇا!! دنيا آهي ٿي ٻاهرئين ڏيک جي،
تنهنڪري شاگردن اهو عقل جو ڪم ڪيو هو جو پاڻ
کي ڏاهي سينگاري آيا هئا. شاميانې ۾ گهڙندي هرڪنهن
کي هر طرف چلڪاٽ ۽ چمڪاٽ نظر اچڻ لڳا، جنهن
ڪري ڪانئن پاڻ تہ صفا وسري ويو- گهر ڇڏڻ ويل
آرسيءَ ۾ پنهنجو روشن عڪس ڏسي، ائين ٿي سمجهيو
هئائون تہ سندن جهڙو مور ٻيو ڪونہ هوندو! پر هوُ ٻين
کي ڏسي دنگ رهجي ويا. ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ جي رسم
بعد گفتگو جي نوبت آئي. شڪر مالڪ جو، جو اڄ
ڇوڪرين جو ڪامن - روم (Common oom) واري
روڻ راڪسڻ واردات تي نازل ڪانہ ٿي هئي، جنهن
ڪري ٻنا ڪنهن روڪ جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ٻيٺي
پاڻ ۾ دل وندرائي. بندش جي ديوار جي هيٺان اوچتو
ڪافور ٿيڻ جو ڪنهن ٻ اجوڳو فائدو ڪين ورتو. ذات
پات، ۽ درمي پيڊ، جنس ۽ طبقي جا نفاق ۽ ننڍ وڏايون
وساري، هڪ چشمي جو آب ورتائيندڙ، هڪ جاءِ جا
جائي، هڪ ٻئي سان صحبت ۽ سنگت، کل ۽ خوشيءَ ۾
ائين جنبي ويا، جو فرشتن ٻ هن محفل جو لقاءُ ڏسي
رشڪ کاڌو هوندو!!

اوچتو گهنڊ وڳو ۽ هرڪو جتي ٻيٺو هو اُتيئي ويٺو
ڪٽي ويهي ويو. ڪانو تيار هو، پليٽن ۾ پرچجي چڪو

ٽي حاضر ٿيس. رانديون چالو ٿيون، پر منهنجو من منجهان
ڪٿان ٿو لڳي! منهنجو سڄو خيال انهيءَ ڏانهن پئي
ڊوڙيو ته آخر آءٌ گورنر صاحب کان اِنعام وٺندس ڪين!!
ڳچ مدت بعد ميڙ ۾ اوچتو چرپر ٿي، جنهن تي مس
ڪري خوابي دنيا مان هن جهان ڏانهن ڌيان ورايم.
گورنر صاحب اچي ويو هو. ڪجهه مهل ڪانپوءِ رانديون
ختم ٿيون، ۽ انعامن سان پريل ميزون اچي ويون. گورنر
صاحب ۾ هيڏا انعام ڏسي ڏڪي ويو ته آخر انهڪي
وراهڻ ۾ ڪيڏو نه وقت لڳي ويندو! مونکي وري اهو
فڪر ورائي ويو ته متان هو سڀني کي انعام ڏيڻ کان
انڪار ڪري، ۽ مونکي هھڙي موقعي تي انعام نصيب
نه ٿئي!! پر اسانجو پرنسيپال سياڻو صاحب هو، تنهن
گورنر صاحب کي دلداري ڏني ته سڀني انعامن ڏيڻ ۾
ڪلاڪ کان مٿي وقت ڪين لڳندو. تڏهن صاحب مس
ڪري سندرو ٻڌو، ۽ منهنجي پيٽ ۾ ساهه پيو. نصيبن
سان انعامن ڏيڻ جي شروعات ٿي ٿي اسانجن انعامن سان.
هاڻ منهنجو سمورو ڌيان وڃي ڪنو پڪارجندڙ نالن جهڻڻ
۾. نالا پڪاربا هليا، انعام اُڪلندا ويا ۽ منهنجي دل ۾
دڪ دڪ تيز ٿيندي وئي. آخر پنهنجو نالو پڪاربو
ٻڌم ۽ ڳات اوچو ڪري اڳتي وڌڻ لاءِ ڪمر ڪشيم،
پر الائجي ڇو جڻ دل ٻيھجي وئي! ٻنهه سامهون، مونکي
ٿي عطا ڪرڻ لاءِ هڪ روڪڙن رپين سان پريل ملائي
سٿين جي سهڻي ڳوٿري گورنر صاحب کي ڏني وئي؛

سونهري شغل جي سلسلي ۾ بيا به گهڻا سندر کيل
تماشا ٿيا - سنڌي ۽ انگريزي ناٽڪ، وچتر کلائن ۽
وگيان - ورتيءَ جا وندر پرياءِ سکيا-دائڪ نماءَ، رانديون
۽ ورزشون؛ پر انهن مڙني کان انعامن ۽ آتشبازيءَ سرسبزو
رنگ رچايو. انعام ۽ آتشبازيءَ جو جشن سونهري شغل
جي آخرين ڏينهن تي رکيو ويو هو. کلائن جي نماءَ
کولڻ کان اڳ انعام وارن اسمن جو فيصلو ڪيو ويو هو ۽
مونکي اطلاع موڪليو ويو ته، مون جيڪا "سانجهيءَ
ٽاڻي سمنڊ جي نظاري" واري تصوير نماءَ لاءِ پيش
ڪئي هئي، تنهن لاءِ مونکي ٻيو نمبر انعام ڏيڻ جو
فيصلو ڪيو ويو هو. اهو انعام مونکي سنڌ جي گورنر
صاحب، سر لانسيلات گرهام جي مبارڪ هٿان ٿيڻو
هو، جنهن لاءِ مونکي مقرر ڏينهن، وقت ۽ جاءِ تي
حاضر رهڻ جو اطلاع ڏنو ويو. انعام جو ٻڌي مان خوشيءَ
۾ نه پيو ماپان! انهيءَ تصوير ڪيئڻ لاءِ آءٌ شهر جي هڪ
ڪنڊ کان سمنڊ جي ڪناري تي ميل پنڌ جا جهاڳي
ويو هوس، ۽ وقت ۽ جاءِ جاچي، عڪس - چٽڪيءَ جي
ماشي کي دٻايو هوم!! هيڏي ڪوشش ۽ ڪشالي بعد
به تصوير عمدي نه نڪري ۽ انعام پلئه نه پوي، ته پوءِ
ڇٽبو نه جڳه ۾ جس ئي نه رهيو. پر ڪلا جا پارکو اهڙو
آنڌ ٿيڻ ڏين ڇو ٿا! انهيءَ ڪارڻ ئي ته مونکي انعام
جي ورڪا ٿي هئي ۽ آءٌ انهيءَ تي قوليو نه پيو سمائجان!!
مقرر ڏينهن، گهڻو ساجهر، سهڻي سنهري اچي مقرر جاءِ

آهستي ڪري معزز مهمان ٽڙڻ پکڙڻ ۽ گهر طرف وڃڻ لڳا. اُن رات ڪاليج جو سونهري شغل، سڀني ڏيهن جي شادماني بعد، پيڪي سان سماپت ٿيو.

آءٌ به، آخر دوستن جي سنگ ۾ گهر موٽيس ۽ گهر جي مڙني ڀاتين کي ڪتيل انعام جو ديدار ڪرايم. رقم جو ته خاص سانگو ڪونه هو ۽ اُنکي خرچڻ ۾ خاص ويرم ڀڻ ڪانه لڳي، پر ريشمي ڳوٿريءَ ته سيني جي دل سرڪي. خود اَمي به خواهان هئي ته آءٌ اها ڪيس ڏيئي ڇڏيان ته هوءَ اُن ۾ روزمره جي خرچ پکي جا پئسا رکي؛ پر منهنجي دل نه ٻاسيو! سوچيم ته جي مان اها ڳوٿري ڏيئي ڇڏيندس ته ڪتيل انعام جي رهي ڪهي نشاني به هلي ويندي!! تنهنڪري اها ڳوٿري سنڀالي سانڍي رکي اٿم ۽ اها اڃا سالم آهي. سمجهان ٿو ته جيئن ته هن سخت زماني ۾ پوين لاءِ ڪجهه ٻچي بچائڻ دشوار آهي، تنهنڪري سندن لاءِ اها ريشمي ڳوٿري اِمداد طور ڇڏي وڃان!!!

پر مان ٻت ٽڪيو بيٺو رهيس. اوڏيءَ مهل اکين اڳيان جڻ آنڌي اچي ويئي. پر ويرم وڃائڻ جو وقت هو ڪٿي! انهن ئي محسوس ڪيم ته آءٌ پٺيان ڌڪبو، اڳيان وڌي رهيو آهيان. دل هاڻ ڌڙڪ ڪرڻ چالو ڪري ڇڏي، جنهن جو گهُوري آواز مونکي چٽو پئي ٻڌڻ ۾ آيو. آخر وڃي گوري صاحب وٽ پهتس ۽ سندس سڳورن هٿن مان انعام حاصل ڪيم، جنهن تي تاڙين جو ٺهڪو اٿيو، جو مونکي البت جهيڻو ٻڌڻ ۾ آيو. آءٌ انهيءَ نيم - نشي جي حالت ۾ئي اچي پنهنجي جاءِ تي ويٺس. انعامن جو سلسلو هلندو هليو ۽ پرنسپال صاحب جي ڪيل قول آنوسار پوري ڪلاڪ ۾ پورو ٿيو، جنهن بعد ئي سونهري شغل جو آخرين تماشو ٿيڻو هو.

مڙيئي مهمان ۽ شاگرد ٻتين جي ٻرڻ وسامڻ تي اکا عجب کائي ئي رهيا هئا ته آتشبازي شروع ٿي ويئي. آتش - بازيءَ واه جو رنگ ڪيو ۽ ڇهڇٽو مچايو. رنگ برنگي ۽ وچتر قسمن جو باروت ساڙيو ويو. ڏياريءَ ۽ شاهوڪار جي شاديءَ ۽ ٻين اهڙن موقعن تي ڪراچيءَ ۾ آتشبازيءَ جا جهجها لقاءَ ڏٺا هئم، پر هڙو ۽ ايڏي پيماني تي بيو تماشو ڪين سنيران! نه رڳو باروت جي سامان آڪاس ڏانهن اُڏامي چوطرف دُور مفاصلي تائين شعاع ٿي ڪيو، پر رات جي سياهيءَ ۾ جڏهن اوچتو اُن مان نڪاءُ ٿي نڪتا ته من موج ۾ جهومي ٿي اٿيو. آتشبازي جو ڇهڇٽو ڪيتري مدت توڙي متو رهيو. تانجو آهستي

ٽڪ ٽون ٽان جليبي ڪان،
جرمن مٿو ٽنهن ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوھ.

ڪجھ وقت ٺريو ۽ ڪجھ پاڻ پريم ۾ ڪنن تي تلڪ مهراج جو نالو آيو. پر انهيءَ ٽاڻي پروڙي نه سگهيس ته آخر هي اهو پارٽ پوشڻ هئو ڪير ۽ ڪهڙي شير جو شڪار ڪيو هئائين، جو گوري گنجي سندس شي نانءُ سڪ ۽ شردا سان ٿي اچاريو! انگريز بهادر جو جنگ ڪٽي هئي سو حوصلوئي وڏي ويو هوس. مڙس همت نه پيو اچي. پر ۾ همت ڪنيو پيو اڏامي. لڙائيءَ ويل پارٽواسين سان ڪيل انجام اقرار ٻنهي وسري ويس ۽ هر ڳالهه مان پير ڪيائڻ جي پيو ڪري. تلڪ مهراج ڏٺو ته شيءِ هٿن مان ٿي وڃي. جي ملڪ کي هن مهل پهري سجاڳ نه ڪبو ته گانءِ ڏاپي ويندي. ٽنهنڪري وڻ گهوڙو نه ٻڌائين. اخبارن ڏواران، تقريرن ذريعي، وٽي ملڪ ۾ ماندانڻو وڌائين. ته: ”آزادي اسان جو جنمي حق آهي، اهو ڪيئن به حاصل ڪنداسين.“ پارٽ ديس ۾ هن للڪار سان ٻهڪي اٿيو. اهي خبرون مون کي پوءِ پيون. شايد اهوئي سبب هو جو هر ڪنهن چڱيري گهر ۾ تلڪ مهراج جي فريم ۾ مڙهيل مورتي ڪنهن آهانٽي جاءِ تي ٽنگيل هوندي هئي، جنهن کي مٿو ٽيڪي مرد ڪم تي ويندا هئا ۽ زالون همت جوڙي آسيس وٺنديون هيون. ٽنهن زماني ۾ انگريز خلاف ٻڙڪ ٻولڻ هو راھ گناھ جان جوکي ۾ وجهڻ؛ اهڙي سمي

١٦- سانپير جي درسنيءَ ڏان

مان جڏهن جنميس تڏهن ڍهل ڍمام وڳا ڪين ٿي،
تنهنجي مونکي سمڪ ڪانهي؛ باقي تنهن زماني ٻاروتي
گولن جي مرگهه - رچنا سان گگن گونججي اٿيو، تنهن ۾
ترماتر به شڪ ڪونهي. انهيءَ ناٽي يورپ جا شير،
انگريز ۽ جرمن، هڪ ٻئي جي ٻڪ ۾ جڪريا بيٺا هئا.
پر ٻاهران ئي ظاهر هو ته، اڃا جرمن جو ستارو زور هو.
انهيءَ ڪارڻ ئي انگريز ۽ سندن ساٿي، جرمن کي ڌاهڻ
خاطر نون شسترن جوڙڻ جي فڪر ۾ ڦيٿا پيا هئا. آخر
جرمن جي قسمت کٿي ۽ انگريزن جي جيءَ ٿي. ڀارت
۾ به خوشيءَ جي لهر ڇانئجي ويئي. سوڀ وارن جنگ
جوٽي هئي جهان ۾ جنتا راج قائم ڪرڻ ڪاڻ، ۽ تنهن
ڪري ڀارتواسين کي اميد هئي ته هيل انگريز ساڻس
ضرور سهج ڪندو؛ ٻئي ڪارڻ نه، ته گهٽ ۾ گهٽ
انهيءَ خيال کان ئي سهين ته جنهن ويل جرمن ڪيس سوگهو
ڪري، گهٽو ڏيئي، ختم ڪرڻ جو خيال ڪيو هو، تنهن
ناٽي سندس حمايتين مان ڀارتي سپاهي ئي هئا جن سر
جو سانگو لاهي، سورمتا ۽ سرجوشيءَ سان، کين موت
جي چنبي مان آزاد ڪرائي، سوڀ جو جهنڊو ڏياريو
هو. انهيءَ سبب گڏ گڏ ٿيندي ڀاڙي جا نينگر پيا
جهونگاريندا هئا :-

مخمل اهڙو لسو ۽ نرم جو ٻلي کٿي جهڙي کل جي ٻه جاء کانہ هئي! اهڙيون سٺيون شيون ڪيئن ٿيون ڪيون!! پر وڏن کي الائي ڇا ٿيو هو جو گانڌي مهراج جي چوڻ تي لڳي، ڪتا ڪٽي اوڇيا هئائون!!!

پر اهو گانڌي مهراج هو ڪير؟ جيستوڻيڪ ننڍڙو هوس، ته به دل تي ته اهو ماڻهو ضرور ڏسجي. اسانجي گهر اڳيان اسپتال واري رستي جي ڇيڙي تي جينين جو مندر هو. هڪ دفعي آواز مان جهٽيم ته گانڌي مهراج انهيءَ مندر ۾ ايندو، ۽ ڀاشڻ ڪندو. مان ته دل ٻڌي سويل ئي وڃي مندر ۾ ڪنڊ وٺي ويٺس. جيستوڻيڪ خلق اچي ٻلٽي، ۽ ٻج ڇٽڻ جي ٻه جاء کانہ رهي، ته به شانتي اهڙي هئي جو سئي ڪرڻ جو آواز به هوند ٻڌڻ ۾ اچي. اهڙي ماڻ سڪول ۾ هيڊماسٽر جي حاضريءَ ۾ به کانہ ٿيندي هئي!! ڀاشڻ شروع ٿيو. گهڻو ڪونہ سمجهيم، جو اڃا ننڍڙو هوس؛ پر اکر جڻ هردي ۾ لنگهي ٿي ويا. گانڌي مهراج ڳالهايو ائين ٿي، جو هر هڪ جملو هوند هينئين سان هنڊائجي! وايومنڊل ۾ هڪ عجب قسم جو آنند ڇانئجي ويو. تڏهن مس سمجهيم ته گانڌي مهراج ۾ ڪهڙو جادو هو، جو ڀڙهيل ماڻهن به سندس ٻولڳي ٿي، سهڻا وستر ٽوڪتا ڪري، ٽلها ويس وڳا انگيڪار ڪيا هئا. پر تنهن هوندي به مان پنهنجي مخملي ٽوپي ترڪ ڪرڻ لاء هرگز تيار نہ هوس.

ڪجهہ سال گذريا تہ هڪ ڏينهن هڪ عجيب اسرار

تلڪ مهراج بيڌڙڪ ڀارت جي آزاديءَ جو ناد وڄائي،
ماڻهن کي آگاه ڪري ۽ اڀاري، ته هو ساڪياڻت ديوتا
نه ڇٽبو ته ٻيو ڇا! پر اسان اُنهن کي کهڙي خبر ته
آزادي ڇا، غلامي ڇا!! اسين ته وڏن وانگر وڃي
تلڪ مهراج جي تصوير کي روزانو مٿو ٽيڪي ايندا
هئاسين، ته من کي وڏي هوندي جيج ڪريئون!!!
ٻاڙي ۾ راند روند ڪرڻ جو ساهس ٿيم، ته ڏسندو
هوس، ته صبح جو سويرو يا رات جو خاموشيءَ مهل
اسان جي گهر وٽان سفيد لباس اوڍيل مرد توڙي زالون
ننڍين ٽولين ۾ ڀڄن ڳائيندا لنگهندا هئا. سندن آواز ۾
رس ۽ پريم ڀريل هو، منجهن جوش ۽ جنبش ڪانه هئي.
پر جو ڀڄن هي سمرڻ ڪندا ويندا هئا، سو مون اڳي
ڪڏهن ڪين ٻڌو هو. نه ان ۾ رام نام تي آيو، نه ڪرشن
پد تي ڳايو، نڪي ڪي گرو وچن تي ڌرايو. چون پيا،
"ست ڪتيو رڀي جيڏيون، اڄهو سوراج آيو." هيءَ
نئون سر ڇپائون تي ته گانڌي مهراج چالو ڪيو هو.
تلڪ مهراج جي چالاڪي تي قوم جي ڀاڳ گانڌي مهراج
کي پهرائي ويئي. هاڻ هڪ نئون دؤر چالو ٿيو ٿي ڏٺو.
ڏسان پيو ته ڀڙهيل ڪڙهيل ماڻهو لسا ۽ سهڻا ڪپڙا ترڪ
ڪري، کهرا ۽ ٿلها ڪپڙا پيا پائين! دل ۾ پيو چوان ته
ماڻهن سان خير ڪونهي؛ هي ڪن ڇا پيا؟ سٺا ڪپڙا
لاهي، دونسا پيا پائين. انهن ڏينهن ۾ اسين ڪامورن
جا ٻار ڪاري کدر جي ٽوپي ضرور پائيندا هئاسين.

۾ آيو ته هوءَ به انهن ئي آڪي رهيا هئا. "سائمن واپس وڃ."
پوءِ خبر پيئي ته پورن ٻهشڪار جو اعلان انهيءَ ڏٻري
سريرَ ۾ زنده دل گانڌي مهراج ڪيو هو، جنهن جي
پيرويءَ انگريز بهادر کي ڏڪاڻي ڇڏيو.

گانڌي مهراج قوم جي اڳوانيءَ جون واڳون ورتيون،
۽ قومي هلچلن جي ڌم چالو ٿي ويئي. ١٩٣٠ع واري
هلچل ۾، انگريزن کي پوري پير تي آڻڻ لاءِ، ولائتي
ڪپڙي جي ٻهشڪار ۽ ديسي شين سان سهڪار تي
خاص زور ڏنو ويو. هر روز ولائتي ڪپڙن جا ڍير آگ
جي حوالي ڪيا ويندا هئا. اهي تماشا ڏسڻ وٽان هئا.
هڪ ڏينهن سڪول سامهون اهڙو جشن منائڻ جو پروگرام
ٺهيل هو. مونکي به ڪڏ ڪنهو جو وڃي شغل ڏسڻ ٻيٺس.
ڏاڍو مزو لڳو پيو هو. مون به چش سان پڻي نظارو ڏٺو.
خبر ٿان پيئي جو شاهينگه رامڪشن پنهنجي چال ماري
منهنجي مخملي ٽوپي ڪٽي مچ ۾ اڇلائي! واويلا ڪرڻ
بيسود هئي. قسم کڻي ڇڏيم ته جيستوڻي ديس آزاد نه
ٿيندو تيستوڻي ولائتي مال وري نه واپرائيندس.

هيڏي شور هوندي به انگريز اک نه پٽي. گانڌي
مهراج به آهستي ويو ٿي ڀارت جي ڏٻري جسم
کي نوبنو ڪندو ۽ منجهس نئون ساهه ڦوڪيندو. کاڌي
پرچار ۽ ڳوٺاڻن هنرن کي همٿائي، ودیشيءَ جو ٻهشڪار
ڪرائي، مهاتما گانڌيءَ ماڻهن جي مالي حالت سڌاري.
هاڻ ڀارتواسي ڪجهه بود ۾ آيا. سامت جو ساهه پٽي هوءَ

ڏنم. هونءَ ته اسان ٻارن کي سا ڪٽڪ پوندي هئي ته اڄ ڪي ٻالا عملدار بندر روڊ تان لنگهڻ وارا آهن ته سا جهڙي تماشي ڏسڻ خاطر اچي تعليم کاتي جي آفيس جي ٻاهرين ديوار تي جاءِ والاريندا هئاسين. پر هن دفعي خبر نه آهي بنا پٽڪي ڪنهن جو حڪم نڪتو، جو انهيءَ خبر ٻڌندي ته اڄ ولائت کان آيل گورا، جي ڀارت کي نون سڌارن ڏيڻ جي جاچ پرتال لاءِ موڪليا ويا هئا، بندر روڊ تان لنگهڻا هئا، ڪوبه ٻار ٻاهر ڪونه نڪتو. نه رڳو اسين ٻارڙا ٻاهر ڪين نڪتاسين، پر وڏا به ڪين ٿي نظر آيا. رستي تي سن سناٽو ڇانيو پيو هو! گاڏيون موٽرون به گم هيون!! اهڙي مانڊ، ڄڻ ڪا راڪاس گهمي ويو هو!!! رستي تي ڪو به ڇهڙتو نظر نٿي آيو. فقط پرينءَ پر، سٽار سنيما جي لاڳيتو، ڪيسري اخبار جي آفيس ٻاهران هڪ وڏو جهنڊو بلند هو. ايڏو جهنڊو مون ڪڏهن ڏٺوئي ڪين هو؛ ۽ اهو هو به سڄو ڪارونئي ڪارو! اهو ڪاري جهنڊي سان ڪنهن جو سواگت ٿي رهيو هو؟ پر اسين ٻار ڪٿي ٿا رهون. سو سيپٽي اچي ڏيلي ۾ مڙياسين ۽ واري وٽيءَ تي ليٽا پائي پئي ڏٺوسين ته سڙڪ تي ڇا ٿو وهي واپري. ڇهت موٽر جي پونڪار مانڊ جو جادو ٽوڙيو؛ پر تنهن هوندي به ڪو ٻئي بشر نڪري نروار ڪين ٿيو. موٽرون جي قطار مانڊ ۾ ئي لنگهي ويئي. مسافرن جي دل ۾ ڪيڪار جو امنگ جم کان اڳ ۾ ئي ڇپيا ٿهي لناڙجي ويو. حق تي سرجان سائمن کي راڄ جو گدڙن اونائيندي پڻ ائين سمجهه

سؤمان جا ڪانڪي هاڻ هوُ ڪنهنجي وٺڻ جا ڪين هئا.
هوُ وطن تان فدا ٿي ٿيا ۽ جان قربان ڪرڻ کان به ڪين
ٿي ڏٺا. گانڌي مهراج مٿيءَ جي ڪيڏوڻن ۾ جڻ فولاد
پريو ٿي ڏنو. پر انگريز کي شهنشاهي نشي ۾ پارتواسي
اهيئي اڳيان ناچ نچندڙ پتليون ٿي پاسيا. انهيءَ ڪارڻ
هن ١٩٤٢ع ۾ قومي اڳوانن کي اوچتو قابو ڪري، قومي
هلچل کي بوسائي نگهوسار ڪرڻ ٿي چاهيو. پر هيل
هوُ ناڪام ثابت ٿيو. جنتا کي آزاديءَ جو اعلان پهچي چڪو
هو: "مري ساه ڏيندا سين پر ڀارت آزاد ڪنداسين."
بي-اڳوان قوم اُٿي کڙي ٿي. سرڪار جون وائون وانهون
سپ بند ڪيون ويون ۽ ڪيترن هنڌ قومي راڄ کڙو ڪيو
ويو. شهنشاهيءَ جو تختو هيٺائين ڪيو ويو. تڏهن
مس انگريز جا ڪپاٽ کليا. پر هاڻ ورٽو ڪي به ڪين
هو. بازي هارجي چڪي هئي. فرنگي بهادر کي جنو
ڀارتي فوج جي ويساه تي فخر هو، سو نيتاجي سباش
بوس ڪافور ڪرائي ڇڏيو. رهيل کهيل بحري فوج به
سندس خلاف بغاوت ۾ اُٿي کڙي ٿي. هاڻ ڪو به حيلو
نه رهيو. ڀارت کي آزاد ڪرڻ کانسواءِ ٻيو چارو هوئي
ڪو نه هو. هڪ لنگوٽيءَ واري ننگي فقير جادو ڪري
ڏيکاريو! جيڪي هزار ورهين ۾ به ڪين ٿي سگهيو هو،
سو گانڌي مهراج ٿيهن سالن ۾ ڪري ڏيکاريو!!

آگسٽ ١٩٤٧ع شروع ٿيو ۽ آزادي جو جشن اچي آيندڙ
سهڙيو. پوءِ جيڪي وهيو واپريو آهي، اهو ته ڪنهن
کان لڪل ڪينهي.